سنڌ جي دربار

(ڪڇ جي مختصر تاريخ، ڀُڄَ جي طبعي احوال سميت)

مصنف:
جيمس برنس

مترجم :
حنيف صديقي

سنڌي ادبي بورڊ

Scanned by CamScanner

Scanned by CamScanner

سنڌ جي دربار

(ڪڇ جي مختصر تاريخ، پَٽ جي طبعي احوال سميت)

مصنف:

جيمس برنس

(سنه 1828ع ڌاري لکيو ويو.)

مترجم:

محمد حنيف صديقي

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2006ع

Scanned by CamScanner

ڇپائيندڙ پاران

جيتريقدر تاريخي حقيقتن جو تعلق آهي، تہ سنڌ ۾ انگريزن جا آڳاٽا پيرا ميان غلام شاھ ڪلهوڙي جي زماني ۾ ڏسجن ٿا. جڏهن ڪمپنيءَ طرفان واپار سانگي انگلينڊ جا واپاري حيدرآباد ۾ اچڻ شروع ٿيا. ٽالپرن جي دؤر ۾، جڏهن ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جون پاڙون ڏکڻ ايشيا ۾ ڪنهن قدر پختيون ٿي چڪيون هيون. دراصل تڏهن ئي انگريزن جي سنڌ ۾ آءَ وڃ ۽ واڌ آئي ۽ حڪمرانن سان عهدنامن جا سلسلا وجود ۾ آيا.

جديد ۽ سائنسي انداز ۾ سنڌ بابت گهٽي ڪان گهڻو مواد انگريزن يا سنڌن دور ۾ لکيو ويو آهي. انهيءَ مواد ۾ ڪتابن، سفرنامن، سرڪاري رپورٽن ۽ ٻئي مواد جو تعداد سَون ۾ آهي. جيتوڻيڪ انگريز دور ۾ لکيل ڪتابن منجهان ٿورو حصو ترجمو ٿي، سنڌيءَ ۾ شايع ٿيو آهي، پر اجا اتاھ مواد پنهنجي اصل حيثيت (انگريزي زبان) ۾ ئي موجود آهي، جنهن کي شايع ڪرائڻ لاءِ سنجيدھ اُپائن وٺڻ جي ضرورت آهي.

سنہ 1843ع ۾ چارلس نيپئر طرفان سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان اڳ، جيڪي بہ انگريز، تجارت توڙي سفارت، سياحت توڙي پڙتال جي حوالي سان سنڌ ۾ آيا، تن سيني ۾ ڊاڪٽر جيمس برنس سيني کان منفرد ۽ اهم آهي. هُو صاحب ٻين انگريز جاڪوڙين جي ڀيٽ ۾ گهڻو عرصو سنڌ ۾ رهيو ۽ ٽالپري دربار طرفان سرڪاري طرح سڏايل مهمان جي حيثيت ۾ ميراڻي محلات منجھ بيمار پيل شاهي خاندان جي رُڪن مير مراد عليءَ جو علاج ڪندو رهيو. ان لحاظ کان سهيوڳي انگريز ليکڪن جي ڀيٽ ۾ کيس ئي حيدرآباد جي شاهي دربار کي جُزئيات جي حد تائين ڏسڻ جو موقعو مليو، جنهن ۾ سموري سنڌ جي اُن وقت هلندڙ ڪار وهنوار جو پيرائتو احوال اچي ٿو وڃي.

ڊاڪٽر جيمس برنس، اُن دؤر جي سنڌ جون حالتون ذاتي مشاهدي ۾ قلمبند ڪيون آهن ۽ ظاهر آهي، تہ سنہ 1828ع جي زماني جو سنڌس معرفت ملندڙ اکين ڏٺو احوال، ٽالپري دؤر جي اوج ۽ عروج جي حوالي سان تاريخ ۾

Scanned by CamScanner

هڪ اهم سند جي حيثيت رکي ٿو. ڊاڪٽر برنس هڪ اهڙي قوم جو فرد هو، جيڪا سنڌ مٿان قبضو ڪري، ڪيس برطانيائي راڄ هيٺ آڻڻ جي رٿا هٿ ۾ کڻي چڪي هئي، تنهنڪري ڏيهي حاڪمن توڙي مختلف قبيلن ۽ مقامي ماڻهن کي نبل ۽ ڪمتر سمجهڻ ۽ انهن لاءِ ڌڪار فطري طرح سندس دل ۾ موجود هئي. بهرحال ان حقيقت کي تسليم ڪندي به چوڻو پئي ٿو، ته سندس حوالي سان سنڌ بابت مليل اڪين ڏٺو احوال، اُن دؤر جي حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو. اهو مواد اڄ جي پڙهندڙ لاءِ وڏي معلومات جو ذريعو بنيو آهي، جيڪو دلچسپيءَ کان خالي نه آهي.

هيءُ ڪتاب پنج پيرا ڇپجڻ کان پوءِ به، پڙهندڙن وٽ وري به مقبول ۽ گهربل آهي. لهذا، مانوارن پڙهندڙ جي طلب کي مان ڏيندي، هيءُ ڇهون ڇاپو پڌرو ڪجي ٿو.

ڄامشورو، سنڌ
اربع ١٧- رمضان المبارڪ ١٤٢٧هجري
بمطابق 11- آڪٽوبر 2006ع

اعجاز احمد منگي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

فهرست

صفحو	عنوان
6	تمهيدي خط
9	سنڌ جي درٻار جو احوال
84	سڪندر جي رستي تي تبصرو

ڪڇ جي تاريخ

صفحو	عنوان
91	تمهيدي قيل ومقال
	فصل: 1. انگريزن جي اچڻ کان اڳ
92	ڪڇ جي مختصر تاريخ جو تمهيدي احوال
	فصل: 2. انگريزن جي لاڳاپي جي
100	شروعات کان وٺي، سنه 1816ع جي عهدنامي تائين
	فصل: 3. سنه 1816ع جي عهدنامي
118	کان وٺي سنه 1819ع جي عهدنامي تائين
137	پڇاڙي

ٻيٽ جو احوال

صفحو	عنوان
146	ممبئيءَ جي طبعي محڪمي جي سيڪريٽريءَ ڏانهن خط
147	طبعي نقطهء نظر کان ٻيٽ جو احوال

Scanned by CamScanner

تمهيدي خط

ڀـُـج جو سفارتخانو،
10- جون 1828ع

ڪڇ جي سفير ڏانهن،
جناب اعليٰ

مان پنهنجي سنڌ جي تازي سفر جو احوال، ۽ ان سان گڏ ملڪ جي حڪومت متعلق ڪي خيال پيش ڪريان ٿو، جي اميد تہ ڪارائتا ثابت ٿيندا. مون کي مير صاحبن سان گهائل مائل ٿيڻ جو اهڙو موقعو مليو هو، جو اهڙو ڪنهن بہ يورپي عملدار کي هن وقت تائين ڪونہ حاصل ٿيو آهي. ازانسواءِ مون انهن جي تختگاهہ ۾ قيام جي دوران، خاص توجهہ ڏيئي، سنڌن عادتن ۽ اخلاق جو مطالعو ڪيو آهي. تنهنڪري مون کي اميد آهي، تہ مان سرڪار جي ڌيان تي، حيدرآباد جي حڪومت جي عجيب نظام متعلق، نئين ۽ دلچسپ معلومات آڻي سگهندس.

سنڌ ۾ مون کي لکڻ لاءِ فرصت گهٽ هئي، جڏهن مون سنڌ ڇڏي، تڏهن مون کي اميد هئي، تہ مان اوڏانهن وري جلد موٽي ويندس، تنهنڪري مون اهڙي باريڪ پڇا ڳاڇا ڪانہ ڪئي، جهڙي ڪرڻ ڪپندي هئي، تنهن هوندي بہ مون معلومات جو ڪجهہ ذخيرو گڏ ڪيو آهي، جو مون کي وڏي اميد آهي، تہ سرڪار لاءِ ڪارآمد ٿيندو. ڪڇ ۾ موٽڻ کان پوءِ، مون کي توهان جي عنايت سان سنڌ متعلق ڪيترن ئي ڪاغذن ڏسڻ جو وجهہ مليو آهي. مون کي تعجب آهي، تہ ڪڇ جي تاريخ ۽ مالي حالت بنسبت ڪيترو مواد، جو مون نئون سمجهيو هو، سو اڳيئي مسٽر "ڪرو"، "سيٽن" ۽ "ايلسن" جي روبڪارين، ۽ "پاٽنجر" جي ڪتاب "سيرِ بلوچستان" (Travels in Balochistan) ۾ اهڙي سهڻي نموني ۾ ڏنل آهي، جو منهنجي لاءِ ان سان مقابلو ڪرڻ محال آهي.

انهن حالتن هيٺ، منهنجي لاءِ ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ آهي، تہ مان پنهنجين ذاتي ڪاروائين ۽ تاثرات جو تذڪرو ڏيان. اها ڳالهہ ڏسڻ ۾ آسان

Scanned by CamScanner

آهي. پر ان ۾ ٻه مشڪلاتون آهن. سنڌ جي مشاهدي، منهنجي دل ۾ جي جذبا پيدا ڪيا آهن. تن جي بيان ڪرڻ لاءِ سرڪاري روبڪارين جي طرز موزون نه آهي، ۽ نه مان اهو مناسب ٿو سمجهان. ته ڪو اُهي هنن ورقن جو موضوع ٿيڻ کپن. پر سرڪار پنهنجي 23- اپريل واري خط ۾ اها ڳالهه مون تي ڇڏي آهي، ته منهنجي روبڪاري جو مضمون ڪهڙو هجي؟ اميد آهي، ته گورنر صاحب پنهنجي عنايت ڪري، مون کي اهڙي مواد پيش ڪرڻ لاءِ معافي ڏيندو. عوام ۾ نقطءِ نگاهه کان ضروري نه آهي، پر اهو صاحب بهادر ۽ سندس رفيقن لاءِ اميد ته دلچسپيءَ کان خالي نه هوندو.

بنده

جيمس برنس

[هيءُ خط اصل ڪتاب جو پاڳو هو. پر ان مان هن ڪري ڪڍيو ويو آهي. ته جيئن ڪتاب هڪ سرڪاري روبڪاري نظر نه اچي. ساڳي مراد سان فقرن کي عدد پڻ ڪونه ڏنا ويا آهن- مصنف]

مير صوبدار خان ٽالپر پٽ مير فتح علي خان.ٽالپر

مير نصير خان ٽالپر 'جعفري' پٽ مير مراد علي خان ٽالپر

Scanned by CamScanner

سنڌ جي دربار جو احوال

انگريزن جي فوج، سنہ 1819ع ۾، ڪڇ کي آخري طرح والاريو، تنهن وقت کان وٺي، اسان جي حڪومت جو سنڌ سان واسطو رهيو آهي ۽ اسان جي طرفان ميرن سان دوستاڻا تعلقات قائم ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون آهن. پر هنن سرڪش ۽ شڪي سردارن، اسان جي سلطنت جي انهيءَ قدم کي هميشه شڪي نظرن ۽ انديشي سان پئي ڏٺو آهي. تنهنڪري هنن جو ورتاءُ اسان سان هميشه غير دوستاڻو ۽ ناموافق پئي رهيو آهي. اڻين آهي، تہ هنن اسان سان جيڪي عهد و پيمان ڪيا هئا، مگر انهن ۾ صداقت ڪانہ هئي. ڪنهن بہ يورپي عملدار کي ڪڇ مان سرحد ٽپي اچڻ جي اجازت ڪانہ هوندي هئي. اسان جو هڪڙو وڪيل، جو سنہ 1820ع ۾، هنن جي وزير جي دعوت تي ممبئيءَ کان سنڌ ڏانهن ويو هو، ان جو سنڌن دربار ۾ ڪو پرجوش خير مقدم ڪونہ ڪيو ويو هو، بلڪ هن کي پرپٺ گهٽ وڌ ڳالهايو ويو هو.

اسان کي ميرن سان لڙائي ڪرڻ جو ارادو ڪونہ هو، تنهن هوندي بہ اسان کي هيسائڻ لاءِ ٻن موقعن تي- هڪڙو تہ تازو سنہ 1825ع ۾، ڪڇ ۾ بہ فوجون تيار ڪري رکيون هيون- انهي مراد سان، تہ اُهي عهدشڪني ڪري، ڀرتپور ۽ برما جي لڙاين جو فائدو وٺن. اسان جي ۽ اسان جي دوستن جي علائقن ۾ ڪاهي پون. ان ۾ ذري جو بہ شڪ نہ آهي، تہ سنہ 1825ع ۾، مياڻن (Meeanan) ڌاڙيلن، جو ڪڇ کي لُٽي سُجو ڪيو هو، تن کي حيدرآباد جي دربار جي ٽيڪ ۽ هُشي هئي. ان وقت، اهو صاف ظاهر هو، تہ اها اسان جي طاقت ئي هئي، جنهن ميرن کي اسان جي خلاف کليو کلايو جنگ جي اعلان ڪرڻ کان روڪيو هو، ۽ انهن کي اسان سان دوستاڻا تعلقات رکڻ جو ڪنهن بہ صورت ۾ ارادو ڪونہ هو. هو اسان جي حڪومت ۽ ان جي يورپي عملدارن کان بيزار ۽ متنفر هئا. ان وقت اها ڳالھہ ممڪن ئي نظر نہ پئي آئي، تہ ڪنهن انگريز عملدار کي، ڪنهن بہ بهاني تي، سنڌ ۾ دعوت ڏيئي گهرايو ويندو، تنهنڪري اسان کي نهايت تعجب ٿيو، جڏهن گذريل 23 - آڪٽوبر تي، ڪڇ جي سفير کي ميرن وٽان هڪ تمام دوستاڻي طرز ۾ لکيل خط پهتو، جنهن ۾ اها استدعا ڪئي ويئي هئي، تہ مير مراد علي — جو گاديءَ وارن ميرن مان

هڪ هو— بيمار هو. ۽ مون کي هڪدم هن جي علاج لاءِ حيدرآباد روانو ڪيو وڃي. اسان کي جي مخفي اطلاع مليا هئا. تن موجب مير صاحب جي حالت اهڙي خطري جهڙي ڪانه هئي، تنهنڪري اسين بدگمان ٿيڻ لڳاسين. ۽ اسان کي انهن جي اصلي مقصد متعلق قسمين قسمين شڪ پوڻ لڳا— ڪن جو خيال هو، ته ڀرتپور جي قلعي جي ڪرڻ، ۽ برما جي لڙائيءَ پوري ٿيڻ ڪري، هندستان ۾ صلح ۽ سانت ٿي ويئي آهي ۽ روسي، ايران ۾ داخل ٿي چڪا آهن. تنهنڪري ميرن اسان جي حڪومت سان دوستاڻا تعلقات قائم ڪرڻ لاءِ، هيءُ طريقو مصلحتاً اختيار ڪيو آهي. هنن، جو مون کي گهرائڻ لاءِ سبب ڏنو هو، تنهن جي صداقت ۾ ڪن ٿورن جو ايمان هو. منهنجن ڪيترن دوستن جي صلاح هئي، ته مون کي سنڌ ۾ جان جي حفاظت جي خاطريءَ کان سواءِ وڃڻ نه کپي.

هوڏانهن مون کي انتظار هو، ته ڪيئن به ڪري سرحد ٽپي، وڃي سنڌ جي تاريخي درياءَ جو معائنو ڪريان. تنهنڪري اها دعوت منهنجي لاءِ نهايت عزيز ۽ خوشگوار هئي، سواءِ ڪنهن اڳ پوءِ ڏسڻ ۽ سوچڻ جي. مون هڪدم خوشيءَ سان تياري ڪرڻ شروع ڪري ڏني. منهنجي تياريءَ ۾ گهڻو وقت ڪونه لڳو. مان 25- تاريخ شام جو، ڀُڄ جي ان سنڌي وڪيل سان گڏ روانو ٿي ويس، جنهن کي ميرن منهنجي حاضريءَ ۾ رهڻ جو حڪم ڏنو هو. پاڻ سان حفاظت لاءِ 21- نمبر ديسي پيادل فوج جو هڪ ننڍڙو دستو، پوني جي سوار فوج جا ڪجهه سپاهي، ۽ ڪڇ جي راجا جا ڏهه- ٻارنهن گهوڙيسوار به ساڻ ڪنيم. ڀُڄ جي فوج جا سپاهي چونڊ جوڌا هئا. ڪين خاص سنڌن قد قامت ۽ شڪل شبيهه جي ڪري، مقرر ڪيو ويو هو. سنڌ ۾ هنن پنهنجو چڱو نالو ڪڍيو هو. ماڻهو ڪين ڏاڍو پيائيندا ۽ ساراهيندا هئا.

ٿوري وقت کان پوءِ، مون جلد ئي محسوس ڪيو، ته منهنجي ساٿي وڪيل کي، سندس شڪي مالڪن، منهنجي مزاج ۽ ڪارواين جاچڻ لاءِ مقرر ڪيو هو. 'ڀر چڪر کي ڀڃي لتر'- تنهنڪري مون به هن سان ساڳئي نموني جي روش اختيار ڪئي. مسافريءَ دوران، هن هر ممڪن ڪوشش ڪئي، ته جيئن مون کي صحيح خبرون نه ملن. بلڪ مون ائين به ڏٺو، ته هن مون سان هڪ دفعو ٺڳي به ڪئي. هو هڪ چالباز ۽ مڪار هندو هو- نالو هوس گوپالداس. هن وقت کي ٿورا هندو وڃي بچيا آهن، جن کي اجا سنڌ جي تعصبي دربار ۾،

Scanned by CamScanner

مسلمانن کان وڌيڪ تجمل، ۽ سياسي چالبازين جي علم هئڻ سبب، زياده اثر آهي. گوپالداس ۾ ، ميرن کي ايترو تہ اعتبار هوندو هو، جو هُن کيس ڪابل جي وزير جي چالبازين معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. هُن مشرقي سياستبازيءَ جي ميدان ۾ ، ٺڳيءَ ۽ ڪوڙ جي پوري پوري مهارت حاصل ڪئي هئي. حيدرآباد ۾ پهچڻ کان پوءِ، جلد ئي مون هن جو پاڻ وٽ اچڻ بند ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ مون ڏٺو، تہ هو جيڪي ٻڌندو هو، سو وڌاءُ ڪري، ميرن ۽ سندن وزيرن، مير اسماعيل شاهہ کي وڃي ٻڌائيندو هو.

مون 28- تاريخ لکپت ۾ پهچي، حڪم ڏنو تہ منهنجو سامان هڪدم موڪليو وڃي، پر منهنجي حيرت جي حد ئي نہ رهي، جڏهن وڪيل چيو تہ: "جيستائين حيدرآباد مان حڪم نہ ايندو، تيستائين مون کي توهان سان، سنڌ ۾ داخل ٿيڻ جي مجال نہ آهي". دڙڪو ڏنومانس تہ: "مان هڪدم پُڇ ٿو موٽي وڃان"، ۽ ڇتايومانس تہ: "ميرن جي مهربانيءَ واري دعوت کان پوءِ، مون کي ترسائڻ ۾، انگريز سرڪار جي توهِين آهي، جنهن لاءِ تون جوابدار ٿيندين".— مگر انهن ڳالهين جو مٿس ڪوبہ اثر ڪونہ پيو. جواب ڏنائين تہ: "جيڪڏهن مان پيو ڪو. قدم ڪڍندس تہ منهنجو سر ويندو". پر آخر هن قبول ڪيو تہ: "مون تنهنجي اچڻ جو اطلاع دربار کي اڳواٽ ڪونہ ڏنو هو، تہ متان تون پنهنجو ارادو بدلائي، مون کي بيعزتو نہ ڪرائين، ۽ منهنجي ٻيڙي نہ ٻوڙائين". انهيءَ ڳالهہ تي مون کي ڏاڍي منيان آئي، پر جيئن تہ ان ۾ ميرن جو ڪو قصور ڪونہ هو، تنهنڪري مون کي صبر سان ترسڻو پيو— جيستائين هن جو قاصد موٽي اچي.

لکپت جي شهر ۾ هڪڙو شاهي ڏنگو قڏو ۽ گهٽن پاسن سان قلعو آهي. ان جو گهيرو اڍائي ميل ٿيندو، ۽ اهو ڪڇ جي اولهائين ڇيڙي ۾ هڪڙيءَ ٽڪريءَ تي سنڌونديءَ جي "ڪوري ندي" نالي، هڪڙيءَ شاخ جي پرسان آهي. انهيءَ نديءَ ۾، سمنڊ جي وِير چڙهندي آهي، جنهنڪري وڏيون ٻيڙيون شهر تائين اچي وڃي سگهنديون آهن. هيءُ شهر اٽڪل ستر سال اڳي، راءِ گوري (Rao gore) آڏايو هو، ۽ ڪڇ جي هاڻوڪي راجا جي ڏاڏي جونالو مٿس پيو.

اهو هن صديءَ جي شروعات تائين هڪ ڪليل معمولي ڳوٺ هو، پوءِ ان کي ڪڇ جو مشهور وزير يا "جميدار" (Jemidar) فتح محمد، ڪوٽ ٻڌارايو هو. وزير شناخت وارو هو ۽ سمجهيائين، تہ ملڪ جي واپار کي ترقي ڏيڻ ۽

هيٺان هوندو هو. قلعي جي ديوارين هيٺان کو هڪ - ٻه ننڍو باغيچو آهي. انهيءَ کان سواءِ شهر جي پنجن - ڇهن ميلن اندر ٻي ڪا ٻہ آبادي ڪانہ آهي. ٿورا ميل پري، ڏکڻ - اوڀر طرف، ٽڪرين جي تري ۾، "واگم چاوڙن جو دڙو" نالي (Wagum Chaora ka ghud) هڪ قلعي شهر جا نشان آهن، جن جو مان پاڻ ڏٺو. تہ اڳي ڪنهن بہ مصنف ذڪر ڪونہ ڪيو آهي. خيال ڪيو وڃي ٿو، تہ اهو شهر نَوَ صديون اڳ آباد هوندو هو. ۽ چاوڙا راجپوتن ٻڌايو هو، جي ان وقت ملڪ جي هن حصي تي حڪومت ڪندا هئا. لکپت جو قلعو انهيءَ شهر جي پٿرن مان ٺهيل آهي.

سنڌ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ مناسب آهي، تہ ان جي تاريخ ۽ انقلابن جو ڪجهہ احوال ڏجي، جن جي وسيلي حڪومت جون واڳون ميرن جي هٿ ۾ آيون.

سڪندر اعظم جي زماني کان وٺي حضرت محمد (ﷺ) جي ولادت تائين، جو نون سَون ورهين جو عرصو گذريو آهي، تنهن عرصي جي سنڌ جي تاريخ تي گهٽي روشني ميسر ڪانہ ٿي آهي، پر اها خبر آهي، تہ انهن ٻنهي واقعن وقت، بختر جي يوناني بادشاهن جي ڏينهن ۾، سنڌ ۾ هندو راجا حڪومت ڪندا هئا. اسلام جي تيز ترقيءَ ۽ عربن جي حڪومت جي اوچتي عروج، هن ملڪ خواهہ ٻين قومن جي تاريخ ۾ هڪ نئون ورق ورايو. هجري سن جو اڃا ويهون سال ئي نہ گذريو هو، تہ خليفي حضرت عمر رضہ الله تعاليٰ عنہ، سنڌونديءَ جي واديءَ جي سرسبز علائقن تي قبضي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن فرات جي ڪناري تي بصري جو شهر آباد ڪري، هڪدم ايراني نار جي بندر "بحرين" کان انهن علائقن کي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ جانبازن جو هڪ دستو موڪليو، مگر سندس اها ڪوشش ڪامياب نہ ٿي. ساڳيءَ صديءَ جي آخر ڌاري، جڏهن اسلام جي جانباز سپاهين، هڪ طرف هسپانيا، تہ ٻئي طرف سمرقند پئي فتح ڪيا، تنهن وقت عرب مسلمانن جي دلين ۾ ڪافر هندن ۾ 'خدا ۽ ان جي رسول جي دين ڦهلائڻ' لاءِ هڪ عجيب جنون پيدا ٿيو هو. ان سان گڏ ڪين پنهنجي نالي ڪڍڻ، ۽ ملڪ گيريءَ جو بہ سوداءُ هو. پر سنڌ جي حالت ۾ ڪين هڪ ٻيو اڻ شانائتو مطلب هو، ....[1] انهن سببن ڪري اميد

[1] خال واريءَ جاءِ تي، مصنف خبر نہ آهي، تہ ڪهڙين حقيقتن جي بناءِ تي اڻ - سهائيندڙ لفظ استعمال ڪيا آهن. هن ترجمي ۾ انهن کي غير ضروري ۽ نامناسب سمجهي خارج ڪيو ويو آهي. (مترجم)

Scanned by CamScanner

کهرائي جي خليفي وليد جي سجستان ۽ قندار واري نائب، حجاج بن يوسف، پنهنجي سالار، محمد بن قاسم کي موڪليو، ته وڃي سنڌس ڀاران سنڌ ۽ هندستان تي قبضو ڪري. ان کان پوءِ، سنڌ سنه 391 هه تائين شام ۽ بغداد جي خليفن جي هٿ هيٺ "سرسبز ۽ شاداب" رهي، تان جو ان سال غزني جي سلطان ان کي فتح ڪيو[1].

پوءِ هلندي هلندي، ملڪ ۾ انقلاب آيو ۽ حڪومت جيون واڳون فاتح ۽ ڪمزور اولاد جي هٿن مان کسجي ويون. ڪجهه وقت لاءِ ملڪ کي ڌارين راڄ کان نجات ملي، ۽ سومرن جي مشهور سنڌي قوم، جنهن جي هٿ ۾ مڪاني حڪومت جون واڳون هونديون هيون، خودمختياريءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ جو موقعو مليو. پر هنن کي جلد ئي محمد کي غوريءَ جي فاتح لشڪر هٿان شڪست نصيب ٿي، ۽ هن جي بهادر جاءِ نشين، التمش سنه 612 هه ۾، پاڻ کي سنڌ جو والي پڌرو ڪيو. سنڌ دهليءَ سان ملائي ويئي ۽ سڄيون ساريون ٻه صديون دهليءَ جي تخت جي خراج گذار رهي. انهيءَ وچ ۾، سومرا ختم ٿي ويا، ۽ انهن جي حڪومت سمه گهرائي جي هٿ آئي، جي ان وقت مڪران جي سرحد تي رهندا هئا. روايت موجب، سما پنهنجو نسل بابل جي زوال کان ڳڍين ٿا: حالانڪ ڪي هندو ذاتيون جي شايد ساڪئي خاندان جي نسل مان آهن، جن مان ڪي شايد هندستان جي پهرين مسلمان فاتحن جي اچڻ تي لوڏجي پکيون هيون، اجا ڪڇ جو راءُ، ۽ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي راجپوت جاڙيجن ۾ موجود آهن. تيمورلنگ جي خوفناڪ حملي، جو ملڪ ۾ وڳوڙ پيدا ڪيو، تنهن ۾ سمن آزادي حاصل ڪئي، ۽ هو ڄامن جي لقب سان ڪيترين پيڙهين تائين، بعضي دهليءَ جي سايي هيٺ ۽ بعضي خودمختيار حيثيت سان، سنڌ ۾ حڪومت ڪندا رهيا، تان جو مشهور بادشاهه بابر جي طاقت ۾ اچڻ سان، هنن جي طاقت به بنهه ختم ٿي ويئي.

---

[1] سنڌ جي تاريخ انهيءَ دوڙ کان به وڌيڪ قديم زماني ۾ سونجهي سگهجي ٿي. چون ٿا، ته سڪندر کان به ٻه سؤ ورهيه اڳ، ايرانين، دارا هسٽئسپس جي دوڙ حڪومت ۾، سنڌ تي قبضو ڪيو هو. انهيءَ دارا هسٽئسپس جو هڪ يوناني اميرالبحر، اسڪائلاڪس، سنڌو درياءَ مان لنگهي، سمنڊ تائين پهتو هو، ۽ سنڌونديءَ جي ڪنارن تي رهندڙ قومن کان خراج ورتو هئائين. ڪن جو چوڻ آهي، ته مقدونيه وارن (سڪندر) سنڌ تي ڪاهه ئي انهيءَ خراج وصول جي ارادي سبب ڪئي هئي. محمد بن قاسم جي چڙهائيءَ وقت جو هندو راجا سنڌ ۾ حڪومت ڪندو هو، سو "ڏاهر پٽ چچ" نالي هو. چچ هڪ برهمڻ هو، جنهن پوئين راجپوت راجا جي وڌوا سان شادي ڪري، تخت حاصل ڪيو هو. هنن جي تفصيلوار تاريخ "چچنامي" فارسي ڪتاب ۾ ڏنل آهي، جنهن جو خلاصو آءٌ حيدرآباد مان پاڻ سان کڻي آيو هوس.

اڪبر جي وقت ۾، جڏهن مغلن جي حڪومت کي صوبن ۾ ورهايو ويو، تڏهن سنڌ ملتان سان لاڳو ڪئي ويئي هئي. بعضي بعضي سنڌ جي دربار ما[ن] مقرر ڪيل جدا نائب به حڪومت ڪندا هئا. اهو دستور نادرشاهه جي ڪا[ر] تائين هلندو آيو. پوءِ نادرشاهه ۽ محمد بڻي (محمد شاهه)جي وچ ۾ جو عهدنام[و] ٿيو، تنهن جي شرطن موجب سنڌ، ايران سان ڳنڍي ويئي. عهدنامي جي مهذب لفظن موجب، محمد شاهه "پنهنجي پدري محبت ۾ برادرانه شفقت" جي ڪري سنڌونديءَ جي ڪناري وارا سڀ ملڪ، جي فاتح جي قبوليت لائق هئا، سي صلح جي ڏن عيوض سندس حوالي ڪيا ويا. هن معاملي طيءَ ٿيڻ کان پوءِ، نادر شاهه پاڻ خود ٺٽي ۾ منزل انداز ٿيو، پر تنهن کان پوءِ جلد ئي نادرشاهه خراسان جي مشهور شهر، مشهد ۾ قتل ٿي ويو، ۽ ميدان سندس سالار، احمد خان سدوزئيءَ جي ڪارستانين لاءِ خالي ٿيو. احمد خان پاڻ کي ڪابل جو حاڪم پڌرو ڪري، دراني حڪومت جو پايو وڌو. ٿوري عرصي کان پوءِ، سنڌ هن جي تابعداري قبول ڪئي، ۽ ان وقت کان وٺي، سندس تابعداري سمجهي وڃي ٿي.

ڪلهوڙن جو خاندان پنهنجو نسل، محمد رسول ﷺ جن جي چاچي حضرت عباس رضي الله تعاليٰ عنه جي اعليٰ حسب مان ڳڻي ٿو. پر سنڌ ۾ انهن جي اقتدار جو باني، ميان آدم شاهه ڪلهوڙو هو. جو اصل بلوچستان جو رهاڪو هو. هو هڪ عابد پرهيزگار شخص هو، ۽ هڪ مشهور مبلغ سيد ميران محمد جونپوري مهدي اسلام جو خاص مريد ۽ خليفو هو. جنهنڪري هُن پندرهين صدي عيسويءَ[1] جي وچ ڌاري چڱو اثر رسوخ حاصل ڪيو. هن جا پويان سندس نقش قدم تي قائم رهيا، ۽ ڪين سندن روحاني طاقت جو حصو ورثي ۾ مليو، ۽ وڏا درويش ڪري سمجهيا ويندا هئا. تان جو سنه 1705ع ڌاري اورنگزيب ڪيس پروانو ۽ جاگير عطا ڪئي. مذهبي تعظيم سان گڏ هنن کي جو دنيوي مرتبو مليو، تنهن هنن جو شان آڦي باقي وڌائي ڇڏيو. آخر ٿورن ئي سالن جي اندر هو وڃي اوج کي رسيا، ۽ هنن کي شهنشاهه جي مُهر سان هڪ فرمان مليو ۽ هنن جي عيوضيءَ کي ٺٽي جي نائبي ڏني ويئي.

---

(1) اهو هڪ عجيب اتفاق آهي، ته هن ساڳئي وقت يعني پندرهين صديءَ جي وچ ڌاري، ٻه مذهبي پيشوا ظاهر ٿيا هئا، جن جو سنڌونديءَ جي ٻنهي پر وارن ملڪن تي نهايت گهرو سياسي اثر پيو هو. انهن مان هڪڙو هو ميان آدم شاهه، ڪلهوڙا دؤر جو باني، ۽ ٻيو نانڪ (گرونانڪ) سکن جو پايو وجهندڙ، جن هاڻي ايترو زور ورتو آهي.

انهيءَ عهدي جو پروانو انڪل سنه 1725ع ۾. ميان نورمحمد ڪلهوڙو[1] کي مليو هو. جو هن خاندان جو چشم و چراغ هو. دهليءَ جي عهدنامي کان پوءِ، نور محمد ايران جو مطيع ٿيو. هن عرض و معروض ۽ خوشامد ڪري، پنهنجو عهدو نادرشاهه کان پڪو ڪرايو: جيستائين هو جيئرو هو، تيستائين هن اهو منصب ماڻيو. سندس وفات کان پوءِ، اهو هن جي وارثن کي نصيب ٿيو. جڏهن هن وفات ڪئي، تنهن وقت احمد شاهه افغانستان جي تخت تي اڏول ٿي ويٺو هو. سنڌ کان خراج وصول ڪرڻ لاءِ، سيوستان جي طرف وڌي رهيو هو. پهريون- پهريون شخص، جنهن هن جي بيعت ڪئي، سو هو ميان نورمحمد ڪلهوڙي جو وڏو پٽ، محمد مراد ياب خان، جو اميرن جي مدد سان مسند تي ويٺو هو، ۽ بادشاهه هن جي منصب جي تصديق ڪئي، پر هو انهيءَ عزت جي لائق ثابت نه ٿيو، ۽ ڪيس معزول ڪيو ويو. ۽ اهو مرتبو سندس ننڍي ڀاءُ، ميان غلام شاهه کي ڏنو ويو، جنهن پنهنجي مڙسيءَ ۽ بهادريءَ سان اڳيئي حڪومت جون واڳون هٿ ڪيون هيون. هن پنهنجي پندرنهن ورهيه حڪومت جو ڪاروبار هلايو. جيتوڻيڪ انهيءَ دوران هن کي شڪستون به ڪاڏيون.

خانه جنگيءَ جي بند ٿيڻ کان پوءِ، هن پاڻ پنهنجي سر "ڪڇ جي ڪافرن تي به حملا ڪيا. ۽ راءِ جي لشڪر کي جهاره (Jarrah) جي لڙائيءَ ۾ خوفناڪ شڪست ڏنائين. اها لڙائي راجپوتن جي وحشت کان مشهور آهي. جڏهن هنن ڏٺو. ته فتح جي اميد خير ڪا آهي، تڏهن هنن پنهنجين ئي زالن ۽ ٻارن کي، دشمن جي ور چڙهڻ کان بچائڻ لاءِ، پنهنجن تلوارن جو ٻڪ بڻايو. اتهاس نويس لکن ٿا ته. لڪ لاشا ميدان تي پيا هئا! ڪنهن ڪنور کان ڪنور دل ماڻهوءَ جي طبع ۽ بدلي جي باهه به اهڙيءَ خونريزيءَ کان پوءِ ٿڌي ٿي وڃي ها، پر غلام شاهه جو پيٽ اڃا نه ڀريو. جڏهن هن کي پنهنجي حڪومت ۾ هڪ نئين صوبي ملائڻ جي تسلي بخش اميد نه رهي، ۽ آزاديءَ لاءِ هڪ لڙندڙ قوم جي اهڙي بيباڪي ۽ بهادري ڏنائين، تڏهن هن کي سخت منيان لڳي، ۽ ان کان

[1] "ميان نورمحمد جي زماني ۾، حڪومت جو اعليٰ اختيار، جيڪو ابتدا ۾ هنن سيلاني فقيرن زوريءَ حاصل ڪيو هو. تنهن هڪ جائز ۽ قانوني صورت ورتي. گويا هڪ گداگر جي اولاد کي سنڌ جي حڪمرانيءَ جو اوج نصيب ٿيو. هن خاندان کي بهرحال، عوام جو عقيدتمندانه احترام حاصل هو. مذهبي خوش فهمي ۽ دنيوي اقتدار جو عروج ٻنهي گڏجي، ماڻهن جي دلين کي انتهائي طور مرعوب ڪري ورتو. جنهن ٻنهي، دنيوي اثر جا نشان اڃا تائين هن ملڪ جي هر معاملي ۾ نمايان نظر اچن ٿا". — ڪرو (Crow)

ويرَ وٺڻ لاءِ هڪ اهڙي عجيب ست ستيائين، جا فقط مشرقي ماڻهن جي ئي خيال ۾ اچي سگهي ٿي جا هميشه لاءِ هن جي غصي ۽ ڪيني جو يادگار رهندي. حڪم ڏنائين، تہ سنڌوندي جي ايرندي واري شاخ ۾. سندس حڪومت جي حد اندر، هڪ بند ٻڌايو وڃي. ساڳئي وقت ان مان ٻيا واهہ بہ کوٽارايائين تہ جيئن پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو بہ ڪڇ ڏي نہ وڃي. هن اهڙي حڪمت عملي سان، آخر پنهنجي دشمن جي اڏ آمدني وڃائي، هزارن خاندانن جون اميدون ۽ آسرا برباد ڪري، هڪڙي سرسبز ساريالي علائقي کي ويران ۽ غيرآباد ڪري، پنهنجو ڪينو پاڙي، دل کي ٿڌو ڪيائين. اهو نقصان ايترو پائيدار ثابت ٿي چڪو آهي، جو سمنڊ جي چڙهندڙ لهندڙ ويرن، ساري علائقي کي هڪ ويران ۽ ڪلراٺي ڏٻڻ بنائي ڇڏيو آهي، ۽ ان کان پوءِ ڪڇ جو صوبو اجا سنئين ڪونہ ٿيو آهي.

سنڌ جي تختگاهہ (حيدرآباد) جي پرسان هڪ عظيم‌الشان مقبرو آهي، جو هن ظالم جي ڪارنامن جي يادگيري تازي ڪري ٿو. مقبري ۾ هڪ سنگمرمر جي قبر آهي، جنهن تي دعائون، ۽ رحم و ڪرم جي عادتن کي ساراهيندڙ عربي آيتون اُڪريل آهن. سنڌ جا ماڻهو هن کي هڪ بهادر ۽ ڪامياب حاڪم ڪري سمجهندا آهن. سنہ 1771ع ۾، هو اوچتو بيمار ٿي پيو ۽ ٻن- ٽن ڪلاڪن اندر ساهہ ڏنائين. ديندار مسلمانن جو چوڻ آهي، تہ هو هڪ فقير جي بد دعا ڪري مري ويو هو، جنهن جي جهوپڙي هن حيدرآباد جي قلعي جي تعمير وقت ڊهرائي هئي.

ميان غلام‌شاهہ جي وفات کان پوءِ، هن جو وڏو پٽ ميان محمد سرفراز خان سندس مسند تي ويٺو. هو قابليت ۾ پيءُ کان گهٽو گهٽ هو. پر بداعمالين ۾ هن ئي جهڙو هو. ۽ عام خيال آهي، تہ ڪلهوڙن جي خاندان جو خاتمو هن جي ئي اَنڌ ڌنڌ ۽ ظلمن جي ڪري ٿيو. هن جي دربار ۾، سڀ کان مشهور شخص، بلوچ قوم جي "ٽالپر" گهراڻي جو سردار، مير بهرام خان هو. سنڌ ۾ ٽالپر ڪيترن پيڙهين کان وڏن عهدن تي رهندا آيا هئا. ميان محمد سرفراز حسد ۽ شڪ وچان، جنهن لاءِ تاريخ ۾ ڪو مناسب سبب ۽ جواز ڪونہ ٿو ملي، مير بهرام ۽ سندس پٽ صوبدار خان کي مارائي ڇڏيو. انهيءَ ناحق ۽ ظالماڻي ڪاروائيءَ ڪري ئي پنجن ورهين جي حڪومت کان پوءِ، هن کي معزول ڪيو ويو.

Scanned by CamScanner

مِيان محمد سرفراز کان پوءِ، هن جو ڀاءُ مِيان محمد خان ۽ سؤٽ مِيان صادق علي خان گاديءَ تي ويٺا. انهن ٻنهي مان ڪنهن به ٻارهن مهينن کان وڌيڪ گادي ڪانه ماڻي. ڪين مِيان محمد سرفراز سان گڏ سنڌن ڏوهه يا بيعقليءَ جي سزا ڏني ويئي. ۽ هو عمر ڀر لاءِ قيد ڪيا ويا. مشرق جي محلن ۾، بدبخت شهزادن کي اندرئي اندر پورو ڪيو ويندو آهي! انهيءَ رواج مطابق آخر هنن جي حياتي به اوچتو ختم ڪئي ويئي. ان کان پوءِ، مِيان غلام شاهه جو ڀاءُ مِيان غلام نبي، ملڪ جو علم بردار ٿيو. هن سواءِ ڪنهن اڳ پوءِ گهڻي جي، پنهنجي ٽن ڀائٽن جو جيڪو انجام ٿيو هو، سو وساري، ٽالپرن جي باقي ٻچيل سردار، بهرام خان جي پٽ، بجر خان جي قتل ڪرڻ جي سازش شروع ڪئي، جو ڀيءَ جي خون وقت مڪي شريف حج لاءِ ويل هو. پر هن جون خفيه ڪوششون بلڪل ناڪام رهيون، ۽ نتيجو اهو نڪتو، جو خود پنهنجو تخت وڃائڻو پيس. هو لڙائيءَ ۾ دشمن جي ماڻهن هٿان مارجي ويو، ۽ سنڌ جي حڪومت جون واڳون مير بجر خان جي هٿ ۾ آيون، جنهن غيرمعمولي فياض دليءَ کان ڪم ورتي، مغلوب دشمن جي ڀاءُ مِيان عبدالنبيءَ جي بيعت ڪئي.

پر ڪلهوڙن جي بدبخت خاندان تي نه انهيءَ فياض دليءَ ۽ نه سنڌن اڳوڻي آزمودي جو ڪو اثر پيو. مِيان عبدالنبيءَ انهيءَ ماڻهو جي ڪرم سان مسند تي ويٺو هو، جنهن کي سندس خاندان سخت آزاريو هو. پر گاديءَ تي ويهڻ سان ئي هن مير بجر خان کي مارائڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني، جنهن ۾ هو آخر هڪ هندو سائيءَ جي مدد سان ڪامياب ٿيو.[1] هن واقعي کان پوءِ، ٽالپرن جي غصي جي حد نه رهي: هو سڀ هٿيار ڪئي، اٿي کڙا ٿيا. ڪيترين ئي خونخوار لڙايون ٿيون، جن جو نتيجو اهو نڪتو، جو سنڌ جي حڪومت جو نقشو ئي بدلجي ويو. مِيان عبدالنبي بلوچستان جي جبلن ڏانهن ڀڄي ويو، جتان هن پنهنجي حڪومت وري هٿ

[1] مِيان عبدالنبيءَ گهڻيون ئي ناڪام ڪوششون ڪيون، ۽ آخر پنهنجو مطلب پنهنجي دوست، جوڌپور جي راجا مهاراج ٻائسنگهه جي مدد سان حاصل ڪيائين. مهاراج وٽان به خوني هڪ سنيهو ڪئي، ڪنهن ڪم جي بهاني، مير بجر خان وٽ آيا. مير کي چيائون ته: 'اسان کي توسان ڪا ڳجهي ڳالهه ڪرڻي آهي'. ۽ انهيءَ بهاني سان هن جي قربت حاصل ڪري، پنهنجا خنجر هن جي سيني ۾ هنيائون. ۽ هو اتي جو اتي مري ويو". (ڪرو Crow) انهيءَ واقعي جي بناءَ تي، ميرن، سنه 1809ع ۾، سمٽ جي سفارت جي ماڻهن کان گهر ڪئي، ته هو سنڌن دربار ۾ بنا هٿيار جي اچن. هن چوڻ جي ضرورت ڪانهي، ته هيءَ هڪ هتڪ آميز مطالبو هو، جو قبول نه ڪيو ويو هو.

مون کي پرزور لفظن ۾ صلاح ڏني، ته اهڙو جوکي جو ڪم نه ڪرڻ گهرجي. مون پوءِ محسوس ڪيو، ته منهنجا شڪ شبهه واجبي نه هئا. مون کي هتي، ۽ رستي ۾ فقط انهيءَ ڪري ترسايو ويو هو، ته جيئن سنڌ جا عملدار ۽ مختيار منهنجي چڱيءَ طرح خاطرداري ۽ تواضع ڪري سگهن.

سيني تيارين مڪمل ٿيڻ کان پوءِ، آءٌ ٻنپهرن جو روانو ٿيس. ان وقت واءُ سٺائو هو، آءٌ پنجين بجي ٻيءَ پڙ ڪوٽڙيءَ (Kotree) جي پتڻ تي پهتس. سڌو رستو چئن ميلن کان وڌيڪ ڪونه ٿيندو، پر وهڪري جي ور وڪڙن جي ڪري اسان انن ميلن کان وڌيڪ مسافري ڪئي هوندي. سنه 1819ع واري مشهور زلزلي جو هن شاخ [1] تي عجيب اثر پيو هو. انهيءَ خوفناڪ حادثي کان اڳ، جڏهن وِير لٿل هوندي هئي، تڏهن هن نهر مان پار وڃي سگهبو هو، پر هاڻي ان

[1] سنڌونديءَ متعلق هيٺ ڏنل حقيقتون منهنجي ياءُ جي "درياهه جي ايرندي واري ڇوڙ" جي عنوان سان لکيل مضمون تان ورتل آهن. هي ڏيکارين ٿيون، ته ڪلهوڙن پنهنجي دشمن ڪڇ جي راءُ کي فنا ڪرڻ لاءِ ڪهڙي وحشيانه تدبير اختيار ڪئي هئي، جو اُن جو ملڪ ان جي ڪيني جي اثر کان اڃا سنئين ڪونه ٿيو آهي.

ڪڇ جون مشڪلاتون محض طبعي، قدرتي نه آهن، پر ان جي پاڙي واري حڪومت جي حسد جو نتيجو به آهن. ان حسد جو نهايت ظالمانه نمونو اظهار ڪيو ويو آهي. ڪڇ ملڪ کي سنڌونديءَ جي مني پاڻيءَ کان محروم ڪري هڪ وڏو علائقو ناس ڪيو ويو آهي، ۽ اهڙيءَ طرح هڪ زرخيز ۽ شاهوڪار ملڪ کي هڪ ريگستان بڻايو ويو آهي.

ڪجهه وقت اڳي ڪڇ جي رائن کي سنڌ جي حڪومت جي حد اندر ٽي ٽاٽا هوندا هئا: هڪڙو بلياري (Ballyaree) ۾، ٻيو رحمڪي بازار ۽ ٽيون بديڻا (Budeena) ۾. رائن جي انهيءَ حق تي ڪنهن به قسم جي حجت تڪرار ڪونه هوندو هو، پر سنه 1762ع سال ٻنهي قومن جي قسمت ۾ انقلاب آندو، ۽ ڪڇ لاءِ مصيبتن جو دؤر شروع ٿيو. غلام شاهه ڪلهوڙو، اسي هزار ماڻهن جو لشڪر وٺي ڪڇ تي ڪاهي آيو. جهاري (Jharrha) جي ننيڙي ڳوٺ پرسان هڪڙيءَ ٽڪريءَ وٽ، هن جو سرجوشيءَ ۽ بامردي سان مقابلو ڪيو ويو، ۽ هو انتقام وٺڻ جو وعدو ڪري، سنڌ ڏي موٽي ويو ۽ وڃڻ سان موري (Mora) وٽ پراڻ نديءَ تي بند ٻڌرايائين. ان ڪري سنڌونديءَ جو پاڻي لکپت وٽان وهڻ صفا بند ته ڪونه ٿي ويو، پر پاڻيءَ جو وهڪرو گهٽ
ٿي ويو، ۽ آبادي جنهن جو مدار انهيءَ تي هوندو هو، سا ٻنهه بيهي ويئي.

"سنه 1762ع واريءَ جهاري لڙائي کان اڳ سنڌونديءَ جي ايرندي واري شاخ، پراڻ، لکپت، ۽ ڪوٽ سير (Cotasir) وٽان لنگهي، وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي، ۽ ان جي ڪپرن ڀسان جو ملڪ آهي، سو ٻين ملڪن وانگر، جي سنڌونديءَ جي ڪنارن تي آهن، درياءَ جو فيض وٺندو هو. آبڪلاڻيءَ ۾ زمينن کي پاڻي ملندو هو ڪڇ جي رهاڪن لاءِ جام جانور پيدا ٿيندا هئا. سنڌ ۽ لکپت جي وچ ۾ جو علائقو آهي، "سير" يعني "آباد" سڏبو هو. اهو علائقو اهڙو ته زرخيز هوندو هو، جو سرڪار کي ان مان اٺ لک "ڪوڙين" (Corries) ٻن لک رپين کان مٿي ساليانو آمدني ملندي هئي. بند ٻڌجڻ ڪري، حڪومت انهيءَ فائدي کان محروم ٿي ويئي، ۽ نهر، جا اڳي اونهي هوندي هئي ۽ منجهس ٻيڙيون هلي سگهنديون هيون، سا هاڻي پاڻيءَ جي وهڪري بند ٿيڻ ڪري تانگهي ٿي پئي ۽ لَٽجي ويئي آهي". (-ممبئي فوج جي اسسٽنٽ ڪوارٽر ماسٽر جنرل، ليفٽيننٽ اي برنس، جي "سنڌونديءَ جي اوڀر واريءَ شاخ تي مضمون" تان ورتل.)

مان ڪنهن به وقت پيادل لنگهي سگهڻ محال آهي. سنڌ جو ڪنارو هيٺانهون ۽ سنئون آهي، جنهنڪري اهو لڪپت مان نظر ڪونه ايندو آهي، پر ڪڇ جو ڪنارو هٿي طرف کان صاف ۽ چٽو نظر ايندو آهي.

ڪوٽڙي فقط سنڌ جي طرف جي پتڻ جو نالو آهي. اتي نڪو گهر آهي، نه بندر نه ماڻهو نه ڇيٽو. ڍل وصول ڪرڻ لاءِ رواجي سپاهين جي چونڪي به ڪانه آهي. ڪڇ خواهه سنڌ ۾ ورلي ڍل وصول ڪرڻ وارا ڪٽي نه هوندا- هٽي ڏسڻ ۾ تو اچي، ته سپاهي ان ڪري ڪونه رکيا ويا هئا. جو ڪناري جي ويجهڙائيءَ ۾ ڪيترن ميلن تائين ماڻهن لاءِ منو پاڻي ڪونه آهي. ڪناري تي اسان اٽڪل سوئي گيهه جا پريل اُٺ، جي سنڌ مان آيا هئا ۽ ڪيترا واپاري، جي ڪڇ ڏانهن وڃي رهيا هئا، ڏٺا. اسان کي سامان لاهڻ ۾ ڪجهه دير ٿي، پر ستين بجي ڌاري، اسان چانڊوڪيءَ ۾، اتر - اولهه طرف ڏيئي، "لاهه" (Lah) لاءِ روانا ٿياسون. اسان يارهين بجي تائين هلندا هلندا، نيٺ وڃي منزل کي پهتاسين. رستي تي نه وڻ، نه گهر ۽ نه اسان جي ماڻهن کان سواءِ ڪو ٻيو بني بشر ڏسڻ ۾ تي آيو. رستو اٽڪل ارڙنهن ميل هڪ سڌي سنئين پٽ تي مشتمل هو، جو مشهور اترئين رڻ سان لاڳو آهي. ٻين لفظن ۾ اهو هڪ پورو پورو بيابان آهي. مون ڏٺو ته، رستو مضبوط ۽ سخت هو. چياٿون پئي، ته برسات جي موسم ۾ رستو مسافريءَ جهڙو نه هوندو آهي.

"لاهه" جي بلڪل ويجهو ڪجهه وڻ آهن، نه ته چوڌاري ملڪ رڻ وانگر آهي، فقط ڪٿي ڪٿي ڪي ننڍا ٻوڙا آهن. جيستائين نظر پوي ٿي، تيستائين ملڪ هڪ ٻٺ ۽ غيرآباد پٽ نظر اچي ٿو. ڪنهن به طرف ڪا ٽڪري يا ڳوٺ ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. لاهه ۾ اٺ - ڏهه سنڌي سپاهي رهن ٿا، جي اتان لنگهندڙ مال تي محصول اڳاڙيندا آهن. انهن جي رهڻ لاءِ هڪ ڪليل ڪانين جي لانڍي نهيل آهي ۽ هنن جو گذران گهڻو ڪري ڏاچيءَ جي کير تي آهي. انهن ٿورن ماڻهن ڏسڻ مان ئي معلوم ٿئي ٿو، ته هي ماڻهو ڪڇ جي ماڻهن کان نرالا آهن، ۽ انهن جي رهڻي ۽ زبان به نرالي آهي. هو قداور مڙس هئا، ۽ انگريزي مزورن جهڙيون ٿلهي سوٽي نيري رنگ جي ڪپڙي جون صدريون، ساڳئي ڪپڙي جون ڪانچون، ۽ رنگين ڪپڙي جون گول اَٺ انچ ڊگهيون ديسي ٽوپيون پيل هُيِن. ملڪ جي ٻين ماڻهن وانگر هنن کي به ڊگهيون ڏاڙهيون ۽ مڇون هيون، ۽ هٿن ۾ تلوارون، خنجر، جامڪيدار بندوقون ۽ ڍالون هيون. سفيرن جي فوجي خدمتگارن جو ذڪر مان پوءِ ڪندس- پاڻنجر جي

ڪتاب: "سير بلوچستان" جي منڍ ۾، جا تصوير ڏنل آهي. سا هڪ سنڌي سپاهيءَ جي شڪل، پوشاڪ ۽ هٿيار جو صحيح نقشو پيش ڪري ٿي. مان سمجهان ٿو، ته لاهه ۾ ان ڪري چونڪي رکي ويئي آهي، جو ڪڇ کان ايندي، رستي تي پهرين اها ٿي جاءِ آهي، جتي پاڻي پيئڻ جهڙو آهي- جيتوڻيڪ اسان کي جيڪو ميرو ۽ کارو پاڻي ڏنو ويو هو، ان کي پيئڻ جهڙو پاڻي چوڻ هڪ مبالغو آهي. مون سان جي سپاهي ساڻ هئا، انهن مان ڪوبہ اهو پاڻي پِي ڪين سگهيو، تنهڪري انهن ۽ اسان لکپت کان جو تورو پاڻي پاڻ سان آندو هو، تنهن تي گذارو تي ڪيو. مون کي جاءِ تمام ناموافق لڳي- هڪ تہ اتي پيئڻ جو پاڻي ڪونہ هو، بيو اتان جي هوا کاري پاڻيءَ جي اُپ ۽ اُٺ جي ليڏوٽن جي بدبوءِ هئي.

بيا ٻہ ڏينهن، جا مون هڪ غيرآباد ۽ اوسر علائقي ۾ مسافري ڪئي، سا اهڙي دلچسپ نہ آهي، جو ان جو هت احوال ڏجي. چوٿين تاريخ ويٽر (Vare) ۾ پهتس، جو لاهه کان ٻارنهن ميل پري هو. تنهن کان پوءِ تيرنهن ميل پنڌ ڪري، پنجين تاريخ شام جو هميوٽ (Hemuit) ۾ آيس. انهن ٻنهي جاين جي تفصيلوار بيان ڏيڻ جي ضرورت نہ آهي. اهي فقط ريگستان ۾ چونڪين جا نالا آهن، جن جي پرسان ڏٻڻ مان پاڻي ملي سگهي ٿو. هميوٽ ۾ مون کي خبر پئي، تہ جي عملدار دربار مان منهنجي استقبال لاءِ موڪليا ويا هئا، سي رڙيءَ (Ruree) وارو رستو وٺي ويا هئا. تنهڪري مُون مغليين وڃڻ بدران، رڙيءَ جو رخ ڪيو، جتي مان پنجين تاريخ رات جو پهتس. رڙي، پوئينءَ منزل کان ويهن ميلن جي مفاصلي تي هئي. لاهه کان رڙيءَ وارو رستو غالباً اتر طرف تو وڃي، ۽ ملڪ اهڙو ٿي سنئون سڌو وارياسو رڻ پٽ آهي، جنهن جو اڳي مون ذڪر ڪيو آهي- هڪڙي دِٻ بہ نہ آهي، جا اکين کي آرام ڏئي. رڙيءَ جي ويجهو مون کيترائي مٺي پاڻيءَ جا دُٻا ڏٺا. مان سمجهان ٿو، تہ انهن کي پاڻي سنڌونديءَ جي ساگري (Sunkrai) (1) ۽ منو ميرو (Meeta Meera) شاخن مان ملي

(1) سنڪرو يا ساگرو ندي، نادر شاهہ ۽ شهنشاهہ محمد جي وچ ۾ جو وڙهاست جو عهدنامو ٿيو هو، تنهن ۾ هندستان ۽ ايران جي صوبن جي حد ڪري ڏيکاريل آهي. ان مان ميجر رينيل (Major Rennell) سمجهي ٿو، تہ سنڌونديءَ جي اوير واري ڦاٽ جو نالو سنڪرو آهي. پر اها حقيقت نہ آهي. ڦاٽ کي سنڌن منهن کان وٺي ڪيترن ميلن تائين ڪٺي بہ سنڪرو ڪونہ سڏينا آهن. ان کي لکپت وٽ ڪوري، ۽ ان کان مٿي پراڻ سڏينا آهن. "سنڪري" جي معنيٰ آهي "سوڙهو". جيتوڻيڪ اهو ڏسڻ ۾ ناممڪن پيو اچي، پر شايد ائين هجي، تہ ڏرين کي ان وقت دل ۾ "سنڪري" جو نالو هو، جا هڪ سوڙهي ندي آهي، ۽ جنهن جي ٻنهي ڏرين کي خبر هئي. اها هڪ قابل ذڪر ڳالهہ آهي، تہ حيدرآباد ۾ سنڌ جي رهاڪن کي سنڌونديءَ لاءِ "دريا" يعني "سمند" کان سواءِ بيو نالو ڪونہ آهي. سمنڊ کان جدا ڪرڻ لاءِ هو ان کي "درياءِ شيرين" يا "منو درياءِ" چوندا آهن، ۽ سمنڊ کي "درياءِ شور" يا "کارو درياءِ".

تو. جيئن اسان جي نقشن ۾ ڏيکاريل آهي— جيتوڻيڪ مڪاني ماڻهو ڪين انهن نالن سان ڪونہ سڏيندا آهن.

اهو ظاهر آهي، تہ ڪوٽڙيءَ کان رڙيءَ تائين- وارو رستو فوجي ڪارگذاريءَ لاءِ ڪارگر نہ هو. مون کي شڪ آهي، تہ برسات جي موسم ۾ ڪو اهو رستو ڪم آڻي سگهجي ٿو، پر خشڪ موسم ۾ هن رستي کان توبخانو سنڌ ۾ آڻي سگهجي ٿو. پر سڄن سارن اٺونجاهہ ميلن ۾ نہ ڪاڏي وغيره جو اسباب ۽ نہ منو پاڻي ملي سگهي ٿو. جنهنڪري ڪنهن بہ ڌارئي لشڪر لاءِ ان رستي کان اوچتو حملو ڪرڻ محال آهي. انهيءَ خشڪ ايراضيءَ ۽ سنڌونديءَ جي ساري دوآبي ۾ اُٺ پاليا ويندا آهن. جي سڄي ايشيا ۾ مشهور آهن. هن ملڪ ۾ فقط اُٺ ئي سواريءَ جو ذريعو آهن. گاڏيون تہ ماڻهن ڏٺيون بہ نہ آهن. لاڙ ۽ قنڌار جي وچ ۾ جا آمدورفت ٿيندي آهي، سا اُٺن جي رستي ڪئي ويندي آهي. چون ٿا تہ اُٺ، جي ڪلراٺن پوٺن ۾ پلبا آهن، سي وڌيڪ مضبوط ٿيندا آهن، جاڪاڻ تہ انهن کي منڍ کان وٺي ٿوري پاڻيءَ پيئڻ تي هيرايو ويندو آهي.

سنڌونديءَ جي هن پر وارا سنڌ جا ڳوٺ ڪڇ جي ڳوٺن کان سادا ٺهيل آهن. انهن ۾ ڪڇ جهڙا پڪا پٿر جا سهٽا ۽ آسائشي گهر ڪونہ آهن. ڳوٺن ۾ گهڻو ڪري مٽيءَ ۽ ڪکن جون جهوپڙيون آهن. مسجدون گهٽيون ئي آهن، پر اهي ساڳئي نموني جون ڪچيون فقط ٿوريون مٿي هونديون آهن، ۽ ڪجهہ گلڪاري بہ ٿيل هوندي اٿن، جنهن مان سڃاڻي سگهبيون آهن. صوبي جا گهڻا ماڻهو پنهنجين ٻنين تي ڪکائن پکن ۾ رهندا آهن. جتي هو پوکي راهڪي ڪندا آهن. [1] اڪثر ڳوٺن کي نالو ڪونہ ٿئي. اهي پنهنجي مالڪن جي نالن پٺيان سڏبا آهن. بعضي بعضي تہ ضرورت جي وقت جڏهن اَن يا چاري جي تنگي هوندي آهي، تہ سڄن ڳوٺن جا ماڻهو گهر پَٽي وڃي ٻئي هنڌ لڏي ويهندا آهن.

رڙيءَ جو شهر ٻين شهرن کان چڱو ٺهيل آهي. ڪجهہ وقت اڳ اهو وسندڙ شهر هو. سنڌونديءَ جي مٺي پاڻيءَ کان گهڻو دور آهي ۽ پاڻيءَ ملڻ جو سارو دارومدار موسمي برسات تي اٿس. ڪڇ وانگر هن شهر کي بہ گذريل چئن

(1) اٿرين ان ڳالهہ ڏانهن خاص اشارو ڪيو آهي، تہ سنڌ جا ماڻهو ڪکن پکن ۾ رهندا هئا، جي هڪ هنڌان پَٽي ٻئي هنڌ ڪٿي وڃي سگهبا هئا.

- پنجن سالن ۾ پاڻيءَ جي اٿاٿ ڪري گهڻي شڪست پهتي آهي. شهر جي آبادي پنجن سَون ڪان ٻه گهٽ تي ويئي آهي. جڏهن مان اتي ويو هوس، تڏهن اتي آن ايترو هو جو اسان جي گهوڙن کي گاهه بدران ڪڇيون ساريون ڏيندا هئا. چون پيا، ته الهندي طرف گهڻي آبادي آهي، پر ٻيو طرف غيرآباد ۽ ويران هو. شهر ۾ فقط هڪڙي جاءِ ڏسڻ وٽان آهي. سا آهي "پير نورشاهه جي مسجد" جا پري کان نظر ايندي آهي. اها ڏيڍ سؤ ورهين جي آهي ۽ ڻئي جي پٿر جي نهيل آهي. شهر جي پرسان هڪڙو مٺي پاڻيءَ جو تلاءُ آهي.

رڙيءَ ۾ پهچڻ ڪان پوءِ جلد ئي مون سا اهي ماڻهو جن کي ميرن منهنجي استقبال لاءِ موڪليو هو، ملڻ آيا. هنن جو مون سان تعارف ڪرايو ويو. هڪڙي جو نالو هو حيدر خان لغاري. هو جاتيءَ جي پرڳڻي جو ناظر ۽ وڏي وزير جو پاڻيٽيو هو. ٻئي جو نالو هو بهادر خان. هو ٻئي سنڌ سرڪار جا مکيہ عملدار هئا. هنن منهنجي نهايت تعظيم سان آجيان ڪئي، ۽ مون سان پاڪر پائي گڏيا. گهڻي خوش خيرعافيت ڪان پوءِ هنن مون کي ميرن جو ڏکهو ۽ مخلصاڻو پيغام ڏنو، جنهن ۾ مون کي خاطري ڏني ويئي هئي ۽ مير صاحب مون کي ڏسي نهايت خوش ٿيندا. انهن کي حيدرآباد ڪان حڪم مليل هو، ته رستي ۾ جيڪڏهن مون کي يا منهنجي عملي کي ڪنهن به شيءِ جي ضرورت پوي، ته ان لاءِ اسان کي خرچ ڪرڻ جي اجازت ڪانہ آهي. مون سان سؤ ڪان وڌيڪ ماڻهو ساڻ هئا. تنهنڪري مان ايڏو احسان قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوس، ۽ گهٽوئي ننايم، پر لاچار خاموش رهڻو پيم، تہ مباداً ناراض نہ ٿين. ميرن منهنجي لاءِ پنجاهہ اُٺ موڪليا هئا، ۽ اهڙيون هدايتون پڻ ڏنيون هئائون، تہ منهنجي ڪنهن به ماڻهوءَ کي پنڌ ڪرڻ نہ ڏنو وڃي. خانن کي تہ اها بہ ڳڻتي هئي، تہ منهنجن پالڪين ڪنڌڙن کي ڪنهن قسم جي سواري ڏني وڃي. اها ڳالهہ ممڪن نہ هئي، پر مون کي قبول ڪرڻو پيو، تہ پهريوارا سپاهي ۽ ٻيا سڀ ماڻهو اُنن تي سواري ڪن. اسان کي جو سيڌو سامان ڏنو ويندو هو، سو نهايت اعليٰ درجي جو هوندو هو. مون کي منهنجن ساٿين کي سکي رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويئي. هر روز اڻ مٺي ڪنب، مناٻون ۽ آفيم ڏنا ويندا هئا.

رڙيءَ تائين مسافريءَ جي احوال ڏيڻ ڪان پوءِ اهو ضروري نہ آهي، تہ ڪي ٻيون اجايو سجايون حقيقتون ڏجن. رڙيءَ ڪان مان شاهه ڪپور ويس، جو اتان ڏهہ ميل پري

Scanned by CamScanner

هو. اتان وري ٽي ميل پري ٻنوري ٻيڙيءَ تي، هڪڙي اونهيءَ ۽ سوڙهيءَ نديءَ رستي ويس، جنهن جو پاڻي ٻيٺل ٿي نظر آيو. پوءِ آمرا، جو هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي. ٽي ميل پري، ۽ ميرپور جو چار ميل پري هڪ چڱو خاصو شهر آهي. ان کان پوءِ، نوڙا، چار ميل- لاٽقپور، ڇهه ميل- ڊماڪا، پنج ميل- ٻنو، پنج ميل- قبول پور، اٺ ميل- مياڻي، چار ميل، ٽرڪل، پنج ميل- سومر جي وسي، اٺ ميل- جمڙي جي وسي، چار ميل- حيدرآباد، چار ميل.

اهي سڀ ڳوٺ ساڳئي نسوني جا آهن، جنهن جو بيان اڳي ڏنو ويو آهي. انهن کان سواءِ ٻين ڪيترين عارضي بستين مان لنگهيس، جن تي ڪنهن به ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. سواءِ ان جي، ته انهن آبادين جي ڪري، ملڪ تمام وسندڙ ٿي نظر آيو. لاٽقپور ۽ ٽرڪل ۾ مون کي ٽارن جي بنگلن ۾ رهايو ويو هو، جي باغيچن ۾ هئا. انهن ۾ ڏاڍي چانوَ ۽ گلڪاري هئي. انهن ۾ ميرن جي شڪار جا ڪُڏٽا هئا. حيدرآباد تائين ملڪ سنئون پٽ آهي. حيدرآباد کان ٻه- چار ميل اورتي ٽڪريون شروع ٿين ٿيون. رڙيءَ کان نوڙن تائين ڏاڍيون آباديون هيون، ۽ زمين نهايت زرخير هئي. مون کي ڪيترا واهه ٽپڻا پيا، جي آباديءَ لاءِ سنڌونديءَ [1] جي شاخن مان کوٽايا ويا هئا. انهن مان ڪيترن جي مٿان نديون سرن جون پليون ٺهيل هيون. پلين جي مٿان، زمينن کي پاڻي ڏيڻ لاءِ "مويا" يعني چڪ جا کوهه هئا، جي سمورو وقت پئي هليا. ڪڇ جي خشڪ ريگستان کان هڪڙي سرسبز ۽ آباديءَ واري ملڪ ۾ اچڻ تي منهنجي دل ۾ نهايت خوشي ۽ سنڌ لاءِ عزت پيدا ٿي.

مان انين تاريخ شام جو ٻني ۾ پهتس، ۽ پهريون دفعو سنڌونديءَ جو معائنو ڪيم. مون کي هن مشهور ۽ تاريخي نديءَ ڏسڻ جو ايترو ته شوق هو، جو مان سڀ پنهنجو سامان پنيان ڇڏي ۽ چاليهه ميل ڏينهن جو سواري ڪري، تڪجي ٿڻجي اچي شام جو ان جي ڪناري تي پهتس. منهنجي شوق پوري تيڻ ڪري، جي منهنجي دل ۾

---

[1] سڪندر کي پنهنجي مسافريءَ جي دوران ڪيتريون نادر ۽ عجيب شيون نظر آيون هيون- فرات ۽ دجلا نديون ڏسڻ کان پوءِ به هو سنڌونديءَ جو نظارو ڏسي، حيران ٿيو هوندو- هندستان جي جنهن ڀاڱي مان هو پنهنجو لشڪر وٺي لنگهيو هو، تنهن جهڙو سرسبز آباد ۽ آبادين سان ڀرپور ملڪ ڪٿي ڪونه ڏٺو هوندائين.(رابرٽسن جي ڪتاب "هندستان" تان ورتل-) "سنڌ جو صوبو زمين، آبهوا، شڪل ۽ روپ ۾ مصر سان مشابهت رکي ٿو. ملڪ جي هيٺئين حصي جي زمين جي بناوت نباتات جو ميلاپ آهي، ۽ ان جي صورت هڪ ويڪري دوآبي جهڙي آهي. سنڌوندي، جا نيل درياءَ جيڏي آهي، هڪ سنئين پٽ مان وروڪڙ ڪري لنگهي ٿي ۽ هر سال اٿل ڪندي آهي.

جذبا پيدا ٿيا. تن جي بيان ڪرڻ جو هتي ضرور نہ آهي. منهنجن هندو سائين، تہ ڏسڻ سان دريا؛ جي پوڄا ۽ بندگي ڪرڻ شروع ڪري ڏني. هنن جي نگاهہ ۾ ان پوتر پاڻيءَ ۾ ٽبي ڏيڻ ڪري، ابدي آنند حاصل ٿئي ٿو. پر سڪندر جي ڪارگذارين جو جولانگاهہ ڏسي، جي منهنجي دل ۾ جذبا پيدا ٿيا. سي هندن جي دل ۾ ڪونہ ٿيا هوندا. هن عظيم ۽ فيض رسان نديءَ جو ڪرم ڏسي، جنجي لو، تہ پاڻيءَ ۽ پاڻيءَ جي ديوتائن جي پوڄا تي ڪنهن بہ قسم جو اعتراض ٿيڻ نہ کپي.

پڃاري شاخ، ٻني وٽ دريا؛ مان نڪري ٿي. هن هنڌ دريا؛ جو پيٽ هڪ ميل کان بہ وڌيڪ ويڪرو آهي. وچ ۾ هڪ سڪل واريءَ جي پيٽاري اٿس. لائقپور کان ٻني ۽ ٻني کان حيدرآباد جي ويجهڙائيءَ تائين رستو ميرن جي هڪ گهاٽي شڪار جي ٻيلي مان لنگهي ٿو. تنهنڪري آسپاس وارو ملڪ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. اسان جو رستو ڪيترائي ميل سنڌونديءَ جي ڪناري سان پئي هليو. ٻني کان ٿورو مٿي سنڌونديءِ مان هڪ عاليشان نهر نڪتل آهي. جا نهايت تجمل سان، ڪلاڪ ۾ اٽڪل ٽن ميلن جي رفتار سان تيز وهي ٿي. ان جو سڄو پيٽ هر وقت ٻيڙين سان ڀريل رهي ٿو.

رستي ۾ منهنجن ميزبانن، منهنجي نهايت تعظيم ۽ خاطرداري ڪئي. بعضي بعضي هو پاڻ منهنجي حفاظت لاءِ رات جو پهري تي ويهندا هئا. منهنجي پاسي ۾ هڪڙو ڪرمچي رنگ جي ريشمي ڇَوَ سان وڏو ڪپهہ جو گاديلو هميشہ تيار رکيو هوندو هو، تہ متان مون کي هيٺ لهڻ جو خيال ٿئي. اسان کي ٿڌي شربت جون گهگهيون ۽ ٻيو عيش عشرت جو سامان نهايت فراخدليءَ سان ڏنو ويندو هو. مون کي وندرائڻ لاءِ اميرن ڪيترا باز موڪليا هئا. ان ڪري منهنجي دسترخوان تي هر قسم جا پکي موجود هوندا هئا. پکين جو شڪار جيترو سنڌ ۾ آهي، اوترو ٻئي ڪنهن بہ ملڪ ۾ مون ڪونہ ڏٺو آهي. مون کي جلدي حيدرآباد پهچڻ جو ارادو هو. تنهنڪري اسان تيز رفتاريءَ سان سفر تي ڪيو. اسان جي عملي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هزار ڪن ماڻهو هئا. انهن مان ڪيترا اُٺن تي سوار هئا. خانن، خود اُٺن جي سواري تي ڪئي، سنڌ ۾ اُٺن جي سواريءَ جو رواج آهي ۽ اها سهنجي بہ هوندي آهي. خان اٺن تي اهڙا تڪڙا ٿي هليا، جو منهنجي گهوڙي سان برابر ٿي آيا. اٺن جي پاکڙن تي ريشمي گاديلا هئا. جنهنڪري سوارن کي اُٺ جي ڏڪئي پنڌ کان تڪليف ڪانہ ٿَي پهتي. مان ٻانئيان ٿو، تہ جنهن رستي کان اسان پئي آياسين، تنهن رستي کان اڳي ڪوبہ يورپي آدمي

ڪونہ لنگهيو هو. ماڻهو، اسان کي ڏسڻ لاءِ نهايت منتظر ۽ بيتاب هئا. منهنجي تنبوءَ جي چوڌاري حشام ماڻهن جا هئا. فرنگين کي ڏسڻ لاءِ ملڪ جي هر حصي مان ماڻهو آيا هئا. ڪن مون تائين پهچڻ لاءِ بيماريءَ جو بهانو ڪيو. جڏهن انهن جي نگي ظاهر ٿي، تڏهن هنن هڪدم قبوليو، تہ اسان کي تنهنجي ملاقات جو شوق هو ۽ سمجهيوسين ٿي، تہ ان ۾ اسان جي ڀلائي آهي.

حيدرآباد کان ٽيهن ميلن جي مفاصلي تي مون سان محمد خان نوڙهو اچي گڏيو. هو هڪ سردار آهي ۽ ميرن جي خاندان سان رشتيداري اٿس. هو موسيٰ ڪاهتان نالي هڪ ٻي وڏي عملدار سان گڏ منهنجي استقبال لاءِ موڪليو ويو هو. هنن سان ڪيترا خدمتگار ساڻ هئا. مون کي هنن مان خبر پئي، تہ درٻار ۾ منهنجي خيرمقدم لاءِ وڏيون تياريون ٿي رهيون هيون. چيائون، تہ ٻيا يورپي اڳي سنڌ ۾ پنهنجن ڪمن سان ايندا هئا. پر تون ميرن جي دعوت تي آيو آهين، تنهنڪري تنهنجي ٻئي نموني ۾ آجيان ڪئي ويندي.

تختگاهہ (حيدرآباد) جي ويجهو پوئينءَ منزل تي سنڌ جو وزيراعظم نواب ولي محمد خان لغاري مون سان گڏيو. هن کي ميرن مون کي شرف ڏيڻ لاءِ اڳوات موڪليو هو. هن جي سواري نهايت شاندار هئي. ان ۾درٻار جا تقريباً سڀ مکيہ ماڻهو شامل هئا. هو هڪ پالڪيءَ ۾ سوار هو. جنهن کي اُٺ کنيو ٿي آيا. پالڪي ڪرمچي رنگ جي بخمل جي نهيل هئي. ۽ ٻاهران نهايت قيمتي جهالر ۽ سونا جهاٻا لڳل هئس. مون کي ڏسڻ سان، هو پالڪيءَ مان لهي اچي مون سان ڀاڪر پائي محبت سان گڏيو. هو هڪ نهايت بزرگ، عمر رسيدہ ۽ معزز شخص آهي. هن جي نشست ۽ برخاست جو نمونو شاهي درٻارين جهڙو آهي. هو جهڙو لائق آهي، تهڙو مشفق بہ آهي، مون کي هن پالڪيءَ ۾ پنهنجي سامهون ويهاريو. اسان ڪيترو پنڌ اهڙيءَ طرح سواري ڪندا رهياسين.

نومبر مهيني جي ڏهين تاريخ تي صبح جو مان حيدرآباد ۾ داخل ٿيس. منهنجي اڳيان جي گوناگون منظر هئا، تن جو لفظن ۾ بيان ڪرڻ دشوار آهي. هرڪو پنهنجي ڪم ۾مصروف هو. اتي انن- ڏهن هزارن کان بہ وڌيڪ ماڻهن جو ميڙ هو، سڀ مون کي ڏسڻ لاءِ آيا هئا. هندستان جي سکر زالن جي رواج جي خلاف، زالون بہ پالڪيءَ جي ويجهو ڏوڪي آيون، ايتري تہ گپاگيهہ هئي، جو اڳتي وڌڻ بہ مشڪل ٿي پيو. ۽ سنڌي سپاهين کي ترارين ۽ بندوقن سان

رستو صاف ڪرڻو پيو. شهر کان هڪ ميل ٻاهر مون کي هڪ شاندار ڪاري گهوڙي تي چاڙهيو ويو، جنهن تي نهايت سهڻا سنج پيل هئا. اهو ولي محمد خان پاڻ سان وٺي آيو هو. ۽ اسان جي سواريءَ سان آهستي آهستي گڏ آندو ويو هو. پر ماڻهو مُڙڻ جا نه هئا، تنهنڪري مون کي وري، پالڪيءَ تي ويهاريو ويو ته جيئن ماڻهو مون کي ڏسي نه سگهن، ۽ مان گپاگيهه کان بچي وڃان.

اهڙيءَ طرح گهڻيءَ تڪليف کان پوءِ شديد گرميءَ ۾، مان آخر حيدرآباد جي قلعي جي دروازي تي پهتس. قلعو ميرن ۽ سندن عيال جي رهڻ لاءِ مخصوص ٿيل آهي. اتي مون کي پهريون دفعو آگاهه ڪيو ويو ته منهنجي هڪدم سنڌ جي والين سان ملاقات ڪرائي ويندي. ٻاهر جهڙو شور ۽ هنگامو هو، اهڙي ئي اندر قلعي ۾ خاموشي هئي. مان ڪيترين سوڙهين گلين مان، جن ۾ فقط دربار جا خاص خدمتگار[٤]، لنگهي اوچتو هڪ وڏي ڪليل اڱڻ ۾ پهتس، جتي ڪيترا خوش پوشاڪ وارا سنڌي بيٺا هئا. اڱڻ جي ٻنهي پاسن کان پٿين تي نقاشي ٿيل هئي ۽ پٽ تي گوناگون غاليچا وڇايل هئا. هڪ ڇيڙي تي، ٽن محرابن سان در هئا، جن کي سائي ڪپڙي جا پردا ڏنا ويا هئا. مون کي انهن مان هڪڙي در ڏانهن وزير ۽ عملدار وٺي هليا. مان جيستائين پاڻ سنڀاليان، تنهن کان اڳ منهنجي جُتي لاٿي ويئي، ۽ مان ميرن جي حضور ۾ بيٺو هوس. مون کي هڪ ئي وقت ۾ ساري شاهي خاندان ڏسڻ جو موقعو مليو. مون اهڙو شاندار منظر اڳي ڪڏهن ڪونه ڏٺو هو. اهو منظر نندي هوندي جيڪي اسان مشرقي تجمل جا خيالي پلاءَ پچائيندا هئاسين، انهن سان هوبهو ٺهڪي ٿي آيو. ميرن کي خوشنما پوشاڪون پهريل هيون ۽ هو هڪ اوچي ڪمري جي ڇيڙي ۾ اڌ گول جي شڪل ۾ ويٺا هئا. ڪمرو ايراني غاليچن سان سينگاريل هو. ٻه وڏا مير وچ ۾ مسند تي ويٺل هئا. مسند، اڇي رنگ جي ولايتي ريشمي ڪپڙي جي پوش سان هڪ ٿلهي گدي هئي، جنهن تي پَٽ ۽ زريءَ جو سهڻو ڀرت ڀريل هو. ان جون ڪنڊون، ڇئن ٿُلهن گولن سونن جهاڳن سان ٻڌل هيون. ان جي پنيان هڪ ڀرت ڀريل بخمل جو ٽول وهاڻو رکيو هو. مطلب، ته مسند نهايت شاندار پئي لڳي. مير صاحب، جن جي ٻنهي پاسن کان سندن خاندان جا ڀاتي يعني ڀائٽيا: مير صوبدار خان، مير محمد خان ۽ مير مراد عليءَ خان جا پٽ، مير نورمحمد ۽ نصير خان ويٺا هئا. انهن کان پريرو سندن چاچو مير محمود خان ۽ هن جا پٽ احمد خان ۽ جهان خان هئا. سفيد پوش خدمتگار، شهزادن جي پنيان تلوارن ۽ ڍالن سان بيٺا هئا.

هڪڙو يورپي آدمي، جنهن اڳي اهڙي اعليٰ ڏيهي تهذيب جو مظاهرو ڪونہ ڏٺو هو. تنهن لاءِ هنن ماڻهن جي پوشاڪ جي نفاست ۽ صفائي نهايت دلڪش هئي. هتي رنگين پَٽيُن ۽ ڪرمچي رنگ جي نمائش ڪانہ هئي: ۽ نہ وري تجمل ۽ غلاظت جي آميزش هئي، جا اڪثر هندو راجائن جي دربارين ۾ نظر ايندين آهي: مگر هتي اهڙي سادگي ۽ لطافت هئي، جو اهڙي مون ڪٿي ڪانہ ڏٺي هئي. ميرن ۽ سندن خدمتگارن ڪي تقريباً هڪجهڙا ڪپڙا پيل هئا. يعني اڇي رنگ جي سنهي ململ جا صفائيءَ سان نهيل ۽ چٽيل انگرکا. ريشم ۽ زريءَ جا ڪمربند. سوڙهن پانئچن سان ريشمي ترڪي سلوارون، ۽ ڪيمخاب يا پرت پريل بخمل جون سنڌي ٽوپيون، جن جو بيان مون اڳيئي ڏنو آهي. انهن کان سواءِ هرهڪ شهزادي جي ٻانهن تي اڪثر سفيد رنگ جي نهايت خوبصورت ڪشميري شالن جو جوڙو ۽ ڪمربند ۾ هيرن ۽ جواهرن سان جڙيل ايراني خنجر هئا. جن سندن پوشاڪ ۽ آرائش مڪمل تي ڪئي.

ساري خاندان کي جيڪڏهن هڪ نظر سان ڏسبو، تہ انهن جي اخلاق ۽ تهذيب جي تعريف ڪرڻي پوندي ۽ اهو قبول ڪرڻو پوندو، تہ گهڻ ۾ گهڻ ظاهري طرح هو جنهن ترقيءَ ۽ اوج کي رسيا آهن، تنهن جي لائق آهن. ننڍين شهزادن ڪي تہ اهڙي لياقت ۽ فضيلت هئي، جا ورلي يورپي يا ڏيهي ماڻهن ۾ نظر ايندي. وڏا مير شڪل ۾ گهڻ شاندار هئا، شايد ان ڪري جو هنن ننڍي هوندي سک ڪونہ ڏٺو هو. ۽ گهڻيون تڪليفون سَنيون هئائون. [1] هو سڀ پيچ وڏيءَ عمر جا آهن. پر اهڙيءَ طرح

---

[1] مسٽر ڪرو جو لکيل چئن پائرن جو احوال ڏجي ٿو- پر هن اهو احوال گنڊيل صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ لکيو. تهنڪري اهو فتح عليءَ ۽ غلام عليءَ سان خاص ڪري لاڳو ڪري سگهجي ٿو. هاڻوڪا وڏا مير ان وقت تمام ننڍيءَ عمر جا هئا. "چئن ميرن جو ٻالپڻو ڪلهوڙن جي حڪومت جي پوئين عرصي ۾ گمنامي ۽ غربت ۾ گذريو هو. ڪلهوڙن کي ٽالپرن جي قوم لاءِ محبت ڪانہ هئي، جيئن هنن جي جهڳڙن مان ظاهر آهي. جون ٿا تہ سنڌ جا هاڻوڪا حاڪم جهنگلن ۾ مال چاريندا ۽ پنهنجن هٿن سان ماني پچائيندا هئا. خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو ۽ هنن جي سمجهہ، روش ۽ عادتون ڏيکارين ٿيون، تہ هنن ۾ تربيت ڪانہ آهي ۽ اعليٰ منصب کي رسڻ کان پوءِ ٻہ- هنن تعليم يا صحبت مان فائدو ڪونہ پرايو آهي. هنن جي خيالن جو دائرو سندن ملڪ جي جبلن ۽ پٽن ۽ نهايت قنڌار تائين محدود آهي. هنن جي دانائيءَ ۽ سياست جي حد آهي: بادشاهہ جون حرڪتون معلوم ڪرڻ ۽ سندس عملدارن کي خراج جي وصوليءَ ۾ دير وجهڻ يا تخفيف ڪرائڻ. گهر ۾ هنن کي فقط ٻن ڳالهين جو انتظار هوندو آهي: هڪڙو پنهنجي ذاتي حفاظت، ٻيو دولت گڏ ڪرڻ. هو رات ڏينهن نفس پرستيءَ ۾ مشغول هوندا آهن. هو ان ڳالهہ تي غور ڪونہ ڪندا آهن، تہ ماڻهن جو ڪهڙو حال آهي ۽ ملڪ کي ڇا جي ضرورت آهي.
"فارسي زبان دربار ۾ ڪم آندي ۽ اسڪولن ۾ سيکاري ويندي آهي. مير فتح علي، جو پاڻ کي هٺ ۽ جهالت وچان رستمِ زمان ۽ ٽالپرن جي ڪارنامن کي پوين جي عبرت لائق سمجهندو هو. تنهن هڪڙي شاعر کان جو عالم نہ. پر احمق ضرور هو، فردوسيءَ جي طرز تي هڪ ڪتاب لکرايو هو. جنهن جونالو شهره آفاق ڪتاب شاهنامي جي مقابلي ۾ 'فتحنامو' رکيو هئائين. هن هاڻي تازو ساڳيءَ طرح پنهنجي (هلنڊ)

ڏاڙهيءَ ۽ وارن کي خضاب ڪن ٿا. جو پنجاهہ ورهين کان وڏيڪ عمر جا نٿا لڳن. انهن جا مهاندا ننڍين شهزادن جي مهاندن سان نٿا لڳي اچن. سواءِ هڪڙي شهزادي جي. ننڍا شهزادا مائن تي ويل آهن. انهن جو رنگ گورو، وار ٻنھ ڪارا ۽ پنبڙيون ۽ پيرون ڊگهيون اٿن. ميرنصير خان خاص ڪري هڪ نهايت حسين جوان آهي.

سنڌ جي دربار جي نشست ۽ برخاست جو طريقو بہ اهڙوئي تحسين جوڳو هو. جهڙي ميرن جي شڪل شباهت. جيڪي عملدار حاضر هئا، سي پوشاڪ ۽ ات ـ ويھ مان اعليٰ مرتبي جا نظر پئي آيا. ڪنهن بہ آڏو اچڻ جي ڪوشش ڪانہ پئي ڪئي. ڪُت خلق کي درن کان ٻاهر ڪڍيو ويو هو. ڪمري ۾ هڪ قسم جي سڪونت ۽ ڳنڀيرتا هئي. هرڪو ماڻهو انتظام سان شانائتي نموني ۾ ويٺو هو. انهن سڀني ڳالهين منهنجي دل ۾ هڪ قسم جي عزت ۽ رعب پيدا ڪيو. جنهن جي مون کي اُميد ڪانہ هئي. مطلب، تہ مون کي ڪليل دربار ۾ ملاقات جو شرف ڏنو ويو. اسان جي سرڪار جي اڳين ٻن سفارتن سان جو ڏيهي وڪيل گڏجي آيو هو، سو هن موقعي تي بہ حاضر هو. مون کي خاطري ڏني، تہ منهنجي لاءِ جو انتظام ڪيو ويو هو، ۽ مون کي جا آجيان ڏني ويئي هئي، تنهن جهڙي هن پنهنجي سنڌ ۾ ويهن ورهين جي قيام ۾ ڪانہ ڏٺي هئي.

منهنجي جُتي در تي لهرائي ويئي هئي، پر مان فيصلو ڪيو، تہ ٽوپي نہ لاهيندس. تنهنڪري مان ٽوپيءَ سان ڪمري جي وچ ۾ هليو آيس. ساري خاندان منهنجو سلام ڪيو ۽ مون کي گاديءَ وارن ميرن جي آمهون سامهون هڪ مسند تي ويهاريو ويو. گفتگو هڪدم فارسيءَ ۾ شروع ڪئي ويئي. مون کان ساڳئي وقت پنجاهہ سوال پڇيا ويا: خوش آهين، چڱو ڀلو، راضي، طبيعت نيڪ اٿئي، وغيره وغيره- مان انهيءَ خوش خيرعافيت جو جواب چڱيءَ طرح ڏنو، ۽ چيومانِ تہ: ”مان جنهن وقت سنڌ ۾ پير پاتو آهي، ان کان وٺي مون سان هر قسم جي مهربانيءَ ۽ عزت جو برتاءُ ڪيو ويو آهي، جنهن لاءِ

برتري ڏيکارڻ لاءِ بلوچ عاشقن جو مشهور دهقاني قصو، جاميءَ جي يوسف و زليخان جي طرز تي فارسي شعر ۾ نقل ڪرايو آهي، تہ جيئن انهن بيتن جو ڦهلاءُ سنڌ کي ادب ۽ علم ۾ اهڙيءَ طرح مشهور ڪري، جهڙيءَ طرح هو جنگ جي فن ۾ مشهور آهي. فتحنامو دربار ۾ پڙهيو ويندو آهي. ڪيترا درٻاري چاپلوسي ڪرڻ لاءِ ان مان اهڙا ٽڪر ياد ڪندا آهن، جن مان حاڪمن جي اجائي ۽ واهيات شاراهہ ڪيل هوندي آهي. جڏهن شهزادو ٻاهر نڪرندو آهي، تڏهن هڪڙو شاعر سندس اڳيان وڏي آواز سان مبالغي جي لفظن ۾ سندس ثنا ڪندو هلندو آهي. شهزادو بہ بنا ڪنهن شڪ ۽ شرم جي هن جي همت افزائي ڪندو آهي ۽ چوندو اٿس، تہ تعريف ڏاڍيان پڙهي-

نهايت شڪر گذار آهيان". مير ڪرم عليءَ چيو، ته توهين مهمان آهيو، ۽ اسان جي دعوت تي آيو آهيو. اسان جو سيڪجهه توهانجي ملڪ آهي. اسان پنهنجي وزيراعظم کي توهانجو ميزبان مقرر ڪيو آهي: هن کي هدايت مليل آهي، ته هو توهانجي هر نموني جي خاطر تواضع ڪري. توهانجي رهائش لاءِ شهر کان ٻاهران هڪ باغيچو تيار ڪيو ويو آهي. توهان اتي رهو ۽ جي توهانجي مرضي هجي، ته توهان اسان سان حيدرآباد جي قلعي ۾ به رهي سگهو ٿا.

ان کان سواءِ مسٽر ايلفنسٽن، سرجان مالڪم، سرايون نيشن، گورنر جنرل ۽ قبلا عالم بادشاهه جارج چوٿين بنسبت پڇا ڳاڇا ڪيائون. انهن سڀني لاءِ ميرن کي نهايت عزت ۽ تعظيم هئي. چيائون، ته ڪڇ جي سفير توکي اسان ڏانهن اچڻ جي اجازت ڏيئي، اسان سان وڏا پال پلايا آهن. انشاءُ الله، اسان جي انگريز سرڪار سان دوستي اڳي کان وڌيڪ مضبوط ۽ گهاٽي ٿيندي. ان کان پوءِ مير صاحب جن طب جي علم تي بحث ڇيڙيو. پهريائين مون کان تفصيلوار پڇا ڪيائون، ته توهانجي عمر ڪيتري آهي، ۽ پنهنجو پيشو ڪيئن ۽ ڪٿي سکيو آهيو؟ يورپ جي ماڻهن وانگر هنن کي به خيال ويٺل هو، ته شباب ۽ علم جي دوستي ڪانه ٿيندي آهي. هو البت انهيءَ ڳالهه تي نااميد ٿيا، جڏهن ڏٺائون ته منهنجي دعوا جي تائيد ۾، نه آهن، سفيد وار ۽ نه ڳنڀيرتا. پاڻ ۾ سس پس پئي ڪيائون، ته هيءُ وات - ڳاڙهو ڇوڪر علاج ڇا ڪندو؟

ڪلاڪ کن کان پوءِ سڀني ڌارين ماڻهن کي رخصت ڏني ويئي، ۽ مراد عليءَ جي بيماريءَ جو ذڪر ڇوريو ويو. مير جي شڪل شبيهه مان ائين ڪونه ٿي ڏسڻ ۾ آيو، ته هن کي ڪنهن به قسم جو ڪو مرض آهي. تشخيص بعد مون ڏٺو، ته ڪيس ڪوبه مهلڪ مرض ڪونه هو، جيئن مان پهرين سمجهيو هو. سنڌس بيماري، خدمت ۽ تيمارداريءَ سان جيڪڏهن صفا ڇٽائي نه، ته به گهٽ ڪري سگهجي ٿي. جڏهن مون کين اها ڳالهه ٻڌائي ۽ چيومان، ته اوهين جراحيءَ کان تندرست ٿي ويندا، تڏهن هنن جو انديشو دور ٿيو، ۽ هو سڀ ڏاڍا راضي ٿيا. پڇاڙيءَ جو جڏهن اسان هڪبئي سان ڪجهه گهرا ٿياسين، ۽ مون ڏٺو، ته هنن کي مون ۾ ويساهه ۽ منهنجي لاءِ عزت آهي، تڏهن مون هنن کان هر شايان نموني ۾ پنهنجي اٿ - ويهه ۽ گفتگو سان موهڻ ۽ خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مون کي ائين وسهڻ لاءِ ڪافي سبب آهن، ته مان ان ڳالهه ۾

Scanned by CamScanner

ڪامياب ٿيس. اتي وقت ٻنهي گادي وارن ميرن مون کي خاطري ڏني ته: "اسان اڳي ڪنهن به يورپي ماڻهو کان ايترو خوش نه ٿيا آهيون، جيترو توکان ٿيا آهيون."

دربار مان، مون کي نواب ولي محمد خان ماڻهن جي ساڳئي بيشمار انبوهه مان اتي وٺي هليو، جتي منهنجي رهائش جو انتظام ڪيو ويو هو. اها جاءِ شهر کان سڏ پنڌ پري هڪ باغيچي ۾ هئي، جنهن کي چوڌاري پناهه لاءِ ديوار ڏنل هئي. باغيچي ۾ وڻ ڪجهه ۽ آبادي ڪدي، اسان لاءِ جاءِ ڪئي ويئي هئي، ۽ ڪيترا تنبو ۽ شاميانا کڙا ڪيا ويا هئا. انهن مان هڪڙو شاميانو چاليهه فوٽ ڊگهو هو ۽ ٻارنهن فوٽ اوچو، ان قناتون هئس. اهو شاميانو سائي ڪپڙي جو ٺهيل هو، ۽ ڳاڙها گل لڳل هئس، ۽ سڄو گلمن، غاليچن ۽ پلنگن سان سينگاريل هو. اهو شاندار شاميانو منهنجي ملاقات جو ڪمرو هو. اهي تنبو، ۽ جنهن نموني ۾ صبح جو منهنجو استقبال ڪيو ويو هو، تنهن مون کي الف ليليٰ جي منظرن جي يادگيري ٿي ڏياري. اڃا ساهه ئي نه پٽيو هوم، ته ڏٺم ڪيترا خدمتگار ڪاٺي جا خونچا کنيو ٿي آيا. انهن مان هڪڙو طشت منهنجي اڳيان رکيو ويو. ان ۾ ڏهه - ٻارنهن چانديءَ جون رڪابيون هيون، جن ۾ منهنجي ناشتي لاءِ قسمين قسمين طعام هئا. جن سيني جي مٿان سونا ورق لڳل هئا. ٻين ۾ منهنجن مسلمان ملازمن لاءِ پڪل گوشت ۽ ان سان گڏ هندن لاءِ ميوا، مٺايون ۽ ٻيا طعام هئا. شام جو به ساڳئي ڪار ٿي. آخر جڏهن چيومانِ، ته مان انهيءَ فراخدليءَ جو وڌيڪ فائدو وٺڻ لاءِ تيار نه آهيان، تڏهن ڪجهه دستور ۾ ڪمي ڪئي وئي.

ساڳئي ڏينهن شام جو مون کي وري ميرن ملاقات لاءِ گهرايو. هن دفعي اسان جي ملاقات خانگي هئي، سواءِ نمائش يا جلوس جي. ميرن کي پوشاڪ ساڳي صبح واري پيل هئي، مگر ڪمربند ۽ هٿيار ڪونه هئن. ٻيا نوڪر چاڪر به ايترا ڪونه هئا. سندن گفتگو تمام دوستانا طريقي جي هئي. ڳالهيون گهڻو ڪري مراد عليءَ جي بيماريءَ متعلق هيون، جنهن جو هنن کي گهڻو انتظار هو. مير صاحب جن پنجن مهينن کان عليل هئا. مون کي تڏهن گهرايو هئائون، جڏهن مڪاني حڪيمن جواب ڏنو هونِ ۽ پاڻ اميد لاهي ويٺا هئا. مير صاحب جا ٻائر فتح علي ۽ غلام علي به شايد ساڳئي قسم جي شڪايت کان گذاري ويا هئا، جا سندن خاندان ۾ موروثي هئي. مير صاحب ته

خود پنهنجي وصيت ڪري، ۽ ملڪيت ورهائي ڇڏي هئي، ۽ پنهنجي اولاد لاءِ لکيل نصيحتون تيار ڪيون هيون. اهڙين حالتن هيٺ مراد عليءَ ۽ سندس عزيزن کي جا سندس صحت بنسبت ڳڻتي هئي، ۽ ڇڻ تي جا کين خوشي ٿي، سا سمجهي سگهڻ ڏکي نہ آهي.

علاج هڪدم شروع ڪرڻ ۾ دير ڪانہ ڪئي ويئي. پر مون کي علاج ۾ ڪي مشڪلاتون پيش آيون: پهريون تہ ميرن کي هڪ اجنبيءَ ماڻهوءَ جي هٿان دوا جو وزن وٺڻ هميشه ڏکيو لڳندو هو. تنهن کان سواءِ مون کي ان ڪري بہ ڪجهہ ذاتي دقت ٿي، جو بلوچن جي رواج مطابق مريض کي گولي کارائڻ کان اڳ حڪيم کي بہ گولي کائڻي پوندي هئي. مير مراد علي دوا کي هٿ ڇو لائي، جيستائين اها پهريائين مان نہ کاوان. مان بہ انهيءَ اگريءَ دوا جا بہ - ٽي وزن وٺي ٿڪجي پيس. آخر شامت وجي هڪڙي بدبخت نوڪر تي پئي. هن ويچاري کي ناحق بيفائدو ڪيترو وقت سانده پڳهرجڻ جون پڙيون ۽ جلاب وٺڻا پيا، جن سندس دل ۽ دماغ کي يورپي حڪمت جي علم جو تمام ٻرو اثر ويهاريو هوندو. اها رسم گهٽي وقت کان پوءِ، جڏهن مان ميرن سان وڌيڪ گهَرو ٿيس، تڏهن بند ڪئي ويئي. پر مون کي خاص طرح چيو ويو، تہ منهنجي لاءِ هيءَ وڏي ۾ وڏيءَ رعايت هئي. اها ڳالهہ سندن خيال ۾ اهڙي تہ اهم هئي، جو پنهنجي وڪيل کي هدايت ڏنائون، تہ اها ممبئيءَ جي گورنر جي ڌيان تي آڻي، تہ هو سمجهي تہ کين اسان لاءِ ڪيتري نہ محبت ۽ عزت هئي.

سخت پرهيز، باترتيب علاج ۽ معمولي ملم پٽي ڪرڻ سان مرض جون خوفناڪ علامتون20- نومبر ڌاري يعني منهنجي اچڻ کان پوءِ ڏهن ڏينهن جي اندر گهٽ ٿيون. مون کي خود ايتري فائدي تي تعجب ٿيو. سڀ مير ڏاڍا راضي ٿيا. جڏهن مان مراد عليءَ کي اعتدال سان پنهنجي رواجي ڪمن ڪارين ڪرڻ جي اجازت ڏني. ڪنهن بہ ماڻهوءَ تي بيماري سندس ساري خاندان لاءِ مصيبت جو باعث ٿئي ٿي. هنن ويچارن ڪيترا مهينا قلعي کان ٻاهر جي هوا ڪانہ کاڌي هئي. هاڻي شڪار لاءِ هڪدم سيني تياري ڪرڻ شروع ڪري ڏني، ۽ مون کي شڪار ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني ويئي. مير کي ڪيترا هفتا تڪليف ڪانہ ٿي. مرض اٿلي پوڻ جي ڊپ کان هو باقاعدي هدايتن تي عمل ڪندو رهيو. پر علاج بند ٿيڻ کان پوءِ، هن کان وري ڪي غلطيون ۽ ٻي

اعتداليون ٿيون، جنهنڪري مرض ٿورو اٿلي پيو. پر هن کي صحت ۾ باقاعدي فائدو ٿيندو رهيو.

اميدن جي خلاف اوچتيءَ شفا جو مکيه سبب هيءَ هو، ته مون اچڻ سان گرم دوائن جو استعمال بند ڪيو هو، پر ميرن سمجهيو، ته مان ڪو نهايت حاذق حڪيم آهيان. وري خوش قسمتيءَ سان کي اهڙا اتفاق ٿيا، جو ميرن جو آهي باقي وڌيڪ ويساهه پڪو ٿيو. ڪنهن وقت مراد عليءَ کي هڪ طاقت جي دوا ڪارائتي هئي. ڪمبخت نوڪر تي دوا آزمائڻ کان پوءِ، به مير ڪائي چو ٿو؟ چوي، ته جيستائين اهو نه ٻڌائيندين ته ان جو مون تي ڪهڙو اثر ٿيندو، تيستائي مان دوا کي هٿ به نه لاهيندس، مان سمجهي ويس، ته هيءَ هنن جي خيال ۾ منهنجي علم جي هڪ وڏي آزمائش آهي. مان منجهي پيس، ته هاڻي ڇا ڪجي؟ آخر هڪڙو ڏکو هنيم، ۽ خوش قسمتيءَ سان اهو صحيح نڪتو. هن خسيس ڳالهه جو ميرن تي ايترو اثر پيو جو هو هميشه ياد ڪندا هئا.

پر هن معاملي ۾ سڀ کان وڌيڪ مشڪور "ڪوئنين" جو هوس. ڪوئنين هڪ اها شيءِ (دوا) آهي، جنهن جي سنڌ جي ماڻهن کي اڃا خبر ڪانه آهي. اها مڪاني ماڻهن جي "واري جي بخارن" لاءِ هڪ تڪ علاج آهي. تنهنڪري مان اڳواٽ ٻڌائي سگهندو هوس، ته ان جو ڪهڙو اثر ٿيندو، ۽ ماڻهو تي اُن حيران ٿيندا هئا. سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ ٿورن ڏينهن اندر مان انهيءَ ڪارائتي دوا جي وسيلي وزيراعظم جي هڪ خاص پياري بار کي، جنهن کي ڪيترن مهينن کان بخار ايندو هو، ۽ ميرن جي ٻين ڪيترن خاص ماڻهن کي ڇٽايو. مان اهڙيءَ طرح ٻين ماڻهن جو علاج ڪري، پنهنجو نالو ڪيان ها، پر مير صاحبن کي جڏهن ڪوئنين جي اثر جي خبر پئي، تڏهن ڇا ڪيائون، جو ڪوئنين جو شيشو ئي مون کان بنا اجازت جي ڪسي پنهنجي استعمال لاءِ قفل ڪنجيءَ ۾ بند ڪري رکائي ڇڏيائون. ان کان پوءِ، جڏهن مان خود سخت بيمار ٿي پيس، تڏهن به ان ما رتي به ڪڏهن ڪه نه ڏنائون. موڪلائڻ وقت خالي بوتل واپس گهري مانِ، جو اها هڪ قيمتي دوائن جي پيٽيءَ مان نڪتل هئي، پر صفا نابري واريائون. ان جي عيوض ٻي هڪ شيشي آڇيمانِ پر اها قبول نه ڪيائون. شايد سمجهيائون، ته دوا سان گڏ شيشيءَ جو به جادوءَ جو اثر آهي.

سنڌ ۾ انگريزي نيم - حڪمت لاءِ چڱو ميدان آهي. ميرن کي خاطري هئي، ته جيڪڏهن مان چاهيان، ته جوانيءَ جي وڃايل طاقت واپس وٺي ڏئي

سگهان ٿو. مير سهراب مون کي ڇوائي موڪليو، ته سندس هڪ ٻار جو علاج ڪريان. جنهن جو ٻارهن سالن کان مغز خراب هو. مير نورمحمد بدشڪل ۽ بيڊولو هوندو هو. هنن جي مرضي هئي، ته مان ڪيس بدلائي سندس پيءُ نصير خان جهڙي شاندار شڪل ڪريانس. پر مان جڏهن چيومانس، ته مون وٽ الاديـن جو ڏيو يا جادوءَ جي لڪڙي ڪانه آهي، تڏهن هو ڏاڍو نا اميد ٿيو. مير محمد خان مون کي درخواست ڪئي، ته سندس حرم جي هڪ البيليءَ جي ڳچيءَ تي هڪ اڇو داغ ڇائي چم جو هو. سو لاهيان. مير صاحب وڏي جن البت ناراض ٿيا، جڏهن منهنجون ڪوششون ناڪام ٿيون. مائيءَ سان منهنجي ملاقات هڪ عجيب نموني ۾ ڪرائي وئي- پهرين صلاح ڪئي وئي، ته مان ڪيس هڪ باغ ۾ ڪلهي جيڏي اُوچيءَ پٽ جي ٻيءَ پر ڪانِ ٻيهي ڏسان. مان اعتراض واريو، ته هڪ مريض کي ڏسڻ جو هيءُ صحيح طريقو نه آهي. نيٺ هن کي ويڙهي سيڙهي، سندس ٻدين ۽ بدصورت ٻانهين سان گڏ مون وٽ وٺي آيا. مائي نهايت حسين هئي ۽ يورپي زالن جهڙو گورو رنگ هوس. ائين چئجي، ته هوءَ سنڌي زالن جو نڪ هئي. سنڌ جون زالون هندستان جي زالن کان وڌيڪ حسين آهن. مون ڪيتريون ناچ واريون ڏٺيون، جي سچ پچ خليفي وليد جي حرم جي لائق هيون.

جيئن مراد عليءَ جي صحت سڌري وئي، تيئن ميرن جي مون ڏانهن مهرباني ۽ شفقت ٻه وڌندي وئي. مان جيڪي اڍائي مهينا ٻيا حيدرآباد ۾ رهيس، انهن ۾ هنن مون کي هر نموني ۾ راضي ۽ خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مون کي سندس وزير پاڻ صبح سانجهيءَ دربار ۾ وٺي ويندو هو، جتي مان روز ڇهن ڪلاڪن کان وڌيڪ هنن جي صحبت ۾ گذاريندو هوس. پڇاڙيءَ جو هو مون کي پنهنجن شهزادن سمان ليکيندا هئا. هڪ - ٻن ملاقاتن کان پوءِ، در تي جُتي لاهرائڻ جو رواج بند ڪيو ويو. مون ٻڌو آهي، ته اڳي جڏهن اسان جا وڪيل هڪ - ٻه دفعو ساڻن ملاقات ڪرڻ لاءِ آيا هئا، تڏهن انهيءَ ڳالهه تي ميرن ڏاڍي شدت سان زور ڏنو هو. منهنجي لاءِ هنن هڪ ڪرسي رکي، پنهنجي دربار جو سمورو انتظام ڦيرايو. مون ڪيترو چيومانِ، ته ٻه هنن پڇاڙيءَ تائين پنهنجي مهماننوازيءَ ۾ ڪمي ڪانه ڪئي.

”جهڙا لائون تهڙا ڇـُـگهه!“ جهڙي خودمختيار حاڪمن جي هلت هوندي آهي، سندن پوئلڳن جي هلت ٻه اهڙي ئي هوندي آهي. جڏهن سنڌي درٻارين،

ميرن جو رخ ڏٺو، تڏهن هو به منهنجي خوشامد ڪرڻ لڳا. جڏهن مان حيدرآباد ۾ هوس، تڏهن مان پاڻشيان ٿو ته سڀني قومن جا سردار، جي دربار ۾ رهيل هئا، سي مون سان گڏجڻ آيا. سکن ۾ ٻين دوستن ڏانهن مراد عليءَ جي صحتيابيءَ جي اطلاع جا، جي خط تيار ڪيا ويا هئا، سي منهنجي روبرو دربار ۾ پڙهيا ويا. انهن ۾ منهنجي ڏوَ تي ساراهه ڪيل هئي. ٻين کان سواءِ مير سهراب ۽ مير ٺاري وٽان به مبارڪ باديءَ جا خط آيل هئا، جن ۾ سفارش ڪئي وئي هئي، ته منهنجي هر نموني خاطرداري ڪئي وڃي.

وٽن هر روز فارسي قصيدا پڙهيا ويندا هئا، جن ۾ نهايت ذليل قسم جي خوشامد ۽ چاپلوسي ڪيل هوندي هئي. مير اها ٻڌي خوشيءَ ۾ نه ماپندا هئا. هو پاڻ تڪليف وٺي، ڏکين شعرن جي مون کي شرح ڪري ٻڌائيندا هئا. حاڪمن جي روش جو اثر رعيت تي به اندازاً پيو. مراد عليءَ جي شفايابيءَ جي خبر ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ باهه وانگي پکڙجي وئي. ماڻهن جا انبوهه لاعلاج بيمارين جي علاج لاءِ هر طرف کان اچي ڪٺا ٿيا. منهنجي باغ جي چوڌاري ڏورانهن ديسن جي ماڻهن جون ڇانوڻيون لڳي ويون. منهنجي در تي صبح کان سانجهيءَ تائين عرضدار بيٺا هوندا هئا. مان جنهن وقت ٻاهر نڪرندو هوس، تنهن وقت دوا ۽ سهائتا لاءِ دڪدائڪ پڪارون ٻڌندو هوس، مون کي لاچار سيني لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو پوندو هو. مون سنڌ ۾ جيترو پورهيو ڪيو هو، ايترو مون اڳي ڪڏهن ڪونه ڪيو هو. اميرن مون کي منهنجي محنت جو چڱو داد ڏنو. هنن کي ڪنهن ٻڌايو هو، ته مون سندن ماڻهن تي ڇئن هزار رپين جون دوائون خرچ ڪيون آهن. مون کين خاطري ڏني، ته مان سندن لاءِ هر قرباني ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، مگر اهو کين ٻڌائڻ مون ضروري نه سمجهيو، ته ڪمپني بهادر کي ڇئن هزارن جو ته نه، پر چاليهن رپين جو به نقصان ڪونه پيو هو.

منهنجي محنت ۽ ڪشالي جو نتيجو اهو نڪتو، جو مون کي سخت بخار ٿي پيو، جنهنڪري مان ڪيترا ڏينهن بستري داخل هوس. ان وقت جا منهنجي تيمارداري ڪئي وئي، سا ته وسارڻ جهڙي نه آهي. اها حقيقت آهي ته ميرن مون کي ڪوئنين کان جواب ڏنو، پر هو هر وقت منهنجي پڇا ۽ فڪر ڪندا هئا. ولي محمد خان جنهن جي ٻارن جي مون ڪجهه خدمت ڪئي هئي، ۽ جنهن سان مان روز تبادلهٔ خيالات ڪندو هوس، سو منهنجو دوست ٿي ويو هو.

Scanned by CamScanner

هڪڙي ڏينهن جڏهن مان بيهوش هوس، هو سمورو وقت منهنجي پاسي ۾ ويٺو رهيو. جڏهن مان هوش ۾ آيس، تڏهن منهنجي پهرين نظر انهيءَ بزرگ تي پيئي، ۽ ڏٺم، تہ منهنجي شفا لاءِ دعا ويني گهريائين. اهڙي جانثاري هن ڪان وڌيڪ متقي ۽ تعليم يافتہ ماڻهن لاءِ فخر جو باعث ۽ مثال ٿي سگهي ٿي.

ڌارين حڪومتن کي خيال ويٺل آهي، تہ سنڌ جي قسمت جون واڳون ٽن زنده ننڍن ڀائرن: مير ڪرم علي ۽ مير مراد عليءَ جي هٿن ۾ آهن. جي سنڌ ۾ خواه ٻاهر مکيہ اميرن جي نالي سان سڏبا آهن. ۽ جن جون مهرون سيني سرڪاري دستاويزن تي لڳنديون آهن. ائين آهي، تہ انهن ٽن جو سياسي اقتدار ۾ ڪو ثاني ڪونہ آهي، پر خاندان جا ٻيا بہ ڪيترا ڀاتي آهن، جن جو حيدرآباد جي دربار ۾ انهن کان گهٽ مرتبو نہ آهي. فتح عليءَ ۽ غلام عليءَ ٻنهي، پٽ ڇڏيا هئا، جن کي حڪومت ۾ حصو هو. هنن جي ڪمسنيءَ ۽ سندن چاچن جي دٻاءَ جي ڪري، هنن جو نالو ڪونہ ٻڌبو هو، پر هنن هاڻي زور ورتو آهي. منهنجي وڃڻ کان پوءِ، فتح عليءَ جو پٽ مير صوبدار، جنهن جو نالو نشان بہ ڪونہ هوندو هو، ۽ جو مکيہ اميرن جي ڇڻ ڇاڪريءَ ۾ گذاريندو هو، تنهن بغاوت ڪري پاڻ کي هنن جو ثاني ڪيو آهي. غلام عليءَ جي پٽ مير محمد کي بہ، جيڪڏهن همت ۽ مرضي هجي، تہ هو بہ اهڙو ئي ڪامياب ٿي سگهي ٿو. مراد عليءَ جا بہ پٽ: مير نورمحمد ۽ مير نصير خان بہ ملڪ جي والين ۾ شمار ٿي سگهن ٿا.

انهن سيني حاڪمن جي قبضي ۾ سنڌ جا حصا آهن، جن تي هنن جو ضابطو آهي ۽ جن جي آمدني کين ملندي آهي. مير فتح عليءَ جي حياتيءَ ۾ ورهاست ڪانہ ڪئي وئي هئي، ۽ سندن ننڍن ڀائرن جي گذران جو دارومدار سندس رحم ڪرم تي هوندو هو. هن جي وفات کان پوءِ، سنڌ جو صوبو ٽئن هڪجيترن ڀاڱن ۾ تقسيم ڪيو ويو هو، جنهن ۾ بہ حصا مير غلام عليءَ کي ڏنا ويا هئا، جنهن حڪومت جي خرچ جو ذمو پاڻ تي کنيو هو، ۽ بہ حصا ڪرم عليءَ ۽ مراد عليءَ کي ڏنا ويا هئا. غلام عليءَ 1811ع ۾ وفات ڪئي. ان کان پوءِ، ملڪيت ڪيترا دفعا تقسيم ڪئي وئي آهي. مراد عليءَ پنهنجي ڀاءُ مير محمد جي ڪيتري ملڪيت قبائي آهي، انهيءَ بهاني تي، تہ ڪيس اولاد آهي، پرهن وقت [1] مير سهراب ۽ مير ٺاري جي قبضي ۾ جيڪي ضلعا آهن، ۽ جن جو ذڪر پڇاڙيءَ ۾ ڪيو ويندو. انهن کان سواءِ، ملڪ جي ٽئن اٽيورن

[1] جون 1828ع.

حصن ۾ ورهايل آهي. انهن مان وڏي ۾ وڏو حصو مراد عليءَ جو آهي، ۽ باقي حصا ڪرم عليءَ، مير محمد خان ۽ صوبدار خان جا آهن. مراد عليءَ جي حصي ۾ هو پاڻ ۽ سندس پٽ ڀاڳي ڀائيوار آهن. سنڌ جي آمدنيءَ متعلق مون کي ڪجهه وڏيڪ لکڻ جو ارادو ڪونه آهي. سواءِ ان جي، ته اها حال ۾ چاليهه لک رپين کان وڌيڪ نٿي شمار ڪئي وڃي.

مٿي ڏيکاريل شهزادن کان سواءِ، ٽالپر قوم جا ٻيا به ڪيترا سردار، ميرن جي دربار ۾ دائمي رهندا آهن: جيتوڻيڪ هو "مير" يعني واليءَ جي لقب سان سڏبا آهن. پر کين حڪومت جي ڪاروبار ۾ دست اندازي ڪرڻ جي اختياري ڪانه هوندي آهي. هنن جو رعب تاب ان ڪري هوندو آهي، جو شاهي خاندان سان عزازت اٿن. مير سهراب ۽ مير ٺارو انهيءَ طبقي مان آهن. کين جدا جدا ضلعا مليل آهن، جن ۾ سندن حڪومت هلي ٿي. هو مکيه ميرن جا خراج ڀريندڙ آهن. ڪلهوڙن جي هار وقت هنن پنهنجي بهادريءَ سان ملڪ جون وڏيون ايراضيون هٿ ڪيون هيون، جي ان وقت کان سندن قبضي ۾ رهيون آهن. مير سهراب، پنجاب جي سرحد تي شڪارپور ۾، ۽ مير ٺارو ته ميرپور ۾ رهندا آهن، جتي هنن جي پنهنجي پنهنجي دربار ٿيندي آهي. مير ٺارو ڀهريائين فتح عليءَ [1] جي خلاف هو، پر هو گهڻو ڪري ميرن جي مدد ڪندو هو، پر مير

[1] جڏهن بيروني حملي جو خطرو دور ٿي ويو، تڏهن مير سهراب خان گهڻن ٽالپرن ۽ ٻين سردارن جي صلاح سان رٿ ڏني، ته مير عبدالله خان جي پٽ مير غلام حسين خان، جو هاڻي بلوغت کي رسيو هو، تنهن کي سنڌ جي حڪومت جون واڳون سونپجن. جنهن جو هو وارث ۽ حقدار هو. هنن جو چوڻ هو، ته مير فتح عليءَ کي گادي عارضي طور ڏني وئي هئي، ڇاڪاڻ ته ان وقت غلام حسين صغير هو. انهيءَ حجت جو جواب مير فتح عليءَ اهو ڏنو، جو هو رڪاب ۾ پير وجهي ميدان تي نڪتو. ٻنهي ڌرين پنهنجون فوجون ڪٺيون ڪيون. سڄا ٽي ڏينهن فوجون صفون ٻڌيو، هڪٻئي جي سامهون بيٺيون هيون. ٽالپر قوم جي هن خانہ جنگيءَ ۾ عزيز، عزيز جي خلاف هو. پٽ، پيءُ جي گلي ڪپڻ لاءِ تيار هو، ۽ ڀائرن پنهنجو رت وساري ڇڏيو هو. پر قوم جي بزرگن کين سمجهايو ته انهيءَ وحشت ۽ خونريزيءَ جا خراب نتيجا نڪرندا. زالون ٽپ ڏيئي، جهيڙي ٽارڻ لاءِ اچي ترارين جي وچ ۾ پيون. آخر ٻنهي ڌرين کي عقل آيو. مير غلام حسين، مير فتح عليءَ جي حڪومت تسليم ڪئي، ۽ سندس سنڀال هيٺ رهڻ جو وعدو ڪيو. هو اجا هن جي سنڀال هيٺ رهي ٿو. مير فتح علي خان اها ڳالهه قبول ڪئي، ته مير سهراب خان ۽ مير ٺارو خان هميشہ پنهنجي پنهنجي حدن اندر آزاد ۽ خودمختيار رهندا. انهيءَ نظام کان پوءِ، مير فتح علي خان نهايت فراخدليءَ سان پنهنجن ٽن ڀائرن، مير غلام علي خان، مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان کي سندن رتبي مطابق جاگيرون مقرر ڪري ڏنيون. ان لاءِ هو گڏجي خاندان ۾ مفاد لاءِ ڪم ڪندا رهندا. خاندان جي عزت لاءِ هو اڳي به جنگ جي ميدان ۾ لڙيا هئا. خاص ڪري مير غلام علي خان، جنهن نهايت سرجوشيءَ کان ڪم ورتو هو. ساڳيءَ طرح هن کين حڪومت ۾ پاڻ سان شريڪ ڪيو، ۽ سندن مسندون پنهنجي مسند جي پاسن کان رکيائين ۽ اهو رواج اجا تائين هلندو اچي ٿو. - ڪرو.

Scanned by CamScanner

ٽاري ڪيترا دفعا هنن سان لڙايون ڪيون آهن. ۽ انهن ۾ پنهنجي ارهه زورائيءَ لاءِ سڃاتو اٿس. هو ٻيٺي وڏي عمر جا آهن. مير ٺارو ته ايڏو پيرسن آهي جو اندو ٿي پيو آهي.[1] هن جو پٽ علي مراد. سنڌ دربار جو سڀ کان وڌيڪ سرڪش تابعدار آهي. هن هاٿي تازو مياڻن قوم جي ڌاڙيلن کي پناهه ڏئي پاڻ ڏانهن انگريزن ۽ ڪڇ جي حڪومتن جو ڌيان ڇڪايو آهي. انهن سردارن جي. ميرن سان جا عزازت آهي. سا ٽالپرن جي شجري ۾ ڏيکاريل آهي.

ظاهراً ائين ٿو نظر اچي ته، ڄڻ سنڌ جو اختيار حڪومت جي وڏن ماڻهن يا سردارن ۾ يڪسان ورهايل آهي. پر جاچي ڏسبو، ته معلوم ٿيندو، ته جيتوڻيڪ انتظام جو بار گهڻن ماڻهن جي ڪلهي تي آهي، پر اهو هڪ خود مختيار ماڻهوءَ جي سرفرازيءَ لاءِ آهي. پر اهو ماڻهو مير مراد علي آهي، جنهن پنهنجي فضيلت ۽ لياقت سان خاندان جي ٻين شاخن جي همدردي ۽ مدد حاصل ڪئي آهي. هو پنهنجي پاءُ کان ننڍو آهي، پر پاڻس هن جي اثر هيٺ آهي ۽ هو ڪيس ٻين سان گڏ ڪارائتو سرڪردو ۽ عيوضي ڪري تسليم ڪندو آهي.

هاڻي مان انهيءَ حقيقت جي سببن ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس. ايشيا جي ظالم حاڪمن جي سلسلي ۾ دلي محبت جو ذڪر شايد ڪن ماڻهن کي ڏکيو لڳي، پر اها حقيقت آهي، ته هن خاندان ۾ هڪ اهڙو گڻ آهي، جو پنهنجو مٽ پاڻ آهن. جنهن جي ڪري هو اوچ کي پهتا آهن. ۽ گذريل ٽيهه ورهيه سنڌ امن امان ۾ رهي آهي. منهنجو اشارو فتح عليءَ ڏانهن آهي، جنهن حڪومت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، برادرانه محبت ۽ شايد مصلحت وچان پنهنجن ڀائرن جون مسندون پنهنجي مسند سان گڏ رکايون هيون. ۽ اهڙيءَ طرح ڪين انفرادي طرح بغاوت ڪري، حڪومت هٿ ڪرڻ کان روڪيو هو. عموماً مخالف اغراض ۽ مقصد برادرانه محبت جهڙي نازڪ جذبي لاءِ قاتل هوندا آهن. پر ان هوندي به اها حقيقت آهي، ته ٽالپر خاندان جي سيني شاخن ۾ انهيءَ جذبي جا اهڃاڻ آهن. جنهنڪري ننڍا هميشه وڏن جي چئي ۾ هوندا آهن ۽ سندن حياتيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجا جذبات قبضي ۾ رکندا آهن. هيءُ رايو شايد ڪن کي خيالي نظر اچي، پر مراد عليءَ جي عزيزن کي سندس بيماريءَ لاءِ جو انتظار ۽ انديشو هو، سو جنهن ڏٺو هوندو، سو ضرور انهيءَ رايي جو ٿيندو. جي ميرن

[1] مير ٺارو آگسٽ 1829ع ۾ گذاري ويو. ۽ هن جي ملڪيت جو وارث سندس پٽ علي مراد ٿيو.

جو هڪبئي سان سنو سلوڪ نہ هجي ها. تہ جيڪر سنڌ جي حڪومت جو ناموافق انتظام ايترو وقت هلي نہ سگهي ها.

مراد علي اٽڪل پنجونجاهہ ورهين جي ڄمار جو آهي. هن جو رنگ گورو آهي، ۽ هن جي شڪل سندس ملول ۽ اداس دل جو آئينو آهي. هو خشڪ ۽ شوم طبيعت جو آهي، ۽ سندس منهن تي ورلي مشڪ نظر ايندي آهي. هو ڪڏهن بہ دل کولي ڪونہ ڳالهائيندو آهي. هن جا محب، فقط سندس گهر جا ياتي آهن. اها خبر نٿي پوي، تہ هو محبت جي ڪري سندس سڄڻ آهن يا ڪابٽس ڏڄڻ تا. بهرحال، هو پنهنجي زور ۽ زبردستيءَ ۽ رعيت جي خوف ۽ هراس سان سنڌ جي قسمت تي قبضو ڪيو ويٺو آهي. اها ڳالهہ تعجب جهڙي آهي، تہ هيءُ ظالم سچ پچ گيدي ۽ ڪانئر آهي. هن کي هر وقت موت جو خوف رهندو آهي، ۽ وهمي پوت اڳيان ڦرندا اٿس. سندس رعيت جا ڪي ماڻهو، تہ چوندا آهن تہ هو بهادر بہ آهي، پر اها ڳالهہ ناقابل اعتبار آهي. مگر مون خود ڏٺو آهي، تہ هن کي ڪا معمولي بيماري ٿيندي آهي، تہ ڳڻتيءَ ۾ ڪيترين راتيون ننڊ نہ ايندي اٿس.

مراد عليءَ کي حرص جو مرض آهي. هو پنهنجي طمع جي پوري ڪرڻ لاءِ، پنهنجي عزت ۽ رعيت جي فائدي جو بہ خيال ڪونہ ڪندو آهي. هو ورلو ڪو وعدو ڪندو آهي ۽ جي ڪندو آهي، تہ پاڙيندو نہ آهي. مطلب تہ هو هڪ خ د غ ض ـ لول ظالم آهي، هو ٻيو ايشيا جو ٽبيريس (روم جو شهنشاهہ) يا فلپ ٻيو آهي. هو پنهنجي طاقت جي زور تي حڪومت ڪري ٿو، ۽ سندس دل ۾ ڪي بہ نازڪ انساني جذبا ڪونہ آهن، هو روم جي شهنشاهہ ٽبيريس سان ايتري تہ مشابهت رکي ٿو، جو رومي تاريخ نويس جيڪو شهنشاهہ جو بيان ڏنو آهي، سو هن سان هوبهو لڳي اچي ٿو.

مير ڪرم علي، ياءُ جي بلڪل برعڪس آهي، هن جي بهادري تسليم شده آهي، هو دربار جي آداب ۽ رسوم مطابق ڪلمڪ. مهربان ۽ شفيق آهي، هو چڱي پوشاڪ ۽ ڏيک ويک جو شوقين آهي، ۽ عام ماڻهن جي خوشامد کي پسند ڪندو آهي. هوڏانهن مراد علي ڏيڪاريندو آهي، تہ ڪيس چاپلوسي پسند نہ آهي. تورو وقت اڳ مير ڪرم علي تمام هٽ - ڦاڙ هوندو هو. هاڻي بہ هو سخي آهي، جيتوڻيڪ سنڌ جي حاڪمن جي روايتن مطابق پئسو گڏ ڪرڻ شروع ڪيو اٿس.

مون ڏنو، تہ حيدرآباد ۾ خلق جو آواز هن جي فائدي ۾ هو، ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجي رعيت ۽ زيردستن تي مهربان، ۽ وعدي جو پڪو آهي. هو قد جو لانيرو آهي، شڪل موچاري ۽ عادتون وڻندڙ اٿس. هو مراد عليءَ کان فقط پنج ورهيہ وڏو آهي، پر هن جي منهن ۾ گهنج ۽ جوانيءَ جي غلطين جا نشان آهن. ڏسڻ ۾ ٿو اچي، تہ هو جلدئي ميدان پنهنجي جانشي ۽ چالاڪ ڀاءُ لاءِ خالي ڪري ويندو.

ڪرم عليءَ ۾ گهٽو حوصلو ڪونہ آهي، جيتوڻيڪ هن کي چڱي تعليم مليل آهي. هو اهڙو تہ ضعيف طبع ۽ آسائش پسند ماڻهو آهي. جو هن حياتيءَ ۾ هميشه ٻين جي صلاح ۽ مرضيءَ تي هلڻ جو پاڻ کي عادي ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن هن جو ڀاءُ ڪانئس اڳ گذاري ويو، تہ ممڪن آهي، تہ هو ان کان پوءِ گوشہ نشينيءَ ۾ رهڻ پسند ڪندو، ڇاڪاڻ تہ ڪيس اولاد ڪونہ آهي، ۽ وري ڪيس پنهنجن ڀائٽن کي قبضي ۾ رکڻ جي طاقت ۽ همت نہ آهي، پر جيڪڏهن هو اول فوت ٿي ويو، تہ ڀائن ۾ ايتري ٻڌي ۽ محبت آهي، جو هن جي خزاني ۽ ملڪيت جو وارث مراد علي ٿيندو ۽ حڪومت جون واڳون اڪيلي سر سنڀاليندو.

مکيہ ميرن کان پوءِ، ٻيو نمبر درجو آهي، مير غلام عليءَ جي پٽ، مير محمد خان جو. هن جي اٽڪل ٽيهہ ورهيہ ڄمار ٿيندي. هو هڪ ناهوڪو جوان آهي، جيتوڻيڪ چپ لڙڪيل اٿس، جنهن ڪيس ڪجهہ بدزيبو ڪيو آهي. هن کي پنهنجي پيءُ کان گهڻي دولت ۽ اثر ورثي ۾ مليو هو. ڪجهہ وقت، تہ هو پنهنجن چاچن سان گڏ مسند تي ويهندو هو، ۽ جڏهن ٻاهر نڪرندو هو، تڏهن ڪيس سندس چاچن وانگر حيدرآباد جي قلعي جي ديوارين تان سلامي ملندي هئي: پر هو هڪ نرم دل ۽ گهٽ حوصلي وارو ماڻهو آهي، ۽ ڪيس عزت يا مرتبي جو ڪو خيال ڪونہ آهي. هن جي ملڪيت جي وڏي حصي تي مراد عليءَ ۽ هن جي خاص نوڪرن قبضو ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ هن جو مٿن رعب ڪونہ آهي ۽ هن ۾ پنهنجي ڪاروبار سنڀالڻ جي لياقت ڪانہ آهي. هو نهايت حليم طبع جو آهي، ۽ حڪومت ۽ ادمبر جي پرواهہ ڪانہ رکندو آهي. هن جا، جي خاص خدمتگار آهن، تن جي ساڻس ڏاڍي محبت آهي. هنن مان ڪيترن سندس نوڪريءَ مان وڏيون ملڪيتون ٺاهيون.آهن.

مير محمد خان کي ٻار ٻچو ڪونہ آهي. ياد رکڻ کپي، تہ سنڌ جي درٻار جو رواج آهي، تہ حاڪمن کي جي ٻانهين مان ٻار ٿيندا آهن، تن کي ماريو ويندو آهي.

Scanned by CamScanner

هن خوفناڪ رواج ڪري نهايت بي قياسيءَ سان ظلم ٿيندا هوندا. مون کي خاطريءِ سان معلوم ٿيو آهي، ته هن خاندان جي فقط هڪ ڄڻي، گهٽ ۾ گهٽ ستاويهه ربيءِ نڪاح ٻار قبر داخل ڪيا هئا. هندن ۾ صدين کان وٺي ستيءَ ۽ ٻارن جي مارڻ جي هولناڪ رواجن جي اجازت ڏنل آهي، ۽ انهن کي ڌرمي متن جي پڻ ٽيڪ آهي. هڪڙو مغرور راجپوت، جيڪڏهن پنهنجي ڌيءُ کي ڄمندي ئي نڙيءَ تي ننهن ڏئي ته هن کي، جيڪڏهن معافي نٿي ڏئي سگهجي، ته به مٿس رحم ڪري سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته هنن کان وڏي هوندي ڪڇ جي ملڪ وانگر بدپيشو ڪرايو ويندو آهي. پر سنڌ ۾ جو وحشياڻو رواج آهي، ان جي بيرحميءَ کان انسانيت جي لونءَ لونءَ ڪانڊارجيو وڃي ٿي. اهو جهڙو قرآن شريف جي احڪامن جي خلاف آهي، تهڙو انساني فطرت جي فرمان جي- مطلب ته ان لاءِ اهو معقول عذر نه آهي. حضرت محمد ﷺ جن فرمائين ٿا ته: ”جيڪي پنهنجي جهالت ۽ بيعلميءَ کان پنهنجا ٻار مارين ٿا ۽ جيڪي خدا جي ڏنل رزق کي حرام نهرائين ٿا، انهن جي لاءِ ڪو ڇوٽڪارو ڪونه آهي- هو خدا تي ڪوڙ مڙهين ٿا“.

مير مراد عليءَ جو وڏو پٽ نورمحمد اٽڪل ٽيهن ورهين جي عمر جو آهي- هو، هوبهو پيءُ جو نقل آهي- هن ۾ پيءُ جون سڀ خراب خصلتون ۽ هن جا ٺورا چڱا لڇڻ آهن. هن کي ماٺهو ڏڪاريندا هئا. مون ڪونه ٻڌو آهي، ته هن ۾ ڪو چڱو گڻ آهي، سواءِ ان جي، ته پيءُ لاءِ مطلبي محبت اٿس. هن جي حياتيءَ جو ظاهري مقصد آهي دنيا گڏ ڪرڻ. سڄي خاندان ۾ هيءُ هڪڙو سردار آهي، جو اڻ پڙهيل آهي. هن کي هڪ رواجي خط فارسيءَ ۾ لکي پيءُ ڏي موڪلڻو هو. مون ڏٺو، ته هن اهو به هڪ منشي کان لکارايو. هن مير شهداد نالي هڪ ڳتڪو پٽ آهي، جنهن جي عمر ٻارنهن ورهيه ٿيندي.

مير محمد نصير خان، مراد عليءَ جو ٻيو پٽ آهي. سنڌ جي شاهي خاندان ۾هو سڀني کان وڌيڪ رلڻو ملڻو ۽ خوش خلق آهي. هو پنجويهن ورهين جي عمر جو آهي. شڪل جو سهڻو پر ڪجهه ٿلهو ۽ نهايت فضيلت وارو آهي. هن جي تمام شاندار صورت آهي ۽ پيءُ ۽ ڀاءُ سان ڪا به مشابهت ڪانه اٿس. خوش قسمتيءَ سان هو وصفن ۾ به اهڙو ئي هنن جي برعڪس آهي. نصير خان اهڙو ئي سخي آهي، جهڙا هو ڪنجوس آهن. هن پنهنجي دولت نهايت فراخدليءَ سان اُڏائي آهي. فراخدلي، گڻ هجي يا اوگڻ، پر سخيءَ جي هميشه خاص ڪري مشرقي ملڪن جي تعريف ۽ واکاڻ ڪئي ويندي آهي.

حيدرآباد ايندي، مان رستي ۾ مير صاحبن جي خصلتن ۽ شاعرانه شعور جي گهڻي تعريف ٻڌي هئي، مون سمجهيو، ته دنيا جي هر ملڪ ۾ مصنفن کي ساڳيون ڪمزوريون هونديون آهن. تنهنڪري مان پهرينءَ ئي ملاقات جي وقت وجهه وٺي، مير صاحب جن کان "ديوان جعفري" نالي سندن تصنيف جي گهر ڪئي، جنهن جي شهرت لاءِ مون کين چيو، ته سڄي هندستان ۾ پکڙجي وئي آهي. اها ڳالهه کين نهايت پسند آئي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ، مون کي انهيءَ تصنيف جو هڪ نهايت سهڻو ۽ باتصوير نسخو ڏنو ويو، جنهن جي پهرين صفحي تي سندن هٿ اکر هئا. جيڪڏهن تصنيف سچ پچ سندن آهي، ته پوءِ هنن بيشڪ کيرون لهڻيون. پر مون کي هنن جي گفتگوءَ ۾ اهڙي بلند خياليءَ جي ثابتي ڪڏهن ڪانه ملي هئي.

ديوان جعفريءَ کان پوءِ، مون کي ٻين ميرن کان وڏيڪ قيمتي سوغاتون مليون. هنن وٽ پنهنجون تصنيفون ته ڪونه هيون، پر هنن مون کي حافظ ۽ سعديءَ جي ديوانن جا نهايت خوبصورت نسخا ڏنا، جن مان ڪي، ڪيتريون پيڙهيون ڪلهوڙن جي ڪتبخاني ۾ رهيا هئا، ۽ نه فقط قيمتي هئا، پر ايراني خط جا بهترين مثال پڻ هئا. ۽ مون کي ٻيون به ڪيتريون نادر سوغاتون مليون. ولي محمد خان مون کي ڪابل جي بادشاهه شاهه شجاع الملڪ جي پيرن جي هڪ سهڻي سائي رنگ جي جُتي ڏني، جنهن لاءِ هن کي اهڙي عزت هئي، جا هڪ وزير کي بادشاهه لاءِ هئڻ کپي.

مير نصير خان کي انگريز سرڪار لاءِ هميشه عزت پئي رهي آهي. حيدرآباد ۾ جو اسان جو ڏيهي وڪيل رهندو آهي، انهيءَ جي هن هميشه عزت پئي ڪئي آهي. منهنجي ته هو خاص طرح تعظيم ڪندو هو. هو مردانگيءَ ۾ ٻين سڀني کان سرس آهي، جنهنڪري سپاهه ۾ ڏاڍي عزت اٿس. ٽالپر خاندان جي ننڍين شاخن مان هيءُ ئي هڪ شهزادو آهي، جنهن جي ترقيءَ ۽ اوج جو امڪان آهي. ائين آهي، ته هو پختي ارادي جو ماڻهو نه آهي ۽ نه هن وقت ترقيءَ جو خيال اٿس. پر چئي نٿو سگهجي، ته جيڪڏهن کيس ميدان صفا تي مليو، ته ان جو سندس طبعيت تي ڪهڙو اثر پوندو، خاص ڪري جڏهن عوام جو رايو سندس فائدي ۾ آهي.

مون کي مير صوبدار خان سان ملاقات ڪرڻ جو موقعو ڪونه مليو هو. مان جڏهن سنڌ ۾ هوس، تڏهن مٿس مير صاحب وڏي جو ناراضپو هو. هن مون

ڏي نياپا موڪليا. پر مير ان ڳالهه تي اعتراض ورتو هو. هو فتح عليءَ جو پٽ آهي، جو ٽالپر خاندان جي عظمت جو باني هو. هو سنہ 1801ع ۾. ٻيءَ جي وفات کان ٻہ - چار ڪلاڪ اڳ ڄائو هو. فتح علي، ڀائرن کي معصوم ٻار جي پارت ڪري گذاري ويو. صوبدار ڪيترا سال ڪرم عليءَ جي گود جو پٽ هو. پر هن کي مرگهيءَ جو مرض هوندو هو. هڪڙي ڏينهن ڪيس انهيءَ ٻري مرض جي دوري ۾ ڌڪ لڳو، ۽ هو بيهوش ٿي درٻار ۾ ڪري پيو. مراد عليءَ ٻاهر ڪي چيو، تہ انهيءَ بدبخت مان ڪي ڪين ورندو. انهيءَ وقت کان وٺي، هو غربت ۽ گمناميءَ ۾ گذاريندو آهي، ۽ ڪيس پنجويهہ هزار رپين جو حقير ساليانو وظيفو ملندو آهي.

مير صوبدار سمجهي ٿو، تہ سندس مصيبتن لاءِ مراد علي جوابدار آهي. جڏهن مراد علي بيمار ٿيو، تڏهن صوبدار ۽ هن جا دوست خوش ٿيا، تہ اجهو ٿو مري. تنهن کان سواءِ هن پنهنجي حق لاءِ ڪليو ڪلايو گهر هئي، ان تي مراد عليءَ کي منيان لڳي. صوبدار لاچار ميرن جي دٻاءَ ڪري، درٻار ۾ حاضر رهندو هو. پر مون ڏٺو، تہ هن سان ڪوبہ ڪونہ ڳالهائيندو هو، ۽ نہ ئي هن کي ڪنهن بہ قسم جي عزت ڏني ويندي هئي.

پر مراد عليءَ، صوبدار کي چڱيءَ طرح ڪونہ سڃاتو هو. هن پنهنجي مورثي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي پيءُ جي باقي ٻچيل دوستن ۾ مير ٿاري جي سرڪش پٽ، مير علي مراد سان سازش ڪرڻ شروع ڪري ڏني. منهنجي هئڻ ڪري هو پنهنجون رٿون عمل ۾ آڻي نہ سگهيو، پر مان حيدرآباد مان نڪتس، تنهن کان پوءِ، هو جلدئي ريگستان ۾ اسلام ڪوٽ جي قلعي ڏانهن پهچي ويو، جتي پنجن ڇهن ڏينهن اندر سندس ساٿي ۽ پوئلڳ، جي ڪل اٽڪل پندرنهن سؤ ماڻهو هئا، وڃي شامل ٿيا، ۽ سڌو حيدرآباد تي چڙهائي ڪيائون. هن جي انهيءَ بهادراڻي چال گاديءَ وارن ميرن کي ڪڪو وڪو ڪري ڇڏيو. پر هنن مصلحت کان ڪم وٺي صلح ڪيو. صوبدار خان کي ملڪ جو حصو ڏنائون، ۽ ڪيس حڪومت ۾ شريڪ ڪيائون. جوان شهزادي جي سرفرازي خاندان جي ٻين فردن کي ڪين آڻي. امڪان آهي، تہ جيڪڏهن ڪو موقعو ملي وين، تہ هو ڪيس ڪڍڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪندا، جو هو سندن رستي ۾ هڪ ڪنڊو آهي.

مير صوبدار شڪل جو موچارو آهي. هن جو قد وچولو آهي ۽ هو البت فربهيءَ ڏانهن مائل آهي. هن جو اٿڻ - ويهڻ پُر تڪلف آهي. پر هن تي گهڻو وقت چوڪسي رهي آهي. جنهنڪري هن معاملي ۾ صحيح اندازو نٿو ڪري سگهجي. مون ٻڌو آهي، ته هن جي تعليم تي گهڻو ڌيان ڏنو ويو هو. هو لاشڪ ضعيف طبع ماڻهو آهي، ۽ ڪنهن نہ ڪنهن فرقي جي اثر ۾ اچي ويندو. پر جي فارسي ڪتابن ۾ شعر جي ڄاڻ ڪي علم ڪوني سگهجي ٿو، تہ هن ۾ ادبي شعور آهي ۽ هو صاحبِ علم آهي.

سنڌ ۾ خالص فوجي حڪومت آهي. ماڻهو، حاڪمن جي رحم و ڪرم تي آهن. انهن جي ڪمبختي اها آهي، تہ سندن حاڪم انهيءَ اهم حقيقت کان غير واقف آهن، تہ ڪنهن بہ منتظم حڪومت ۾، حاڪم جو فائدو رعيت جي بهبوديءَ ۾ هوندو آهي. ايشيا جي ٻين ناظمن وانگر مير بہ پنهنجو ترت فائدو. پوءِ اهو ڪهڙو بہ خسيس هجي- آئيندي جي فائدي لاءِ قربان نہ ڪري سگهندا آهن. بدقسمتيءَ سان هو سمجهن ٿا، تہ سندن گهراڻي جي استقلال ۽ شان جو دارومدار خزاني جي جمع ڪرڻ تي آهي، تنهنڪري هنن جي حڪومت جو سمورو نظام انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو. انهيءَ مان کين هڙ حاصل بہ گهڻو ڪجهہ ڪونہ ٿو ٿئي ۽ ماڻهن کي گهڻو نقصان رهي ٿو. انهيءَ ڪوتاهہ نگاهہ نظام ڪري سنڌ ۾ محصول ۽ ڍلون اهڙيون موتمار آهن، جو واپار کي سخت نقصان رسائين ٿيون، ۽ نتيجو اهو ٿو نڪري، جو ملڪ جي صنعت تي ان جو برو اثر پوي ٿو. ڍلون، جيڪو وڏو واڪ ڏيندو آهي، ان کي نيڪي تي ملنديون آهن. نيڪيدارن کي نيڪا حاڪمن جي مهربانيءَ سان ملندا آهن، ۽ کين ڪنهن بہ صورت ۾ معافي ڪانہ ملندي آهي، تنهنڪري هو پنهنجي مختصر ايامڪاريءَ ۾ هر نموني جو ظلم ۽ زبردستي ڪندا آهن.

هر يورپي آدمي، جنهن هن معاملي تي غور ڪيو آهي، تنهن کي تعجب لڳندو آهي، تہ اهڙي نموني جو انتظام ڪيئن ايترو وقت هلندو آيو آهي! ميرن جي ٻڌي ۽ اتفاق جو ذڪر مان اڳيئي ڪيو آهي. ايشيا جي حڪومت جي تاريخ ڏيکاري ٿي، تہ انسان کي ڪيتري سهڻ جي شڪتي آهي ۽ حاڪم جزا لوڙڻ کان سواءِ، ڪيترو جور و جفا ڪري سگهن ٿا. تنهن کان سواءِ، سنڌ کي ٻين هڪجهڙن ملڪن جي مقابلي ۾ وڌيڪ سهوليتون آهن. انهن سهوليتن جي

ڪري سنڌ. ڪجهه قدر بدانتظامي ۽ جهالت جو مقابلو ڪري سگهي ٿي. سنڌ، موسمي برسات ۽ ان جي نه پوڻ ڪري، جي ٻيـن وارن ملڪن ۾ ڏڪر ۽ آفتون ٿينديون آهن. تـن کان آجي آهي. قدرت ان کي سنڌونديءَ جهـڙي پائيدار ۽ مستقل نعمت عطا ڪئي آهي. جا واپار ۽ زراعت جو هڪ اهڙو ذريعو آهي، جنهن کي ظلم به بند نٿو ڪري سگهي. ان ڪري ڪڙمي، نه فقط پنهنجون ٻنيون ٿوري خرچ ۽ تڪليف سان آباد ڪري سگهن ٿا. پر پوري وقت تي چڱي فصل جي اميد به رکي سگهن ٿا. ۽ جيڪڏهن سندن خواهش هجي، ته پنهنجي محنت جو منو سڦلو ڦل آسانيءَ سان نفعي تي ٻيـن ملڪن ۾ موڪلي سگهن ٿا. حاڪمن جي مخالفت هوندي به زمين جي زرخيزيءَ ڪري سنڌ ۾ مزدوري ۽ کاڌي پيتي جون شيون. ڪيچ ملڪ کان سستيون آهن. ڪيچ جا ماڻهو هميشه تنگيءَ جـي وقت ۾ قـوت گذران لاءِ. اسان جي علائقن جي بدران سنڌ ڏانهن ويندا آهن. تنهنڪري هن بدنظام ملڪ ۾ ماڻهو ساوا ۽ آسودا نظر ايندا آهن، جا ڳالهه ڏسي انهن ماڻهن کي تعجب لڳندو آهي، جي سمورين حقيقتن تي ويچار نه ڪندا آهن.

اهو چوڻ ضروري آهي، ته هر انسان شرارت وانگر ظالم جي ظلم جي به حد ٿيندي آهي. البت ايترو قبول ڪبو. ته مير حڪومت جي اصولن کان غير واقف آهن ۽ تعصب جي ڪري سندن ذهنيت خراب ٿيل آهي، نه ته هو پنهنجن ڪاروائين ۾ هرويرو ظالم ۽ بيرحم نه آهن. تنهن کان سواءِ هو اهڙا انڌا به نه آهن. جو ڪين اها خبر نه پوي، ته رعيت کي حد کان وڌيڪ آزارڻ ۾ ڪهڙا خطرا ۽ خوف آهن. خـوش قسمتيءَ سان مـالي انتظـام ۾ اهڙيون پابنديون آهن. جي ڪجهه قدر رعيت کي فائدو رسائين ٿيون. حڪومت کي رعيت کان وڌيڪ نيڪيدار سان همدردي ڪانه هوندي آهي. تنهنڪري نيڪيدار جي برخلاف، جي پڪارون ٿينديون آهن، سي حڪومت خوشيءَ سان ٻڌندي آهي، ۽ اڪثر ڌرين جا تڪرار مفتيءَ ڏانهن شرعي فيصلي لاءِ موڪليندي آهي. ٻي ڳالهه آهي مسلمان سپ سپاهي آهن. هنن وٽ نه ايترو پئسو آهي نه صبر ۽ استقلال، جو هو نيڪيدار ٿي سگهن. تنهنڪري ڍلون گهڻو ڪري هندن جي هٿ ۾ هونديون آهن. هندن جي طبقي کي دربار ۾ ٿورو رسوخ هوندو آهي. ڪين ملڪ ۾ سواءِ دولت جي ٻيو ڪو اثر يا آبرو

ڪونه آهي. ٺيڪيدارن کي ڪچ ملڪ وانگر ديواني عدالت جون سهوليتون ميسر ڪونه آهن. ضلعن جا مسلمان ۽ فوجي ناظم، ڪين حسد جي نگاهن سان ڏسندا ۽ ڌڪاريندا آهن. هو هنن جي دولت تي رشڪ ڪائيندا آهن. ڪين ۽ سنڌن مذهب کي نفرت سان ڏسندا آهن. انهيءَ "ويڙهائي راڄ ڪرڻ" جي اصول مان ماڻهن کي فائدو رسندو آهي. اها هڪ ڏک جهڙي ڳالهه آهي، تہ سنڌ ۾ ملڪيت جي حفاظت جو سارو دارومدار حاڪمن جي ٻـرن جذبن جي ميزان تي آهي. حاڪمن جو فائدو اڪثر ان ۾ هوندو آهي، تہ هو گڏجي يڪمشت تي غريب ڳوناڻن کان سنڌن محنت جو ڦل ڦرين.

انهن مشڪلاتن هوندي بہ مون کي شڪ آهي، تہ سنڌ اڳي ڪڏهين ايتريون نعمتون ڏٺيون نہ آهن، يا ڪين ايترو سياسي اقتدار مليو آهي، جو هن وقت ڪيس حاصل آهي. سنڌ جا حاڪم جاهل ۽ جابر آهن. پر سنڌ جي تاريخ ڪانہ تي ڏيکاري، تہ ڪو ڪيس هن کان بهتر حڪومت ڪڏهن ملي آهي، جا ڪيس هن وقت آهي. سنڌ جي حاڪمن لاءِ اها فخر جي ڳالهه آهي، تہ هنن سنڌ کي گذريل ٽيهہ ورهيہ ساندهہ امن امان ۽ صلح سانت ۾ رکيو آهي. تنهن ڪان سواءِ اهي سرفروش جوڌا جن انقلاب آڻي ڪلهوڙن کي ڪيرايو هو. سي گذريل اڌ صديءَ ۾ ميدان مان غائب ٿي ويا آهن يا عمر رسيده ۽ ڪمزور ٿي ويا آهن. هاڻوڪي نسل کي پنهنجن وڏن جي خونريزيءَ ۽ غارتگريءَ جون فقط ٻڌل خبرون آهن. انهيءَ طوفان کان پوءِ سنڌ ۾ سڪون ٿي ويو آهي. ٻين ملڪن وانگر سنڌ ۾ گوڙ فساد ۽ وڳوڙ کان پوءِ آهستي آهستي حڪومت اندر اهڙو انتظام ۽ استقلال پيدا ٿيو آهي، جو سنڌ اڳي ڪڏهين ڪونہ ڏٺو هو.

اها حقيقت آهي، تہ سنڌ ۾ تنزل ۽ برباديءَ جون گهڻيون نشانيون آهن. ماڻهن جو خيال آهي تہ اهي خانہ جنگيءَ واري عرصي جو نتيجو آهن. اهڙي ثابتي ڪانہ آهي، تہ ڪو اهي علامتون ميرن جي صاحبيءَ ۾ خاص طرح وڌيون هيون يا مير، پوين ڪلهوڙن کان وڌيڪ رعيت جي بهبوديءَ ۽ واپار جا بدخواهہ آهن. (ميان محمد) سرفراز خان ڪلهوڙو، نہ فقط هڪ خونخوار ظالم هو، پر هو هر طريقي سان واپار ۽ صنعت جي ترقيءَ جي آڏو رڪاوٽ ٿي ايندو هو. هن

ڪيترا ظلم ڪيا ۽ انهن مان هڪ اهو به هو، ته ٺٽي[1] مان انگريزن جي ڪوٺي ڪٺائي ڇڏي هئائين. ان ۾ شڪ ڪونهي، ته آمدنيءَ گهٽ ٿي آهي، پر هن قصور لاءِ مير جوابدار آهن، جن اجايون قربانيون ڪيون آهن. مثلاً: هنن آباديءَ[2] لاءِ زمينون ٺيڪي تي ڏيڻ بدران سڀ ڪان وڌيڪ زرخيز ضلعن جون وڏيون ايراضيون پنهنجي شڪار لاءِ جهنگ ڪري ڇڏيون آهن.

ڪابل جي حڪومت جي ٽُٽڻ ڪري ميرن جي جند هڪ بالادست اختياريءَ جي اطاعت ڪان ڇٽي آهي. هو هاڻي تقريباً خودمختيار حاڪم آهن. ان ڪري هو شڪارپور جو زرخيز ضلعو هضم ڪري سگهيا آهن، جو هنن پنج ورهيه اڳ زوريءَ ورتو هو. شڪارپور تي مير سهراب حڪومت ڪندو آهي، پر ان جي آمدنيءَ مان ٻين ميرن کي به حصو ملندو آهي. ساڳئي وقت هو پندرنهن لکن رپين جي ساليانی خراج جي بوجهه ڪان به آزاد ٿيا آهن، جي ڪين افغان دربار کي ڏيڻا پوندا هئا. رنجيت سنگهه، ڪابل جي رياستن جي واليءَ جي حيثيت ۾ ڪيترا دفعا ڪانئن اصلوڪي خراج گهرڻ جو ارادو ظاهر ڪيو آهي، پر هنن هميشه

---

(1) انهيءَ ڳالهه جي ثابتيءَ لاءِ، ته سنڌ ۾ هن وقت حالتون ڪلهوڙن جي زماني ڪان وڌيڪ خراب نه آهن، مان هيٺيون حوالو ميجر رينيل جي ڪتاب مان ڏيان ٿو، جو ٽالپرن جي زماني ڪان اڳ جو لکيل آهي. "تخمينو ڪيو ويو آهي، ته هندو جي ملڪ جا اصل رهاڪو هوندا هئا، ۽ ڪئپٽن هئملٽن جي وقت ۾ مسلمانن ڪان ڏهوٽا هئا، تن تي مسلمان ناظم سختيون ڪندا آهن. هنن کي مندر يا عبادتخانا ڪونه ٺاهڻ ڏنا ويندا آهن. انهيءَ سختيءَ جي ڪري انهن مان ڪيترا ٻين ملڪن ڏانهن لڏي ويندا آهن". (رينيل جي تذڪري تان ورتل.) مسٽر ايلفنسٽن به ثابت ڪري ٿو، ته سنڌ جون گهڻيون هاڻوڪيون مصيبتون ميرن جي اعمالن جو نتيجو نه آهن. مان اها ڳالهه اڳيئي لکي آيو آهيان، ته عبدالنبيءَ هڪ لڳا ڪابل جي بادشاهه ڪان مدد ورتي هئي. ڪهڙي نموني جي مدد هئي، سا مسٽر ايلفنسٽن جي لفظن ۾ ڏجي ٿي: "هن وقت (1781ع ۾) ٽالپرن جي بغاوت شروع ٿي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو، جو سنڌ جي ناظم کي هڪالي ڪڍيو ويو. ٻي سال بادشاهه (تيمور شاهه) باغين کي سزا ڏيڻ لاءِ فوج موڪلي، جنهن ٿورڙي ئي وقت ۾ سڄي صوبي تي قبضو ڪيو. ٽالپر، پنهنجي اصلوڪي ريگستان ڏانهن موٽي ويا ۽ ٻيا ماڻهو دراني لشڪر ڪان پاسو ڪري، ٽڪرين ۽ جهنگلن ڏانهن ڀڄي ويا. مدد خان ملڪ کي باهين ۽ خونريزيءَ سان تلف تاراج ڪري ڇڏيو. هن اهڙا ته ملڪ ۾ راڱا ڪيا، جو انهيءَ حملي ڪان پوءِ، اچي ڏڪر پيو. چون ٿا، ته سنڌ ان وقت جيڪي سَنو هو، تنهن جي اثر ڪان اڃا سنڀين نه ٿي آهي". (ايلفنسٽن جي ڪتاب "ڪابل" تان ورتل.)

(2) ميرن کي شڪار جو ڪيترو شوق آهي، سو هن نقل مان ظاهر ٿيندو: مير فتح عليءَ پاڻ کي ساليانا ٻن - ٽن لکن رپين جي ڍل جو نقصان پهچائي، حيدرآباد جي پرسان هڪڙو تمام زرخيز علائقو ويران ڪري ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ ته ان ۾ 'ڪوٽا پچا' نالي هڪ قسم جو هرڻ رهي ٿو، جنهن جي شڪار جو ڪيس شوق آهي. ٿورو وقت ٿيو، ته هن جي ڀاءُ مراد عليءَ هڪڙي قديم ڳوٺ جي ماڻهن کي ڪڍي ڳوٺ ڊهرائي ميدان ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته ڪڪڙن جي ٻانگن ۽ مال جي چرائيءَ ڪري، سندس ڀاءُ جي جاگير ۾، جا ان ڳوٺ جي لڳ هئي، شڪار لهي ويندو هو.

انڪار پئي ڪيو آهي. رنجيت سنگهه مڪاني مشغولين يا سياسي معاهدن جي بار ڪري، پنهنجي مطالبي حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ تي ڪاهي نه سگهيو آهي.

ميرن جو سمورو خاندان مذهبي احڪامن جو پابند آهي. مون خود ڏٺو آهي، ته هو عام دربار ۾ گوڏا ڪوڙي نماز تي بيهي ويندا آهن. پر هن اهم معاملي ۾ منجهن عجيب اختلاف آهي، وري تعجب جي ڳالهه هيءَ آهي، ته اختلاف [1] انهن ٻن ڀائرن جي وچ ۾ پاڻ وڌيڪ آهن، جن جو پاڻ ۾ اتفاق ۽ ٻڌي آهي! ٽالپر بلوچ عام سنڌين وانگر اصل سني هئا. پر هنن جو ايران سان لاڳاپو رهيو آهي، جنهنڪري ايران جي بدعتن ڪي سنڌن دربار ۾ دخل مليو آهي. مراد عليءَ ۽ صوبدار کان سواءِ، جي اجا شرعي اصولن تي قائم آهن، ٻيا سڀ شيعا يعني حضرت عليءَ رضي الله تعاليٰ عنه جا معتقد آهن. مير مراد عليءَ جي اوگڻن ۾ هڪ اهو به آهي، ته هو هڪ تعصبي مجذوب آهي. ٻيا به ڪي هن کان وڌيڪ ڪشاده دل نه آهن. جڏهن مان علالت سبب بستري ۾ داخل هوس، تڏهن مان پنهنجي مريض جي خبرچار لهڻ لاءِ هڪڙو هندو نائب حڪيم موڪليو هو. جڏهن هو دربار ۾ ويو، تڏهن يڪراءِ فيصلو ڪيو ويو، ته هن جو هٿ مريض لاءِ مضر ثابت ٿيندو. تنهنڪري هن ڪي رخصت ڏني وئي. ان لاءِ پوءِ مون کان معافي ورتي وئي.

جڏهن مان سنڌ ڇڏي، تڏهن ميرن مون ڪي ٻه واچون مرمت لاءِ ڏنيون. منهنجو هڪڙو نوڪر اتفاق سان ڇٽي وينو، ته پڇ ۾ هڪڙو هندو آهي، جو واچن جي مرمت جو ماهر آهي. اهو ٻڌي هنن واچون منهنجي حوالي ڪرڻ کان

---

[1] ميرن جي خاندان ۾ جو مذهبي خيالن تي اختلاف آهي، سو سر جان مالڪوم جي سني ۽ شيعي فرقن تي لکيل تبصري ۽ ميجر پاٽنجر جي هيٺ ڏنل حوالي پڙهڻ کان پوءِ، اجا به وڌيڪ تعجب خيز معلوم ٿيندو. ياد رکڻ کپي، ته مير خود بلوچ آهن ۽ پنهنجي حسب نسب تي فخر ائن. "ظاهر آهي، ته سني شيعي منهب وارا هڪٻئي سان گڏ صلح سانت ۾ رهي نٿا سگهن. ٻنهي ڌرين جي تعصبي ماڻهن ڪي مخالف طريقي جي معتقدن کان ڌاريي منهب جا ماڻهو وڌيڪ مٺا لڳندا آهن: ڇاڪاڻ ته مخالف طريقي وارا هر وقت سنڌن اصولن تي حملا ڪندا رهندا آهن. اها ڳالهه اڳيئي ظاهر ڪئي وئي آهي، ته سنڌن اختلاف منهبي ۽ اصولي ڳالهين متعلق آهن ۽ نه عملي ڳالهين متعلق". (مالڪوم جي ڪتاب "ايران". جلد - 2 تان ورتل.) "هنن جي منهب متعلق هي عرض ڪرڻو آهي، ته اولهه طرف وارا سڀ بلوچ، سواءِ ڪنهن ايڪڙ - ٻيڪڙ جي، سني مسلمان آهن ۽ ڪين شيعن لاءِ سخت نفرت ۽ ڌڪار آهي. بلوچستان ۾ شيعو سڏائڻ ڪرستان سڏائڻ، کان به وڌيڪ خطرناڪ آهي". (پاٽنجر جي ڪتاب "بلوچستان" تان ورتل.)

انيسٽيبس ڪتاب جو مصنف انهن فرقن بنسبت لکي ٿو ته: "هنن فرقن ۾ جيترو اختلاف گهڻ آهي، اوترو ئي منجهن هڪٻئي لاءِ نفرت آهي. ترڪ سڀ سني آهن، ۽ ايراني سڀ شيعا. ترڪ وڌيڪ تعصبي آهن ۽ ايراني وڌيڪ پرمي".

انڪار ڪيو. جيستائين مان وعدو ڪيو. تہ اهي هڪ بت پرست جي هٿن ۾ نہ ڏنيون ويندِيون. هڪڙي نهايت قيمتي تلوار جا مير صاحب جن مون کي سوغات طور ڏني هئي، تنهن تي سنڌن وزير جوهڪ ڪتبو لکيل آهي، جنهن تي هو فخر ڪندا آهن. ان جو مطلب آهي، تہ شل لک هندو ان ترار جي ڌار [1] سان مرن!

مان ميرن سان مذهبي مسئلن تي ڪيترا دفعا بحث مباحثو ڪيو. ڪين عيسائي مذهب لاءِ عزت هئي، ڇاڪاڻ تہ ان جي بانيءَ کي حضرت محمد (ﷺ) جن وڏو پيغمبر ڪري قبوليو هو. هنن جا سوال ۽ دليل عجيب هئا. هڪڙي دفعي مون کان پڇيائون، تہ ڇا تون انهن ڪرستانن مان آهين؟ جي ان ڳڌه جي پيرن جي پوڄا ڪندا آهن، جنهن تي مسيح بيت المقدس ۾ چڙهي آيو هو؟ ۽ جنهن جا پير اڄا يورپ جي ڪنهن ڪليسا ۾ يادگار طور محفوظ آهن. انهيءَ ڳالهہ ڌهرائڻ جي ضرورت نہ آهي، تہ هنن کي عيسائي فرقن جهڙوڪ: ڪئٿولڪ، گريڪ (يوناني) ۽ پرائيسٽنٽ ۾ ڪهڙو فرق آهي، تنهنجي خبر ڪين ڪانہ آهي.

سنڌ جي حڪومت ۽ رعيت ۾ مذهبي فراخدليءَ جي بوءِ بہ ڪانہ آهي. مير، سڀ کان وڌيڪ پنهنجي زبردستي، محمدي مذهب جي پکيڙڻ ۾ ڪندا آهن. تعجب آهي، تہ هندو ڪيئن هن ملڪ ۾ رهيا پيا آهن؟ انهيءَ جو فقط هڪڙو ئي سبب تي سگهي ٿو، سو هيءُ آهي، تہ اسان کي بہ نباتات وانگر پنهنجي جنم ڀوميءَ لاءِ محبت ٿئي ٿي. هندن سان نهايت دشوار عقوبتون ڪيون وينديون آهن. هنن کي مسلمانڪي پوشاڪ پائڻي ۽ ڏاڙهي رکائڻي پوندي آهي. ٿورو وقت ٿيو، تہ هنن جي طبقي کي گهوڙي تي سواري ڪرڻ جي منع هوندي هئي. هاڻي بہ ٿورا کي سرڪاري ڪامورا آهن، جن کي زين تي سواري ڪرڻ جي رعايت ۽ فخر حاصل آهي. شاهوڪار ۽ معزز واپاري بہ گڏهن يا خچرن تي سواري ڪندا آهن. اهي جانور اهڙا، تہ پليت سمجهيا ويندا آهن. جو ٻين ملڪن ۾ بہ ذليل اڇوت سمجهي، انهن کي هٿ نہ لائيندا آهن. جڏهن ڪو متڪبر مسلمان لنگهندو آهي، تہ هو (هندو) انهيءَ حقير سواريءَ تان بہ لهي پاسو وٺي ويهندا آهن.

---

[1] "مان کهند رک، ۽ جوهر جي ۽ ايران جي پيدائش آهيان. مان ڏسڻ ۾ هلڪي، پر دشمن لاءِ گران آهيان. جو ڪو بهادر ماڻهو پوريءَ طاقت سان مون کي ڪم آڻيندو، تہ منهنجي ڌار سان سوَ هزار هندو مرندا".

مسلمانن کي سنڌ ۾ اها ترغيب ڏني ويندي آهي، تہ هو بت پرستيءَ جون سڀ نشانيون ڊاهي ڇڏين. برهما جي حقير ۽ ڪمبخت پوڄارين کي مذهبي آزادي ڪانہ آهي. ڍهل دف، ڪو ورلي ٻڌبو آهي. جي ڍهل وڄائڻ جي اجازت ڏني ويندي آهي، تہ اهو هٽ سان، ۽ نہ ڏونڪي سان وڄايو ويندو آهي. حيدرآباد ۾ بتن ڪان سواءِ ڪي مندر آهن، پر انهن جي اندران سرود جو آواز ڪڏهن نہ ٻڌڻ ۾ بہ ايندو آهي. جيڪڏهن ڪي بہ مومن شاهدي ڏين، تہ ڪنهن هندوءَ قرآن مجيد جي آيت يا محمد رسول الله (ﷺ) جو ڪلمو پڙهيو آهي، تہ هن جو هڪدم طهر ڪيو ويندو آهي. هيءَ هڪ تمام رواجي ڳالهہ آهي، پر ان ڪي مظلوم طبقي جا هندو ماڻهو سڀ ڪان وڏيڪ جبر ۽ مصيبت ڪري سمجهندا آهن. ڪهڙو بہ خسيس بهانو مليو، تہ نهہ پهہ طهر تي ويندو. وڏي ڳالهہ تہ هميشہ عذر اهو ڏنو ويندو آهي، تہ طهر، مظلوم کي آخرت ۾ شفاعت پهچائڻ لاءِ ڪيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح مظلوم کي جسماني درد سان گڏ، روحاني عذاب بہ ڏنو ويندو آهي........[1]

هندن سان جنهن نموني جو انصاف ڪيو ويندو هو، تنهن جي ڏسڻ جو مون کي موقعو مليو هو: هڪڙي ڏينهن هڪڙو واڻيو مون وٽ ڪيترا ڪپڙا وڪڻڻ لاءِ ڪٺي آيو. باغ مان نڪرڻ ڪان پوءِ، هن هڪ ڪلاڪ اندر موٽي اچي دانهن ڏني تہ: ”تنهنجي هڪڙي سنتريءَ مون ڪان هڪڙي قيمتي ريشمي ڪپڙي جو ٽڪر ڦريو آهي“. فطرتاً مون کي سپاهيءَ جي روش تي غصو آيو. ڇاڪاڻ تہ هن ڏارين ماڻهن جي نظر ۾، منهنجي ۽ ڏيهي فوج جي گهٽتائي ڪئي هئي. تنهنڪري مون هڪدم ڏوهہ جي باريڪ جاچ ڪرڻ شروع ڪري ڏني. هندو ڪابہ ثابتي پيش ڪري نہ سگهيو. ڪيترن شاهدن شاهدي ڏني، تہ جوابدار بي قصور هو. مون کي خاطري ٿي، تہ تهمت ڪوڙي هئي. مون کي خانگي طرح معلوم ٿيو، تہ واڻيي کي منهنجي دوست، گوپالداس وڪيل، فرياد ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي. هن جو خيال هو، تہ سپاهيءَ کي بچائڻ لاءِ، آءٌ هڪدم قيمت هڙان پري ڏيندس. تنهنڪري مون اهو معاملو ختم ڪري ڇڏيو ۽ ٻنهي ڌرين کي چيم، تہ جي اها ڳالهہ مون وري ٻڌي، تہ ميرن جي ڏيان تي آڻيندس.

---

[1] خال واري جاءِ تي، مصنف طرفان ڪي اهڙا لفظ استعمال ڪيل آهن، جي حقائق ڪان پري ۽ نهايت ئي دل آزاريندڙ آهن، پر ساڳئي وقت انهن لفظن جي ذريعي، ڪنهن بہ قسم جي ڪا معلومات ڏنل ڪانہ آهي. انهيءَ سبب ڪري مترجم انهن کي خارج ڪري ڇڏيو آهي. (مترجم)

هندوءَ ٻئي ڏينهن وري اچي ساڳيو راڳ آلاپيو. تنهنڪري مون شام جو مير صاحبن کي انهيءَ تڪرار کان واقف ڪيو. مون کين وڌيڪ چيو، ته تهمت انهيءَ جماعت جي هڪڙي فرد تي آهي، جنهن هڪ ادنيٰ ۽ ادنيٰ سپاهيءَ کي ٻه هڪ ڪلاڪ نوڪري ۾ رهڻ لاءِ، پنهنجي چڱيءَ چال جي ثابتي ڏيڻي آهي. اهي ئي ماڻهو آهن، جي حڪومت جي ٻاران وڙهن ٿا. تنهنڪري هنن جي نيڪناميءَ جي حفاظت ڪرڻ منهنجو فرض آهي. مون کين عرض ڪيو، ته جاچ ڪرائي وڃي، ۽ وعدو ڏنومانِ ته جيڪڏهن سپاهيءَ تي ڪابه ثابتي هوندي، ته ڪيس پُٺ واپس موڪليو ويندو، جتي هن کي سخت سزا ڏني ويندي. ميرن مون کي نهايت تحمل سان ٻڌو، ۽ انهيءَ واقعي لاءِ افسوس ظاهر ڪيائون، ۽ انهيءَ ماڻهوءَ جو نالو پڇيائون، جنهن مون کي هيتري دقت پهچائي هئي. مون جواب ڏنو، ته هڪ هندو آهي. هندوءَ جي نالي ٻڌڻ سان، مٿن جادوءَ جو اثر ٿيو. مراد عليءَ هڪدم چيو ته: "بس، جاچ جي ضرورت نه آهي". حڪم ڏنائين ته: "مجرم کي زوريءَ مسلمان ڪيو وڃي". مون ڏٺو، ته انهيءَ حڪم جي پيرويءَ ڪرڻ لاءِ ڪيترا ماڻهو هڪدم تيار ٿيا. مون انهيءَ سختيءَ تي اعتراض ورتو. مير صاحب کلي جواب ڏنو ته: "تون سنڌ جي هندن کي نٿو سڃاڻين، هو سڀ لچ ۽ بدمعاش آهن". پر مون هن غريب تان شامت ٽاري ڇڏي. مون کي ان ڳالهه تي فخر آهي، ته منهنجو ولي محمد تي ايترو اثر هو، جو مون ڏوهيءَ کي ميرن جي ڄاڻ کان سواءِ ڇڏرائي ڇڏيو.

اهو تعصب جنهنڪري ايتريون ظالمانه ڪارروايون ٿين ٿيون، سو هڪ ٻيءَ ڳالهه ۾ به ظاهر ٿئي ٿي. سيدن يعني آل رسول کي بيحد عزت ڏني وڃي ٿي. هندن کي برهمڻ ۽ پروهتن جو ايترو خوف ۽ هراس نه هوندو، جيترو مسلمانن کي سيدن جي قوم کان ٿيندو آهي. هڪڙو ذليل ادنيٰ ماڻهو، جو انهيءَ عالي نسل جي دعويٰ ڪري سگهي ٿو، تنهن کي به مجلس ۾ وڏي ۾ وڏي دنيري مرتبي جي ماڻهن کان وڌيڪ بهتر جاءِ ملندي آهي. مون وٽ جي علاج لاءِ حشام ماڻهن جا ايندا هئا. سي سڀ خوشيءَ سان سيدن کي پهرين وارو ڏيندا هئا. مون ڏٺو، ته مير به انهيءَ طبقي جي ماڻهن سان ٿورو گهڻو گهائل مائل ٿيندا هئا. ماڻهوءَ کي ڪيترو به جوش ۽ غصو هوندو، ته به هن کي همت نه ٿيندي، جو ڪنهن سيد کي گهٽ وڌ ڳالهائي يا ڌڪ هڻي. ٻيا ماڻهو اتي جو

اتي ساهه کڻي ڇڏيندس. انهن رعايتن ۽ سهوليتن ڪري سيدن جون بهيرون پر وارن ملڪن مان سنڌ ۾ ايندڙيون آهن. هو نه فقط سماج جا نڪما ۽ سست رڪن آهن، پر هنن جو عوام جي دلين تي تمام برو اثر پيو آهي ۽ هو خلق تي ڳرو بوجهه آهن. حيدرآباد جا رستا فقيرن سان پريا پيا آهن. هو نهايت بيحيائيءَ ۽ اڪثر سان خيرات گهرندا آهن. جنهن مان سندن اثر ۽ طاقت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. تحقيق هي فقير ماڻهن جي اخلاقي پستيءَ جي هڪ دڪدائڪ ثابتي آهن.

انهيءَ تعصب جا اثر، جن جو مون ذڪر ڪيو آهي، اهڙا ته نمايان آهن، جو ڪوبه ماڻهو هڪ هفتو به ملڪ ۾ رهندو، ته اهي سندس ڌيان تي ايندا. مون سان جيڪو هندو وڪيل ساڻ هو، تنهن سان منهنجا ساٿي ۽ سندن پوئلڳ هر نموني جون مسخريون ۽ ٺٺوليون ڪندا هئا. حيدرآباد جي قلعي جي ڪنگرن مٿان انگريزن جو جهنڊو لهرائيندو ڏسڻ جو جيترو انتظار معزز هندن کي هو، ايترو ٻئي ڪنهن کي ڪونه هو. هو بنا پڇڻ جي پنهنجون شڪايتون ٻڌائيندا هئا، ۽ اڪثر پنهنجن ظلمن جا داستان بيان ڪندا هئا.

سنڌ جا مير، عام مسلمان حاڪمن کان عياشي ۽ نفس پرستيءَ ۾ گهٽ مدهوش آهن. هو ايترا حوصلي وارا ماڻهو آهن، جو ڪين عيش پرستيءَ جو خيال به ڪونه رهندو آهي. ممڪن آهي، ته هو دنيا جا سڀ مزا اڳيئي وٺي چڪا هجن. مراد علي هڪڙي دفعي مون کان پڇيو ته: "'دارو' واپرائڻ ۾ اعتراض ته ڪونه آهي؟" مون سمجهيو، ته هن جو مطلب آهي نشيدار شراب. آءٌ ڪيس چوڻ وارو هئس، ته بهتر ٿيندو، ته هن وقت سيني گرم شين ۽ خاص ڪري شراب کان پاسو ڪجي، ته مون کي هڪدم چيائين ته: "انگور جو رس حرام آهي، ۽ ان جو نالو هڪ مومن جي اڳيان وٺڻ نه کپي". مون کي پوءِ خبر پئي، ته مير صاحب جن جو مطلب "ڏاڙهون" هو. هن نقل مان شايد ائين نظر اچي، ته مير کي مجلس اڳيان پنهنجي نمائش ڪرڻ جو ارادو هو. پر مون کي اها خاطري آهي، ته مير نشيدار شيون ۽ شراب ڪونه واپرائيندا آهن. مون ٻڌو آهي، ته جيڪي ماڻهو سندن روبرو نشي جي حالت ۾ ايندا آهن، تن کي هو بي آبرو ڪري ڪڍندا آهن. بهادر خان کوکر، هڪ وڏي گهراڻي جو بلوچ سردار آهي، ۽ مراد عليءَ جي ملازمت ڪندو آهي. هو هڪ دفعي نشي جي حالت ۾ ڏٺو ويو

انهي ساھ کڍي ڇڏيندس. انهن رعايتن ۽ سهوليتن ڪري سيدن جون ڀهيرون پر وارن ملڪن مان سنڌ ۾ اينديون آهن. هو نه فقط سماج جا نڪما ۽ سست رڪن آهن، پر هنن جو عوام جي دلين تي تمام برو اثر پوي ٿو. ۽ هو خلق تي ڳرو بوجهه آهن. حيدرآباد جا رستا فقيرن سان پريا پيا آهن. هو نهايت بيحيائيءَ ۽ آڪڙ سان خيرات گهرندا آهن. جنهن مان سنڌن اثر ۽ طاقت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. تحقيق هي فقير ماڻهن جي اخلاقي پستيءَ جي هڪ ڏکدائڪ ثابتي آهن.

انهيءَ تعصب جا اثر، جن جو مون ذڪر ڪيو آهي، اهڙا ته نمايان آهن، جو ڪوبه ماڻهو هڪ هفتو به ملڪ ۾ رهندو، ته اهي سندس ڌيان تي ايندا. مون سان جيڪو هندو وڪيل ساڻ هو، تنهن سان منهنجا ساٿي ۽ سنڌن پوئلڳ هر نموني جون مسخريون ۽ ٺٺوليون ڪندا هئا. حيدرآباد جي قلعي جي ڪنگرن مٿان انگريزن جو جهنڊو لهرائيندو ڏسڻ جو جيترو انتظار معزز هندن کي هو، ايترو ٻئي ڪنهن کي ڪونه هو. هو بنا پڇڻ جي پنهنجون شڪايتون ٻڌائيندا هئا، ۽ اڪثر پنهنجن ظلمن جا داستان بيان ڪندا هئا.

سنڌ جا مير، عام مسلمان حاڪمن کان عياشي ۽ نفس پرستيءَ ۾ گهٽ مدهوش آهن. هو ايترا حوصلي وارا ماڻهو آهن، جو ڪين عيش پرستيءَ جو خيال به ڪونه رهندو آهي. ممڪن آهي، ته هو دنيا جا سڀ مزا اڳيئي وٺي چڪا هجن. مراد علي هڪڙي دفعي مون کان پڇيو ته: "'دارو' واپرائڻ ۾ اعتراض ته ڪونه آهي؟" مون سمجهيو، ته هن جو مطلب آهي نشيدار شراب. آءٌ ڪيس چوڻ وارو هئس، ته بهتر ٿيندو، ته هن وقت سيني گرم شين ۽ خاص ڪري شراب کان پاسو ڪجي، ته مون کي هڪدم چيائين ته: "انگور جو رس حرام آهي، ۽ ان جو نالو هڪ مومن جي اڳيان وٺڻ نه ڪپي". مون کي پوءِ خبر پئي، ته مير صاحب جن جو مطلب "ڏاڙهون" هو. هن نقل مان شايد ائين نظر اچي، ته مير کي مجلس اڳيان پنهنجي نمائش ڪرڻ جو ارادو هو. پر مون کي اها خاطري آهي، ته مير نشيدار شيون ۽ شراب ڪونه واپرائيندا آهن. مون ٻڌو آهي، ته جيڪي ماڻهو سنڌن روبرو نشي جي حالت ۾ ايندا آهن، تن کي هو بي آبرو ڪري ڪڍندا آهن. بهادر خان کوکر، هڪ وڏي گهراڻي جو بلوچ سردار آهي، ۽ مراد عليءَ جي ملازمت ڪندو آهي. هو هڪ دفعي نشي جي حالت ۾ ڏٺو ويو

هو. تنهنڪري ڪيس ڪيترو وقت نوڪريءَ مان برطرف ڪيو ويو هو. هميشه انهن دوائن وٺڻ کان انڪار ڪندا هئا. جن ۾ نشيدار عرق مليل هوندا هئا. درٻار ۾ حقو نظر ڪونه ايندو آهي. ساري خاندان ۾ ڪوبه آفيم ڪونه کائيندو آهي. اميد اها هئي، ته حاڪمن جي پرهيزگاريءَ جو اثر رعيت تي پڻ پوندو. پر منهنجو آزمودو آهي، ته اڪثر سپاهي ۽ گهڻا درٻاري اهڙيون شيون واپرائيندا آهن، جي دل کي ڪمزور ۽ جسم کي ضعيف ڪن ٿيون. سنڌ ۾ آفيم جو ايترو ئي واهپو آهي، جيترو ڪڇ ۾ برانديءَ جي هڪ - ٻن بوتلن کان وڌيڪ ڪو تحفو وڌيڪ مقبول ڪونه سمجهيو ويندو آهي. مون کي ماڻهو هر وقت علاج لاءِ تنگ ڪندا هئا. ڪو اٽسڌيءَ طرح چوي، ته مون کي ڳجهي مرض جي ايذاءَ کان ڇڏاءِ، ۽ ڪو چوي، ته عيش ۽ نفس پرستيءَ ۾ وڃايل طاقت واپس آڻي ڏي.

امير پنهنجو ڪاروبار، پرڀات کان ٻه ڪلاڪ اڳ شروع ڪندا آهن. ان وقت هو خانگي درٻار ڪندا آهن، جنهن ۾ پڪارون ٻڌندا ۽ پنهنجن علائقن جو انتظام ڪندا آهن. اهو ئي هڪ وقت هوندو آهي، جڏهن هو پڳ پائيندا آهن. سج اُڀرڻ ئي مهل هو ڪپڙن بدلائڻ لاءِ، پنهنجن ڪمرن ۾ ويندا آهن، ۽ ٿوري وقت کان پوءِ، هو درٻار ۾ ايندا آهن، جتي سمورو خاندان باقاعدي موجود هوندو آهي، ۽ جتي حڪومت جو سمورو ڪاروبار هلايو ويندو آهي. جيڪي خط رات اڳئين ڏينهن تي آيل هوندا آهن، سي هنن اڳيان ڍڳ ڪري رکيا ويندا آهن. يارهين بجي تائين خطن پڙهڻ، انهن تي حڪم ڪرڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ وقت صرف ڪيو ويندو آهي، ۽ پوءِ هو ناشتي لاءِ اٿندا آهن. ٻي بجي، هو وري ٻاهر نڪرندا آهن، ۽ سج لٿي تائين گڏ هوندا آهن. جنهن کان پوءِ هرڪو پنهنجي گهر وڃي رات لاءِ آرامي ٿيندو آهي. آءٌ هميشه عام درٻار ۾ ملاقات ڪندو هوس. مڪيه اميرن سان خانگي طرح گفتگو ڪرڻ جو مون کي ڪڏهن موقعو ڪونه مليو هو. ننڍا شهزادا گهر وڃڻ کان پوءِ، پنهنجي جدا ڪچهري ڪندا هئا. جتي سيڪجهه وڏن ميرن جي شاهاڻي دستور جي خلاف هوندو هو. اتي ڪابه پابندي ڪانه هوندي هئي. اسان اصطبل ۾ سوئرن جي ويڙهه، ملهون، ڪينهونءَ راند، ڪشتي ۽ ٻيون ڪيتريون رانديون رونديون وڃي ڏسندا هئاسين.

مير فتح عليءَ جي حياتيءَ ۾، جڏهن اڃا انهيءَ انقلاب جي يادگيري تازي هئي، جنهن جي وسيلي سان ميرن جي خاندان حڪومت هٿ ڪئي هئي، تڏهن

غير معمولي احتياط کيو ويندو هو. تہ جيئن سازش کو ڏوکو يا سازش نہ ٿئي. چارئي پائر گڏ ڪائيندا ۽ هڪ ڪمري ۾ سمهندا هئا. ڪمري جي رڳو دروازي تي روشني هوندي هئي، ۽ سنجيل گهوڙا ۽ غلام تيار هوندا هئا. سنڌ ۾ گذريل ٽيهہ ورهيہ لڳاتار امن امان رهيو آهي، جنهنڪري حاڪمن کي اطمينان آهي. پر هو هميشہ بيدار هوندا آهن. جنهنڪري هنن جي برخلاف ڪابہ سازش ڪرڻ مشڪل آهي. هاڻي هو اڪيئين وانگر ساڳئي ڪمري ۾ ڪائيندا ۽ سمهندا نہ آهن. پر هو ساري رات پنهنجن ڪمرن جي ٻاهران صفن ۾ گذاريندا آهن. سنڌن هٿيار پاسن کان رکيل هوندا آهن. ۽ مٿان ايماندار خدمتگارن جو پهرو هوندو اٿن.

ميرن جي هڪ عجيب خصوصيت هيءَ آهي، تہ هنن کي هڪٻئي ۾ اعتماد ڪونہ آهي. مون انهيءَ ڳالهہ جو اڳيئي ذڪر ڪيو آهي. تہ مراد عليءَ جي علالت وقت، هو سڀ ڪيترا مهينا حيدرآباد جي قلعي کان ٻاهر نڪرندا ئي ڪونہ هئا. جڏهن هو شڪار تي نڪرندا هئا. تڏهن احتياطاً پنيان ڪنهن کي ڪونہ ڇڏيندا هئا. مير صوبدار خان جڏهن اسلام ڪوٽ ڏانهن پڇي وڃي بغاوت ڪئي هئي، تڏهن هو ٻين جي پنيان پنيان پئي آيو. اهڙي بدگمان ۽ خطرناڪ آئين ۾ حڪومت ڪرڻ هڪ اهڙي ڳالهہ نہ آهي، جنهن تي رشڪ ڪجي. مراد عليءَ هڪڙي ڏينهن مون کي دل کولي چيو تہ: "حاڪمن جي سر تي شيهي جهڙو ڳرو بوجهہ آهي، ان جي بار جو اندازو فقط حاڪم ئي ڪري سگهن ٿا". انهيءَ راءِ لاءِ، هن جس لهڻي! جيتوڻيڪ ان ۾ شڪ نہ آهي، تہ اهو خيال ڪنهن فارسي ڪتاب تان ورتل آهي. بهرحال، ظاهر آهي، تہ مير تخت کي گلن جي سيج ڪري نٿا سمجهن.

مير دربار ۾ خوش اطوار، پر ساڳئي وقت متڪبر ۽ ڳنڀير هوندا هئا. هو پنهنجن سڀ کان وڌيڪ پيارن نوڪرن سان بہ گستاخ ڪونہ ٿيندا هئا. منهنجي لاءِ جا ڪرسي ايندي هئي، تہ ساڳئي وقت بہ صندل. هڪ گاديءَ وارن حاڪمن ۽ ٻيو ننڍن شهزادن لاءِ رکيا ويندا هئا. سڀ درٻاري ۽ خدمتگار، پري زمين تي يا ٻاهر ويهندا هئا. هو وڏي ۾ وڏي عملدار کي بہ پاڻ سان گڏ ويهڻ ڪونہ ڏيندا هئا. البت هڪ يا بہ دفعو اسماعيل شاهہ ۽ سنڌن ڪن پيارن پيرزادن کي اهو شرف بخشيو هئائون. مير، گهڻو ڪري دربار ۾ گڏجي ايندا هئا. ۽ ويندا

۾ ڳنڍجي ھئا. اڄ جلھن حيدرآباد ۾ رھيل ھوس، تڏھن مراد عليءَ جي علائي ڪري، سندس ڪمري ۾ درٻار لڳندي ھئي. ھوڪن سندن رواج آھي، ته ھو وارو واري تي ھڪٻئي جي جاءِ تي ڳڏبا آھن.

پھرين ملاقات جو ذڪر ڪندي، مان ھنن جي پوشاڪ ۽ نشست برخاست جو احوال ڏيو آھي. ڪشمير جي شالن، ۽ لُنگي جي ريشمي ۽ زري جي لونگين يا پوچڻن کان سواءِ، ھو کھڙو ڪري، ولائتي ڍڪيل ڪپڙو ۾ ڪم آڻيندا ھئا. سرديءَ جي موسم ۾ ھو ململ ۽ انگرکن بدران تمام قيمتي ڪشميري شالن جا پھراڻ پائيندا ھئا. جن تي زريءَ جا ڳاڌا ۽ قندار جي ڪاري پشم لڳل ھوندي ھئي. پين موقعن تي ھو ولائتي ڦولدار ريشم يا پٽ جا گرم استرن سان ۽ ڪجھ سان پريل ڪپڙا پائيندا ھئا. جن تي تلوار يا خنجر جو ڌڪ اثر نه ڪري سگھندو ھو. درٻار ۾ سندس چاچي، مير محمود، جو ھڪ شاندار شڪل جو بزرگ ھو، سو سڀ کان وڌيڪ زيبدار ڪپڙا پائيندو ھو. ھو اڪثر ڪري گلابي ريشم جو ڦولدار چوغو پائيندو ھو. مير ڪرم علي ۽ نصير خان روز صبح جو ٻئي - ٻئي نموني جي پوشاڪ پھريندا ھئا. اھي ڪپڙا لاھڻ ڏينھن کان پوءِ، اھي سندن خاص نوڪر کي پائيندي ڏسندو ھوس.

ميرن جي درٻار ۾ جا ڳالھ سڀ کان وڌيڪ ڌارين ماڻھن جو ڌيان ڇڪائي ٿي، ۽ سچ پچ قابل توجھ آھي، سا آھي سندن جواھرات ۽ ھٿيارن جو نادر ذخيرو. ھنن جي عظيم الشان خزاني ۾ گھڻو ڪري ياقوت، ھيرا، موتي ۽ زمرد آھن. جي سندن خنجرن، تلوارين، ۽ بندوقن ۾ جڙا تيل آھن. جن مان گھڻا ھو منڊين ۽ بازوبندن وغيره ۾[1] ڪپڙن مٿان پائيندا آھن.

ڪابل جي حڪومت جي ٽٽڻ ڪري، ان حڪومت جا شھزادا ۽ سردار مفلس ۽ ڪنگال ٿي ويا آھن. تنھنڪري ھنن کي پنھنجا قيمتي جواھرات نيڪال ڪرڻا پيا آھن. ميرن ھنن جي مجبوريءَ جو فائدو وٺي، پنھنجا ماڻھو موڪلي سندن ڪيترا جواھر سستي اگھ تي خريد ڪري ورتا آھن. ايشيا جي سيني ملڪن جا جواھري، سنڌ جي دارالسلطنت ۾ ايندا آھن. جتي سندن جوھرن

---

[1] ڪبوتر جي آني کان وڏو زمرد، جنھن جو ڪرنل پاٽنجر ذڪر ڪيو آھي، سو اڄا ميرن جي قبضي ۾ آھي. پر اھو مغلن جي طائوسي تخت ۾، طوطي جي شڪل ۾ زنده طوطي جيڏو جيڪو زمرد لڳل آھي، تنھن جو مٽ نه آھي.

جو اڳھ ٿيندو آھي. دربار ۾ ھڪ - ٻه ايراني سونارا آھن، جي ميناڪاريءَ جو ڪم ڪندا آھن، ۽ ميرن جي جواھرات کي پنھنجي ھنر سان وڌيڪ زيبدار بنائيندا آھن. لوھ ۽ سون جي اڪرن جي پيچڪ ڪاري ڪرڻ جي ھنر ۾ ھنن ڪماليت حاصل ڪئي آھي.

اميرن کي تلوارن ۽ بندوقن جي نالين جي خريد ڪرڻ لاءِ ايران، ترڪي ۽ فلسطين ۾ گماشتا آھن، ۽ انھن شين جو جھڙو قيمتي ذخيرو ھنن وٽ آھي، سو دنيا جي ٻئي ڪنھن ملڪ ۾ شايد ئي ھجي. مون وٽ ھڪڙو سادو بنا جڙت جي، تلوار جو ڦر آھي، جو ھنن اڌ لک رپين ۾ خريد ڪيو ھو. ھنن وٽ پراڻين ۽ عمدين تلوارن جو قدر آھي، ۽ ھو تلوار جي قيمت جو اندازو ان جي جوھر ۽ آب مان ڪندا آھن. ھڪڙي تلوار، جا مون کي مير ڪرم علي ڏني ھئي، تنھن تي سنه 1166 ھجري (1708 عيسوي) لڳل آھي. ان جي سنڌ ۾ ٻه ھزار رپيا قيمت ڪٿي وڃي ٿي. ميرن جي اسلحخاني ۾ ايشيا جي ھر مشھور حاڪم جون تلوارون موجود آھن. مون شاھ عباس اعظم، نادر شاھ، احمدشاھ دراني ۽ ايران جي ھاٺوڪي شھنشاھ ۽ ٻين مشھور ماڻھن جي تلوارون ھٿ ۾ کڻي ڏٺيون آھن. انھن جي ڦرن تي سونن اکرن ۾ ڪتبا لکيل آھن. جيڪي شيعا حاڪم آھن. تن جي تلوارن جي ڪتبن ۾ عرض و معروض ۽ دعائون آھن، جي حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه ڏانھن مخاطب ٿيل آھن. ٻين ۾ قرآن مجيد جون آيتون پاڪ يا موزون فارسي شعر آھن. مير ڪرم عليءَ جي سيني تلوارن تي "بنده آلِ محمد، ڪرمعلي" لفظ لکيل آھن. مون کي جيڪا ھن تلوار ڏني ھئي، تنھن تي شاھنامي مان ھڪ شعر، سندس ھڪ شعر، ۽ ولي محمد جي شعر مان ھڪ مصرع لکيل ھئي. مير نصير خان مون کي ھڪ تلوار ڏني، جنھن تي خاص موقعي لاءِ سندس لکيل ڇھ مصرعون ھيون، ۽ انھن ۾ھڪ ھنڌ منھنجو نالو به آيل ھو.

ميرن جون تلوارون اسان جي انگريزي تلوارن کان وڌيڪ ڳريون نه آھن، پر ھنن جو وزن نالي نموني ۾ ورڇ ٿيل آھي. منھنجي اڳيان ھڪ جوان شھزادي، تلوار جي ھڪ ڌڪ سان دنبي کي ٻه اڌ ڪري ڇڏيو. انھيءَ واقعي مون کي شھره آفاق، فاتح صلاح الدين جي يادگيري ڏياري، جنھن جو ذڪر سر والٽر اسڪاٽ جي ڪتاب، 'صليبي پھلوانن جا قصا' ۾ ڏنل آھي. انھن تلوارن استعمال ڪرڻ لاءِ خاص اٽڪل

کپي ۽ گهڻي آزمودي ۽ ڦڙتائيءَ جي ضرورت آهي. منهنجي حيدرآباد اچڻ کان ٿورو وقت اڳ، وزير اسماعيل شاھ جي هڪڙي پٽ هڪڙو نهايت قيمتي تلوار جو ڦر مشق ڪندي ڀڃي وڌو هو. اسان جو انگريزي وڍ ڪٽ جو سامان جو سڄي يورپ ۾ مشهور آهي. تنهن جو ميرن جي نظر ۾ ڪوبہ قدر ڪونہ آهي. هنن ڪڏهن ڪونہ ٻڌو هو. تہ ڪو انگلستان ۾ بہ قيمتي تلوارون ٺهنديون آهن. هنن کي ٻڌي نهايت تعجب ٿيو. تہ بادشاھ سلامت تازو ڊيوڪ آف ناردمبر لئنڊ نالي هڪڙي لارڊ کي، هڪ لک رپين جي تلوار بطور انعام ڏني.

هنن کي ڀليءَ ڀت خبر هئي، تہ اسان جي بندوقن جا گهوڙا، سنڌن بندوقن جي گهوڙن کان وڌيڪ ڪارآمد آهن. هنن مون کي منٿ ڪئي هئي، تہ پنهنجي سرڪار کي چوءِ، تہ اسان کي بہ ڪجھ گهوڙا گهرائي ڏئي. مون ڏٺو، تہ هنن وٽ ڪيتريون قيمتي ۽ عمديون بندوقون هيون. جي ڪين هند سرڪار وٽان وقت بوقت تحفي طور مليون هيون. هنن، انهن بندوقن جا گهوڙا ڪڍي، بندوقون نڪميون سمجهي، اڇلائي ڇڏيون هيون. ۽ گهوڙا پنهنجي بندوقن ۾ وڌا هئا. ميرن جي بندوقن جي شڪل ۽ نمونو پاٽنجر جي سفرنامي جي منڍ ۾ جا تصوير آهي، ان ۾ ڏيکاريل آهي. ميرن جون بندوقون انهن بن بندوقن جهڙيون هيون، مگر انهن تي ڪم گهڻو ٿيل هو. بندوقن جون نريون گهڻو ڪري، گوليءَ جي استعمال لاءِ نهيل هونديون آهن. اهي اڪثر قسطنطنيہ جون هونديون آهن، ۽ اهي اسان جي بندوقن جي نرين کان ڊيگھ ۾ ڀيٽيون هونديون آهن، ۽ سوراخ سوڙهو هوندو اٿن. سنڌي، سنها ڇيرا اصل ڪم ڪونہ آڻيندا آهن. ۽ هنن وٽ پستولن ۽ ٿوٽيءَ وارن گهوڙن جو قدر ڪونہ هوندو آهي. جڏهين هنن، مون کي سنڌن هيرن جواهرن ۽ هٿيارن جي تعريف ڪندو ٻڌو، تنهن کان پوءِ هنن مان ڪيترا هر روز مختلف نمونن جا هٿيار ۽ جواهرات پهريندا هئا ۽ مون کي پنهنجون تلوارون ڏسڻ لاءِ ڏيندا هئا. جي تلوارون بادشاهن جي ڪيترين پيڙهين جي هٿن مان لنگهيون هيون. اسان جي گفتگو اڪثر انهن جي تاريخ ۾ بين مڪاني ڳالهين متعلق هوندي هئي. پر بعضي بعضي انهن کان وڌيڪ دلچسپ مضمون تي بہ بحث ٿيندو هو. ميرن جي خيالن ۽ راين جو ڇنڊائيءَ سان بيان ڏيڻ مشڪل آهي، پر مون کي جيتريقدر يادگيري آهي، اوتريقدر مان انهن جي گفتگوءَ جو تفصيلوار احوال ڏيندس: پهريان، تہ هو هندستان متعلق ڪابہ ڳالهہ ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا. پر جڏهين هنن ڏٺو، تہ مون کي سنڌن سوالن جا جواب ڏيڻ تي

Scanned by CamScanner

اعتراض ڪونہ هو. تڏهن هو دل کولي ٻچا ڳاڇا ڪرڻ لڳا. هنن ڪي اسان جي سلطنت جي آمدنيءَ معلوم ڪرڻ جو خاص انتظار هو. مون کان ڪيترا سوال پڇيائون تہ: "اجاريدار مانواري ڪمپني، انگلستان جي بادشاهہ کي ملڪ جي پيٽي لاءِ ڪيتري رقم ڏيندي آهي؟" مون جو ڪين ان سوال جو جواب ڏنو، تنهن تي هو مطمئن ڪونہ ٿيا. مون ڪين چيو تہ: "منهنجي خيال ۾ بادشاهہ سلامت يا ڪمپنيءَ کي آمدنيءَ مان بچت ڪانہ آهي. ۽ ڪن صوبن ۾ ابتلو خرچ آمدنيءَ کان وڌيڪ آهي". تڏهن ڪرم علي عجب ظاهر ڪري چيو تہ: "اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو؟ توهان جي قبضي ۾ تہ پنج وڏيون حڪومتون آهن؟" مون ڪيس جواب ڏنو تہ: "اها حقيقت آهي، تہ اسان جي قبضي ۾ تمام وسيع ايراضي آهي، پر اسان جي حڪومت جو انتظام مسلمان ۽ مرهٽن جي انتظام کان نرالو آهي. توهان فقط پنهنجي پيٽ ۽ پنهنجي فصل لاءِ ثمر ناهيندا آهيو. مگر اسان پوئين لاءِ قاعدا ٺا ناهيون. اسان کي حڪومت مان ذاتي فائدو نہ آهي، پر انهيءَ نظام مان اسان جا پار ۽ اسان جي رعيت جو اولاد فائدو وٺندا". هنن اها ڳالهہ قبول ڪئي، تہ اسان حق تي هئاسين، ۽ چيائون تہ: "توهان بيشڪ عقل جي زور تي هندستان هٿ ڪيو آهي".

رياست پرتپور بنسبت هنن ڪيترا سوال پڇيا. ۽ خاص ڪري لڙائيءَ جو سبب. مون جواب ڏنومان تہ: "راجا سرڪشي ۽ هٺ ڪري، پنهنجي سر تي پاڻ ئي مصيبت آندي هئي. هن جي اهڙي روش هئي، جا ڪابہ وڏي حڪومت برداشت نٿي ڪري سگهي، تنهنڪري پرتپور جو قلعو جنهن تي هيڏو گهمنڊ هوندو هون، سو ڪيرائي زمين دوز ڪيو ويو هو". منهنجي انهيءَ قول يا شايد سنڌن دل ۾ بيچيني ۽ ڪتڪو پيدا ڪيو. جواب ڏنائون تہ: "توهان جيڪا حڪومت ڪئي آهي، ان ۾ ڏقير هو. اهڙو ڪوبہ ملڪ نہ آهي، جت حاڪم ۽ رعيت هڪٻئي سان بڌل هجن ۽ اهو توهان رستو ورتو هجي". لاشڪ اميرن کي خام خيال ويٺل هو، تہ اسان جو خوشحال ۽ يڪمشت ملڪ، ڪنهن بہ ڌاريي فاتح جو چڱيءَ طرح مقابلو ڪري سگهندو. مون سندن ڌيان هندستان جي تاريخ ڏانهن ڇڪايو. ۽ چيومان تہ: "جڏهن بہ ڪنهن حاڪم جي قسمت [1] بگڙي آهي، تڏهن سندس ئي

---

[1] شڪست جو مکيہ سبب هو، پٺاڻن جي ذلالت. هو عيش پرستيءَ ڪري نازڪ ۽ ڪمزور ٿي ويا هئا ۽ منجهن عزت ۽ غيرت ڪانہ رهي هئي. هنن ۾ بي ايماني ۽ خانہ جنگي گهر ڪري ويٺي هئي، جنگ جي ميدان ڇڏي وڃڻ ۾ شرم ڪونہ هون، ۽ ڌوڪو پڻ ڏيڻ هنن وٽ عيب نہ سمجهيو ويندو هو. خون ڪرڻ عار نہ هو، ۽ ڪنهن ذر جو پاسو وٺڻ هڪ معمولي ڳالهہ هئي- ("فرشتہ".)

درٻاري ڪيس ڏوڪو ڏيئي، ڇڏي ويا آهن". هنن برما جي لڙائيءَ جو پڻ ذڪر
ڪيو، ۽ چيائون تہ: "توهان جا گهڻا ماڻهو ان ۾ زيان ٿيا آهن؟" مون کين ٻڌايو
تہ دشمن، ملڪ جي وڏي ايراضي ڏئي، اسان سان صلح ڪيو هو". ان ڳالهہ جي
کين خبر ڪانہ هئي، ۽ شايد کين اها خبر چڱي بہ نہ لڳي.

ڪڇ جي معاملي ۾، ميرن سڀ کان وڌيڪ دلچسپي پئي ڏيکاري. هو وري
وري انهيءَ ڳالهہ تي پئي آيا، ۽ نهايت باريڪ سوال پئي پڇيائون. سيني چيو تہ
"ڪڇ هڪ اهڙو صوبو آهي، جو دنيا جو بهترين شڪار گاهہ ٿي سگهي ٿو". مون
کان ڪيترا دفعا پڇيائون تہ: "اتي شڪار ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو آهي، ۽ انگريز
سوئرن جو شڪار ڪيئن ڪندا آهن؟" هو ٻڌي ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا. تہ هڪڙي
ضلعي جي عملدار جي هڪ ٽوليءَ، هڪ مهيني ۾ سٺ کان بہ وڌيڪ جهنگلي سوئر
ماريا هئا. هڪڙي ڏينهن چيائون تہ: "جي توهان کي ڀُڄ جي فوج ٻيءَ ڪنهن جاءِ
تي ڪم آڻڻي هجي، تہ اسان دوستيءَ ۾ پنج - ڇهہ هزار بلوچ سپاهي موڪلي، ڀڄ
جي حفاظت ڪرڻ لاءِ تيار آهيون؟" مان جيڪڏهين انهيءَ ڳالهہ تي ظاهري بيپرواهي
نہ ڏيکاريان ها، تہ هو جيڪر اها تجويز لکت ۾ موڪلين ها.

هنن ڪيترا دفعا مون کان پڇيو تہ: "توهان کي ڪڇ جهڙي ويران ملڪ،
جنهن جو خرچ آمدنيءَ کان وڌيڪ آهي- رکڻ مان ڪهڙو فائدو آهي؟" هڪ لڳا
مون کي چيائون تہ: "جيڪڏهن توهان جي سرڪار ڪڇ جي حڪومت اسان جي
حوالي ڪندي، تہ اسان خراج ڏيڻ جو ذمو پاڻ تي کڻنداسين، ۽ ان لاءِ شاهوڪار
واپاري ضامن ڏينداسين". مون کانئن پڇيو تہ: "انهيءَ نموني جي انتظام کان
توهان کي ڪهڙو فائدو ٿيندو، جو اسان ائين بہ ڪريون؟" هنن جو رايو هو، تہ
راءَ جا وزير پيدائش کائي ٿا وڃن. مون خاطري ڏني مان تہ ڪڇ ۾ سچ پچ
دولت ڪانہ آهي. مراد عليءَ چيو تہ: "اسان پاڻهي پيداوار وڌائڻ جو ڪو نہ ڪو
طريقو ڳولي ڪڍنداسين". جڏهن هنن انهيءَ معاملي ۾ گهڻي دلچسپي
ڏيکاري، تڏهن مون کين چيو تہ: "اسان کي پنهنجن عهد و اقرارن لاءِ عزت
آهي. اهي اسان لاءِ نقصانڪار هجن يا نہ. پر اسان کي اهي ضرور پاڙڻا آهن".
هنن کي البت تعجب ٿيو، پر جڏهن مون چيو تہ: "اسان ڪڇ جي حفاظت
پنهنجي خون جي خزاني سان اهڙيءَ طرح ڪنداسين، جهڙي طرح ڪنهن زرخير ۽
آباد پرڳڻي جي".

Scanned by CamScanner

هنن کي روس ۽ ايران جي لڙائي، بلڪ تبريز جي فتح، جنهن جي خبر
ڪين حيدرآباد ۾ منهنجي هوندي ملي هئي، تنهنجي معلومات ڪانه هئي. هو
رنجيت سنگهه کي سڪ ڪري سڏيندا هئا. ۽ سندس نالو عزت سان ڪونه
وٺندا هئا. هنن هڪڙي دفعي مون کي غصي ۾ چيو ته: ”هو مومن مسلمان کي
پنهنجي ويجهو اچڻ ڪونه ڇڏيندو آهي“. پنجاب جي ڪاروبار متعلق،
مراد عليءَ مون کان پڇيو ته: ”توهان سيد احمد شاهه کي، جو سکن سان جهاد
ڪري رهيو آهي، پئسي جي مدد ڪريو ٿا يا نه؟“ مون ڪين چيو ته: ”توهان جي
مغز ۾ اهڙو خيال ڪيئن آيو آهي؟ سيڪنهن کي خبر آهي، ته سيد پنهنجي
مذهب لاءِ وڙهي رهيو آهي“. پر منهنجي جواب تي هو مطمئن ڪونه ٿيا.
چيائون ته: ”شايد ممبئي سرڪار، جنهن جي تون نوڪري ۾ آهين، تنهن کي
انهيءَ ڳالهه جي خبر نه آهي، پر بنگال وارن کي سيڪجهه معلوم آهي“.

مون کي اهو ڏسي بڏي البت تعجب ٿيو، ته هنن کي بادشاهه سلامت، شاهي
خاندان ۽ انگلستان جي پيٽ معاملن بنسبت چڱي ڄاڻ هئي. هڪڙي دفعي چيائون
ته: ”انگريز خلاصي ۽ بلوچ سپاهي دنيا جا بهترين آهن“. هنن کي نيپولين جي
خصلتن ۽ هار جي خبر هئي، پر سندس موت جي خبر اڃا ڪانه پهتي هئن. ماتا جي
ٽڪن جي هنن خبر بڌي هئي. جڏهن مون ڪين ٽڪن جا فائدا ٻڌايا، تڏهن چيائون
ته: ”اسان سنڌ ۾ به شروع ڪنداسين“. ۽ مون کي وڏيڪ چيائون ته: ”تون انهيءَ
معاملي ۾ اسان کي مدد ڪر“. ڳالهين ڳالهين تان مون، ڪين ٻاڦ جي انجڻ جي
اهم ايجاد جي خبر ٻڌائي، مگر ڪين هن معاملي ۾ انگلستان جي آمدنيءَ بابت
يقين ڪونه ٿيو. سمجهيائون، ته اهي سيلاٽين جون ڏند ڪٿائون آهن. هو اها ڳالهه
ٻڌي خوش ٿيا، ته مون کي سنڌن خاندان جي تاريخ، جنهن تي فخر ڪندا هئا، تنهن
جي چڱي خبر هئي. هنن مون کي پنهنجي ڏاڏي مير بجار جي تلوار ڏيکاري، جنهن
جي قتل جي ڪري، ڪلهوڙن جي گهراڻي جو خاتمو ٿيو هو. مون ڪين مير بجار جي
حج تي وڃڻ ۽ ساڻس ڏوڪي ٽيڻ جي ڳالهه ٻڌائي، جا ٻڌي هو ڏاڍو خوش ٿيا ۽
البت تعجب به لڳن.

منهنجي هڪڙيءَ ڳالهه ميرن جي پيشانيءَ ۾ گهنڊ آندو: هڪڙي ڏينهن
سنڌن وزير سان ڪابل جي حڪومت بابت ڳالهائيندي، مون سندس حاضريءَ ۾
هڪ وڏو هندستان جو نقشو کولي ڏنو. وزير اها ڳالهه وڃي ميرن سان ڪئي. هنن

جي نظر ۾ اها هڪ نادر شيءِ هئي، ۽ مون کي چيائون تہ: "اسان کي ڏيکار. مون نقشو دربار ۾ کڻي وڃي کين ان جو مطلب سمجهايو. هنن کي نهايت تعجب لڳو. جڏهين مون کين اگر سان منزل بمنزل سنڌ، جيسلمير ۽ لاهور جا سمورا رستا ڏيکاريا. ۽ چيومان تہ: "آءٌ هن نقشي جي مدد سان، سواءِ رستي پڇڻ جي توهان جي ساريءَ حڪومت مان گهمي سگهان ٿو". اها ڳالهہ خلاف مصلحت هئي. پر ان وقت آءٌ پاڻ کي جهلي نہ سگهيس، ۽ سنڌن مختصر ملڪ کي هٿ سان ڍڪي، هندستان جي شاهي ۽ شاندار سلطنت جون حدون ڏيکاريم. "اسان کي بہ توهان جي پهريائين، تہ هنن لاپرواهي ڏيکاري، ۽ چيائون تہ: حڪومت جي ايتري ئي خبر آهي، جيتري توهان کي اسان جي حڪومت جي خبر آهي". پر ان کان پوءِ، هو انهيءَ ملاقات ۾ سمورو وقت ڳنڀير هئا. تنهن کان پوءِ مون کي ڪن ماڻهن مان، جي دربار مان مون کان پوءِ نڪتا، خبر پئي تہ هنن نقشي جي ڳالهہ وري دهرائي هئي. انهيءَ ڳالهہ منجهن تشويش ۽ اضطراب پيدا ڪيو ۽ فرنگين کي اسان جي ملڪ جي سموري خبر آهي.

ميرن جي دربار جي نشست برخاست جو احوال مان هيٺئر ڏئي آيو آهيان. مير جيڪڏهن تندرست هوندا آهن، تہ مهيني ۾ ٻہ دفعا پنهنجن پنهنجن شڪار گاهن ڏانهن ويندا آهن. انهن موقعن تي هنن سان هڪ وڏو جلوس ساڻ هوندو آهي. هو اڳوات اهو بہ ظاهر نہ ڪندا آهن، تہ ڪٿي وڃڻو اٿن. اهڙيءَ طرح هو پنهنجو شوق بہ پورو ڪندا آهن، ۽ مختلف ضلعن جي ماڻهن کي دپ ۾ بہ رکندا آهن. هو شڪار ڪرڻ لاءِ بازن ۽ ڪتن سان نڪرندا آهن، پر هنن جي شڪار جو نمونو يورپي شڪارين کي پسند نہ آهي. هو اُن ۾ ڪڏهن ڪونہ بيهندا آهن. هو آرام سان ڪنهن محفوظ جاءِ ۾ ويهي، چڱيءَ طرح شست وٺي هرڻ ۽ سوئر ماريندا آهن، جي ڪنهن چشمي يا ڪڏ مان پاڻي پيئڻ لاءِ وٽانئن لنگهندا آهن، ۽ سنڌن پوئلڳ تاڙيون وڄائيندا ۽ ساراهيندا اٿن.

شڪارگاهہ وڏا جهنگ آهن. انهن کي اهڙيءَ طرح لوڙها ڏنل هوندا آهن، جيئن انهن مان جانور نڪري نہ سگهن. جڏهن مير صاحب شڪار تي ويندا آهن، تڏهن سڀ کُهيون بند ڪيون وينديون آهن ۽ فقط هڪڙي کُهي جا سنڌن تنبن يا بنگلن جي پرسان هوندي آهي، سا کليل رکندا آهن. پوءِ "تـَـڙ" ٿيندي آهي ۽ جانور پاڻيءَ جي ڳولا ۾ اچي پنهنجو ساهہ ڏيندا آهن. بعضي هو ٻن لڳو لڳ شڪارگاهن جي وچ

۾ ڪڏنا ناهي، انهن ۾ ويهندا آهن. پوءِ ٻه - ٽي سَو بندوقن وارا وڃي، هڪڙي شڪار گاهه ۾ تڙ ڪندا آهن. ٿلل جانور هڪ شڪار گاهه کان ٻيءَ ڏانهن ڀڄڻ مان پچڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ۽ امير اتي ماريندا ويندا اٿن.

مير گهوڙي تي شڪار اصل ڪونه ڪن. بعضي بعضي هو اُن تان "گرگ" ڪري، هرڻ جو شڪار ڪندا آهن. شڪار ڪرڻ جي هنن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به اجازت ڪانه هوندي آهي. اهڙو شڪار ورلي ٿيندو آهي، جنهن ۾ ٻه - ٽي رعيتي ماڻهو بندوقن يا سوئرن جي هشان ماربا نه آهن! سنڌ جا سڀ وڏا ماڻهو جڏهن ٻاهر نڪرندا آهن، تڏهن سندن بازن وارا پنهنجن شڪرن سميت ساڻ هوندا اٿن. ڪرم علي وٽ مون هڪڙو باز ڏٺو، جنهن جي قيمت ٻه هزار رپيا هئي. مير صاحب جن، مون کي به هڪڙو قيمتي باز تحفي طور ڏنو هو. چون ٿا ته سڀ کان سٺا باز، ترڪستان ۽ ڪابل جي اتر واري علائقي مان ايندا آهن.

سنڌ خواهه بين مشرقي ملڪن ۾ درٻاري حاڪم جي حضور ۾ حڪم ۾ رهندا آهن. سنڌ ۾ درٻارين کي جو رتبو حاصل هوندو آهي، تنهن جو سارو دارومدار ميرن جي شفقت تي هوندو آهي. انهن درٻارين بنسبت گهڻو ڪجهه لکڻ اجايو آهي. دربار ۾ هنن کي جنهن صفائيءَ ۽ شان سان رهڻو پوندو آهي، سو سيڪجهه هو پاڻ سان گهر ڪونه کڻي ويندا آهن. هو گهڻو ڪري تمام غريب هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته ملڪ جي سموري دولت حاڪمن جي هٿ ۾ هوندي آهي، ۽ ڪين نٺ ٺانگر ڪرڻ جي وصيت ڪانه هوندي آهي. مير جي خاص ماڻهن کي سون ڇڙهيل تلوارون هونديون آهن، جن مان ڪين سجاڻي سگهبو آهي. مير جڏهن ڪنهن تي راضي ٿيندا آهن، ته انهن کي اهڙيون تراريون انعام ڏيندا آهن. رواج آهي، ته دربار ۾ اهي جڙائو هٿيار به پهريا ويندا آهن، جي ميرن جا ڏنل نه هوندا آهن. مير تحفن ڏيڻ ۾ اڪثر ڪفايت شعاريءَ کان ڪم وٺندا آهن، جنهنڪري سندن تحفن جو قدر ڪيو ويندو آهي. وڏين خدمتن لاءِ، مير بعضي بعضي، پر ورلي پنهنجون هيرن سان جڙيل تلوارون انعام ڏيڻ فرمائيندا آهن.

جتي سڀ تابعدار آهن، اتي آزاديءَ جي اميد رکڻ اجائي آهي. سنڌ جا درٻاري پنهنجن عهدن تي فقط ڪامل اطاعت، بالادستن جي عاجزيءَ ۽ خوشامد ڪرڻ سان ئي رهي سگهن ٿا . هو جنهن نموني ۾ اجنبي ماڻهن ۽ هڪٻئي جي چاپلوسي ڪندا آهن، سا يورپي ماڻهن کي اُٿسهائيندڙ لڳندي

آهي. مون کي ٻه وڏي عهدي جا ماڻهو هڪٻئي جي ذليل خوشامد ڪرڻ کان سواءِ ڳالهائيندي نه ڏٺا. وري اهي ٻئي ڳالهه مون کي آسمان تائين پڄائيندا ۽ منهنجي اجائي ۽ واهيات تعريف ڪندا هئا. هنن جو تڪلف نهايت ڏکوئيندڙ هوندو آهي. هڪ ملاقات دوران، مون سان چار- پنج دفعا ساڳين لفظن ۾ خوش خير عافيت ڪندا هئا. جنهن وقت مان ڪرسيءَ تان اٿندو هئس، ته سڀ جماعتي ايا تي بيهندا هئا. تيستائين بيٺا هوندا هئا، جيستائين مان نه ويهندو هوس. پوءِ وري هڪٻئي کي سلام ڪري سڀ ويهندا هئا. آءٌ ڀانئيان ٿو، ته هن معاملي ۾ هو ڪابل ۽ ايران جي درٻارين جو نقل ڪندا آهن.

مير مراد عليءَ جي خوءِ متعلق جيڪي مون لکيو آهي، ان مان ظاهر آهي، ته هو اهو حاڪم نه آهي. جو ٻين جي صلاح تي هلي. اهڙي خشڪ مزاج ۽ اٽميل حاڪم بابت اهو چوڻ مشڪل آهي، ته هو ڪنهن تي مهربان آهي. ڪو ٻه نه چئي سگهندو، ته هن جي ملول دل ۾ ڇا ٿو وهي واپري! ڪو ائين ڪونه چئي سگهندو، ته هن جو مون ۾ ڪو ڀروسو آهي! تنهن هوندي به ٻه اهڙا شخص آهن، جي ڪيترن سببن ڪري سنڌ جي دربار ۾ اهميت رکن ٿا، ۽ جن جو هت خاص ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. اهي آهن: ولي محمد خان ۽ سيد اسماعيل شاهه ميرن جا مکيه ٻه وزير جن جي مختصر احوال ڏيڻ جي آءٌ هت ڪوشش ڪندس. انهن ٻنهي کي سرڪار وٽان وڏيون پگهارون ملنديون آهن ۽ هنن لاءِ پالڪيون ۽ حمال مقرر ٿيل آهن، جا عزت ملڪ ۾ ٻئي ڪنهن به رعيتي ماڻهوءَ کي حاصل نه آهي.

مير، خود نواب ولي محمد لغاريءَ کي سنڌ جو وزير ڪري سڏيندا آهن. مير جي حڪومت ۾ ٽالپر خاندان جي ڀاتين کان پوءِ، 'نواب' کي هڪ اهم شخص ڪري سمجهڻ گهرجي. هو پاڻ هڪ بااثر قوم جو فرد آهي، جنهن هاڻوڪن حاڪمن جي سرفرازيءَ ۾ ميدان جنگ ۾ پاڻ موکيو هو. هو هميشه سندن وفادار ۽ ڪارگر خادم ٿي رهيو آهي. هن ۾ نه فقط سندس مالڪن جو پورو پورو ويساهه آهي، پر هن کي عام ماڻهن جي عزت ۽ محبت به حاصل آهي، جا ڳالهه هڪ خودمختيار حڪومت ۾ غير معمولي آهي. هو حڪومت جي اندروني ڪاروبار ۾، ميرن جو صلاحڪار آهي. هن کي ايتري قوت آهي، جو هو پنهنجي تدبير ۽ نرميءَ سان دربار جي ظلم ۽ زبردستيءَ جي تشدد کي ٿي سگهي ۽ هو اهڙو موقعو هٿ مان ڪڏهن ڪين وڃائيندو آهي.

هن عمر رسيده ۽ معتبر بزرگ کي پنهنجي مالڪن جي ڀلائيءَ جي اونـي سيکاريو آهي، تہ انگريز سرڪار سان دوستاڻا تعلقات رکڻ ضروري آهن. ميرن مون کي هن جي صلاح تي دعوت ڏيئي، پاڻ وٽ گهرايو ۽ رهايو هو. ولي محمد خان چڱو خاصو ستر ورهين جي ڄمار جو هوندو. هن جي حياتي گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪري، جي هو گذاري ويو، تہ مير هڪ وفادار خادم، ۽ سنڌ جا ، اٺهو هڪ مهربان محافظ وڃائيندا. هن جو پٽ ٽيهن ورهين جو عياش جوان آهي، جنهن ۾ پيءُ جي ڪابہ وصف ڪانہ آهي. نواب هڪ چڱي پايي جو شاعر آهي. ائين آهي، تہ هن جو شعر مداحن سان لبريز آهي، پر ان ڪري هن جي شعر جي گهٽتائي ڪرڻ نہ کپي، ۽ نہ هن کي فارسي مصنفن تان نقل ڪرڻ ڪري ڏوهہ ڏيڻ کپي. هن حڪمت جي عنوان تي ڪيترا بند لکيا آهن، جي قديم حڪيمن جي خيالن ۽ اصولن تي ٻڌل آهن. پر ماڻهو انهن کي سندس ايجاد ڪري سمجهندا آهن. ان ڪري هو سنڌ ۾ هڪ وڏو فاضل سمجهيو ويندو آهي. هن ڪيترن مرضن جي علاج تي هڪڙو ننڍڙو رسالو پڻ لکيو آهي، جو مير مراد عليءَ جي نالي پنيان سڏبو آ ي ۽ مير صاحب ان تي فخر ڪندو آهي.

سيد اسماعيل شاهہ سرڪار جو بيروني معاملن ۾ صلاحڪار آهي. جهڙيءَ طرح نواب ولي محمد خان اندروني معاملن جو صلاحڪار اٿن. مير، اسماعيل شاهہ کي نواب ولي محمد کان پوءِ ٻئي نمبر ۾ عزت ڏيندا آهن. هو رسول ﷺ جن جي اولاد مان آهي، جنهنڪري مير هن جو احترام ڪندا آهن. ازانسواءِ هنن کي خيال ويٺو آهي، تہ هو نهايت داناءُ ۽ آزمودگار آهي. هن جو پيءُ ايراني هو، جو اٽڪل پنجاهہ سال اڳ سنڌ ۾ لڏي اچي ويٺو هو. هو پوئين ڪلهوڙن وٽ حڪيم جي حيثيت ۾ نوڪري ڪندو هو. تنهن کان پوءِ هو ميرن جو طرفدار ٿيو، جن ڪيس پنهنجي نوڪريءَ ۾ رکيو. اسماعيل شاهہ کي سنہ 1820ع ۾، ممبئيءَ سفير ڪري موڪليو ويو. اسماعيل شاهہ جي پهچڻ تي جڏهن ٻن حڪومتن جي وچ ۾ لڙائي لڳڻ جو امڪان هو. ان وقت هن جي چڱي خاطرداري ڪئي ويئي هئي ۽ مسٽر ايلفنسٽن مٿس خاص مهربان هو. هو مون سان اڪثر اها ڳالهہ ڪندو هو. پر اها عام خبر آهي، تہ هو وفادار دوست نہ آهي، ۽ انگريزن جي بلڪل فائدي ۾ نہ آهي. اسماعيل شاهہ شڪل شبيهہ ۾ معتبر آهي، ۽ نشست برخاست جو ڍنگ اٿس. هو اٽڪل پنجاهہ ورهين جو ٿيندو. هو البت خودپسند آهي ۽ ڏيکاريندو ائين آهي، تہ عام ماڻهن جي زبان

Scanned by CamScanner

يعني سنڌيءَ کان غير واقف آهي. هو فارسيءَ کان سواءِ ٻيءَ زبان ۾ نه ڳالهائيندو آهي، ۽ نه ٻڌندو آهي. هن کي ڪڏهن ڪڏهن ڪابل جي دربار ۾ موڪليو ويندو آهي. هن مون کي ٻڌايو، ته جڏهن مسٽر ايلفنسٽن ڪابل سفارت وٺي ويو هو، تڏهين هو به اتي وڪيل جي حيثيت ۾ موجود هو. هو منصوبي بازي ۽ بهاني سازيءَ جي آئين ۾ پڙ آهي، جنهن جي ايشيا جي وزارتن ۾ سخت ضرورت هوندي آهي. هن کي ڪيترا پٽ آهن، جن کي حڪومت ۾ وڏا وڏا عهدا مليل آهن. انهن مان هڪڙو، تازو سفير ٿي، ممبئيءَ ويو هو، ۽ ٻيو شڪارپور ۾ ميرن جو عيوضي آهي. هو پاڻ يارنهن سؤ رپيا ماهوار پگهار، حڪيم جي حيثيت ۾ ڪٽندو آهي، حيدرآباد ۾ اهو وڏي ۾ وڏي پگهار وارو عهدو آهي، پر مير هن جي نسخن تي گهٽ ڌيان ڪونه ڏيندا آهن.

اها فطرتي ڳالهه آهي، ته سنڌ جي دربار جي ٻن وڏن عملدارن جي وچ ۾ ڪا رقابت نه هجي. هو نه فقط مالڪن وٽ پاڻ کي سرخرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پر اهڙيون اڻنگيون ڳالهيون ڪندا آهن، جن تي يورپي مدبرن کي کل ايندي آهي. هو ٻيئي پاڻ کي حڪمت جا ماهر ۽ حاذق حڪيم ڪري سمجهندا آهن. ٻيئي مصنف آهن ۽ پنهنجن تصنيفن تي فخر اٿن. هنن جي علمي لياقتن تي فتوا ڏيڻ جي ضرورت نه آهي، ۽ مون هميشه پنهنجيءَ راءِ ڏيڻ کان پاسو پئي ڪيو آهي، پر ميرن، ٻنهي جي علمي لياقتن جو صحيح اندازو لڳايو آهي. اسماعيل شاهه کي وظيفو ڏنو اٿن، ۽ نواب کي شهرت. هنن جي اخلاقي وصفن جي پيٺ ڪري نٿي سگهجي. ميرن جو ولي محمد ۾ ڪلي اعتماد آهن، پر هو سندس رقيب جي ايمانداريءَ ۾ شڪ رکندا آهن، ۽ ان ۾ هو حق بجانب آهن. نواب هڪ سنئون سڌو ۽ سخي مڙس آهي، ۽ اسماعيل شاهه مغرور ۽ تنگ دل سيد. فقط پنهنجي نسب ۽ ماڻهن جي طرفداريءَ ڪري چڙهيو آهي، ۽ خان، عمر ڀر جي وفاداريءَ ۽ مخلصيءَ ڪري. اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي، ته سنڌ ۾ انهن وصفن جو قدر ڪيو ويو آهي.

انهن عملدارن کان پوءِ، ٻيو درجو آهي ڪن درٻارين جو، جي رات ڏينهن ميرن جي خدمت ۾ حاضر هوندا آهن. يا بلوچ قومن جا سردار آهن، جنهنڪري اهي خاص اثر رکن ٿا. انهيءَ طبقي مان ڀهريون شخص، جو قابل ذڪر آهي، سو آهي مرزا خسرو. هو اصل هڪ جرجي غلام آهي، هن کي ارڙنهن سال اڳ مير ڪرم عليءَ

خريد ڪيو هو. هاٿي ڪيس گود جو پٽ ڪري ليکيندو آهي. هاٿي هو مراد عليءَ جو لاڏلو نه آهي ۽ سياسي حيثيت ڪانه اٿس. جيتوڻيڪ سنه 1823ع ۾ هو ممبئيءَ جو سفير هو. هو گوشه نشيني پسند ڪندو آهي. هن ڪيترا شعر لکيا آهن. جن لاءِ هو سنڌ ۾ مشهور آهي. مگر شعر هن ڪرم عليءَ ڏانهن منسوب ڪيا آهن. جنهن کي شاعر سڏائڻ جو شوق آهي. مون هڪڙي ڏينهن. مير صاحب کان سندس ڪو شعر لکڻ لاءِ گهريو. ته هن هڪدم مرزا خسروءَ کي گهرايو. ۽ هن سان سس تلوار تي پس ڪري، هڪ شعر ڏنائين، جو چيائين. ته سندس لکيل هو[1].

مرزا باقر به هڪڙو جرجي جوان آهي، جنهن تي ڪرم عليءَ جي نظر عنايت آهي. محمد خان ڪوڪر ۽ خير محمد نوڙهو به سردار آهن. جن تي مير صاحب جو راز آهي. مير صاحب هڪڙي موقعي تي مون کي چيو. ته بهادر خان سندس پوئلڳن ۾ سڀ کان وڏيڪ بهادر ۽ ممتاز شخص آهي. هو ٻيئي با اثر بلوچ قومن جا سردار آهن. ۽ هميشه درٻار ۾ رهن ٿا. جتي ڪين وڏين ذميدارين ۽ وڏين پگهارن وارا عهدا آهن. خير محمد. مراد عليءَ جي خانگي ڪاروبار جو عام مختيار آهي.

نواب ولي محمد جو پاءُ. غلام الله لغاري[2]، عمرڪوٽ جي مشهور قلعي جو محافظ آهي، جتي چيو وڃي ٿو. ته سنڌ جي حاڪمن جو ڪيترن ڪروڙن جو خزانو رکيل آهه . فتح عليءَ حڪومت هٿ ڪرڻ کان پوءِ. هڪدم ڪلهوڙن جي شاهي خزاني تي قبضو ڪيو هو. ان کان پوءِ ان خزاني ۾ گهڻو اضافو ٿيو آهي، ۽ هاڻي ميرن وٽ جڃهي دولت هوندي! مير. پئسو جمع ڪرڻ کي هن دنيا جو توشو ڪري سمجهندا آهن. پر امڪان آهي، ته انهيءَ ترتيب جو حشر به اهو ٿيندو. جو تاريخ جي ٻين اهڙين تجويزن جو هميشه پئي ٿيو. اهو خزانو ڪنهن قسمت واري ڌاڙيل جي ور چڙهندو. جو اهو سندن ۽ سندن خاندان جي خلاف استعمال ڪندو. سخندان هيوم (Hume) چوي ٿو ته: "اهو خزاني گڏ ڪرڻ جو لازمي نتيجو آهي."

---

[1] اها مصرع هن ريت آهي: آءُ افلاطون جي عقل کان به تيز آهيان. آءُ حسين جي معشوق جي ابروءَ کان به وڌيڪ خونخوار آهيان.

[2] منهنجو پاءُ عمر ڪوٽ جي باري ۾ هيئن ٿو لکي: "مون ٻڌو آهي، ته هيءُ ريگستان جو شهرهءُ آفاق نخلستان، جتي شهنشاهه همايون پناهه ورتي هئي، جتي اڪبر ڄائو هو. جو سنڌ ۾ جوڌپور جي جهيڙي جو باعث آهي ۽ جتي سنڌ جي ميرن جا خزانا ۽ جواهرات پوريل آهن. سو هڪ ننڍڙو سرن جو قلعو آهي. ان جو ڏاکڻيون پاسو تازو ٻوڏن سبب ڪري پيو هو. ان جون پٽيون لڪپت جي قلعي کان به ننڍيون آهن. قلعي کي پناهه لاءِ هڪ کاهي آهي، جيتوڻيڪ اهو قلعو هڪ درياءَ جي پٽ ويجهو آهي." (ليفٽيننٽ برنس جي "سنڌونديءَ تي مضمون". تان ورتل.)

منشي خوشيرام هڪڙو هندو آهي، جنهن کي مير منشيءَ جي حيثيت ۾ هڪ سؤ رپيا مهينو ملندو آهي. هن کي ڪو اثر ڪونه آهي. سرڪاري خط سڀ هو لکندو آهي، ۽ چون ٿا، ته خطن جي ترش زبانيءَ لاءِ هو ئي جوابدار آهي. هن جي غير حاضريءَ ۾، مون ڏي جيڪي ميرن جي طرفان خط آيا هئا، سي سڀ هن جي لکيل خطن کان وڌيڪ خوش اخلاقيءَ جا هئا. مير، ٻين ماڻهن ڏي جيڪي خط لکندا آهن، تن ۾ خوش اخلاقي گهٽ هوندي آهي، پر هو انهيءَ ڳالهه جو گهڻو خيال رکندا آهن، ته ڪين جيڪي خط لکيا وڃن، سي بافضيلت ۽ بامروت هجن. هنن جي اها عادت هيٺئين قصي مان واضح ٿيندي: اڳ جڏهن دربار ۾ هوس، تڏهن سرجان مالڪوم ۽ مسٽر ايلفنسٽن وٽان ڪين ڪي خط پهتا هئا، جن ۾ ڪين ممبئيءَ جي حڪومت تبديلين متعلق اطلاع ڏنل هو. خط ۾ هر هڪ القاب ۽ عبارت جو هڪ - هڪ لفظ توري تڪي لکيو ويو. منهنجي روبرو مراد عليءَ پاڻ ڪي چيو، ته سرجان جي خط ۾ هڪڙو اصطلاح اهڙو مؤدبانه نه هو، جهڙو ٻئي خط ۾ هو.

سنڌ جي ماڻهن متعلق ڪجهه به لکڻ منهنجي مقصد کان ٻاهر آهي، نه ڪي مون کي انهن جي اخلاق ۽ ٻين وصفن لکڻ جو ڪو ارادو آهي. انهن ڳالهين تي ٻين مصنفن اڳيئي تفصيلوار مضمون لکيا آهن.[1] آباديءَ جو پورو

(1) "سنڌ جا رهاڪو هڪ سير ۽ تندرست ماڻهن جي قوم آهن. هنن ۾ ايتري جنبش آهي، جيترو هو ڪم ڪري سگهن ٿا. هو گهڻو ڪري قداور ۽ سياهه رنگ جا آهن. جيڪي ماڻهو آرام ۽ آسائش ۾ وقت گذاريندا آهن، سي غير معمولي طور ٿلها ٿين ٿا. هو ڪير گهڻو پيئندا آهن، جنهنڪري به ٿولهه ڏانهن مائل ٿين ٿا. شهزادا، اڪثر بدن جا ويڪرا ۽ ٿلها آهن. ڪيترا بلوچ سردار ۽ سرڪاري ڪامورا اهڙا ٿلها آهن، جو يورپي ڪرسين ۾ ڪونه ماپي سگهندا آهن. ٿولهه وڏماڻهپائيءَ جي نشاني آهي، تنهنڪري ٿلها ماڻهو سهڻا سمجهيا ويندا آهن. ڪيترا ماڻهو ڪوشش ڪري ٿلها ٿيندا آهن. ٿولهه جي نسخن جو هتي گهڻو قدر آهي. سنڌي مغرور، بي صبر، شرير ۽ ذليل آهن، هو مڪران ۽ هندستان جي وچ ۾ رهن ٿا، ان ڪري منجهن مڪرانين جي وحشت ۽ هندستانين جي تربيت جا عيب آهن، سواءِ انهن جي خوبين جي. پر هنن جو ذهن چڱو آهي. جيڪڏهن هنن جي حوصله افزائي ڪئي وڃي، ته هو چڱو ڪم ڪري سگهن ٿا. هنن جو اخلاق اهڙو نه آهي، جنهن جي تعريف ڪجي. هو پروسي جهڙا نه آهن. تعصب، وهم ۽ ظلم، هنن جو اخلاق ڏينهون ڏينهن وڌيڪ خراب ڪري رهيو آهي. ماڻهن ۾ تبليغ کان سواءِ ٻيو ڪو اشتياق ڪونه آهي. عيد ملهائڻ کان سواءِ ٻيو ڪو جذبو، ۽ پراڻن مقبرن کي سينگارڻ کان سواءِ ٻيو ڪو شعور ڪونه اٿن. هنن جي مشغولي شڪار ۽ تلوار بازي هوندي آهي، جنهن ذريعو هو تلوار جي پاٽيءَ ۽ پنهنجن ٻازن جي قوت جي آزمائش ونندا آهن. هو بندوق سان نشان وٺڻ ۾ پڙ آهن، ۽ تير ڪمان هلائڻ ۾ تمام هوشيار آهن. هو شڪار لاءِ تير ڪمان ڪم آڻيندا آهن. هو تير سڌو نه پر ڏنگو ڇوڙيندا آهن، جنهنڪري نشان کي ٻان جي چهنب نه پر پاسو لڳندو آهي. هو انهن تيرن سان ساڄي ڪاٻي اڏامندڙ تتر اهڙيءَ طرح ماريندا آهن، جهڙيءَ طرح يورپي شڪاري دونالي بندوق سان. سيني شهزادن شڪار جي گهڻي مشق ڪئي آهي، جنهنڪري هو بندوقن ۽ ڪمانن جي استعمال ۾ ماهر آهن. سواريءَ ۽ شمشير زنيءَ ۾ سنڌي هوشيار نه آهن، ۽ نه وري هنن وٽ ڪا خاص ڪسرت آهي". (ڪرو جي مضمون تان ورتل.)

Scanned by CamScanner

اندازو ڪري نٿو سگهجي. ڪئپٽن هئملٽن لکي ٿو ته: "اڳئين صديءَ جي منڍ ۾، سنڌ ۾ ڏهن هندن پٺيان هڪ مسلمان هوندو". ڏسجي ٿو ته ظهر جي تيز ڇريءَ ملڪ ۾ ڏاڍا ويل ڪيا آهن. هن وقت آءٌ سمجهان ٿو، ته مخالف طبقا هڪجيترا آهن، اڃا به مسلمان وڌيڪ هوندا. سنڌ جو سرڪاري مذهب قرآن مجيد تان ورتل آهي. اهڙيءَ طرح عدل ۽ انصاف جو طريقو به شرعي آهي، جيڪڏهن ڌريون مسلمان هونديون آهن، ته قاضي عدل ڪان ڪم وٺندا آهن. پر قاضيءَ کي حڪومت جي خلاف شڪايتن ٻڌڻ جي جرات نه ٿيندي آهي. هن جي نوڪري ميرن جي رحم ۽ ڪرم تي هوندي آهي. تنهنڪري هو حاڪمن تي چوڪسي نه رکي سگهندو آهي، جيتوڻيڪ قانون ڪيس اهڙي اختياري ڏئي ٿو.

مون هن ڪتاب ۾ بئي هنڌ ڏيکاريو آهي، ته هندن کي ڪهڙي نموني جو انصاف ملندو آهي. هو گهڻو ڪري پنهنجا فيصلا حڪومت جي اختياريءَ وارن بدران پنچائتن يا امينن کان ڪرائيندا آهن. بلوچ اڪثر پنهنجا فيصلا پاڻ ڪندا آهن. هو قصاص جو سولي اصول ۾ ويساهه رکندا آهن. مير به گهڻو ڪري هنن سان دست اندازي نه ڪندا آهن. پر جڏهن شخصي اختلافن جو سڄين قومن تي اثر پوندو آهي، تڏهن هو جبراً فيصلو ڪندا آهن، يا ڌرين جو ناهه ڪرائيندا آهن. آءٌ جڏهن حيدرآباد ۾ هوس، تڏهن اهڙي قسم جو هڪ شديد جهڳڙو هڪ خسيس ڳالهه تان ٿيو هو. مير صاحبن کي ان جهڳڙي ۾ دخل ڪرڻو پيو. هنن مخالف ڌرين کي منهنجي روبرو دربار ۾ گهرايو، ۽ مٿن گهمائي، ڪانئن وعدو ورتو ۽ هو وري هڪٻئي سان نه وڙهندا.

سنڌ جي فوج منهنجن اميدن جي بلڪل خلاف ثابت ٿي. آءٌ ڪجهه وقت ڪڇ ۾ رهيو هوس، جتي حملن ۽ لڙاين جا هر وقت افواهه ٻڌبا هئا. مون کي ۽ ڪڇ جي ماڻهن کي خيال ۾ وينل هو، ته حيدرآباد ۾ ڪا زبردست فوج رکيل آهي. پر حقيقت ۾ بلڪل ان جي خلاف آهي. قلعي جي حفاظت لاءِ فقط بلوچن جو هڪ ننڍڙو دستو رکيل آهي. ان کان سواءِ ميرن وٽ هٿياربند سپاهي تمام ٿورا رکيل آهن، ۽ اهي به حقارت جهڙا! پر ڪيترن قومن جا سردار مستقل طور دربار ۾ رهندا آهن. هو ڪنهن مخفي نموني ۾، ٿورن ڏينهن اندر پنهنجي قومن جا ماڻهو گڏ ڪري سگهندا آهن. جي هونءَ پوکي راهيءَ جا ۽ ٻيا رواجي ڌنڌا ڪندا آهن. چون ٿا، ته انهيءَ طريقي سان سرڪار اٽڪل چاليهه هزار

ماڻھو گڏ ڪري سگھي ٿي. ڪئپٽن سيٽن پنھنجي روبڪاريءَ ۾ لکي ٿو ته: "ھنن کي ھڪ پئسو روز ملندو آھي، جڏھن ھو فوجي خدمت بجاءِ آڻيندا آھن. آءٌ سمجھان ٿو، ته اھا ھن جي پَل آھي يا اھو قديم زماني جو ڪو قاعدو آھي، مون ٻڌو آھي، ته گھوڙيسوارن کي ٽيھن رپين جي معقول رقم مھيني ۾ ملندي آھي. ممڪن آھي، ته ڪنھن وقت سڄي مسلم آبادي يڪمشت اٿي ڪڙي ٿئي، پر دنيا جي ھن ڀاڱي ۾ حب الوطنيءَ جو نالو نشان به نه آھي. ٿي سگھي ٿو، ته ڪو رياڪار مجذوب ۽ مذھبي جنون جو فائدو وٺي، ملڪ کي ڀڙڪائي.

ميرن جي فولادي ڏنڊي، رعيت جو ۽ فوجي طبقي جي ھمت ۽ روح کي ماري ڇڏيو آھي، ۽ ملڪ ۾ جيڪو امن امان آھي، تنھن سندن طاقت کي سست ڪري ڇڏيو آھي. پر ھو اجا رھزن آھن، ۽ ڪنھن به ڳالھ لاءِ اُٿي ڪڙا ٿيندا، جي ان مان کين ڪو فائدو ٿيندو يا ڦرلٽ ڪرڻ جو موقعو ملندن. بڪايل ڳجھن وانگر ھنن کي پريان ئي ڏوڙ جي بانس ايندي آھي. جڏھن فساد جي باھ ڀڙڪي اٿندي، تڏھن ھو جنگ جا نعرا ھڻندا ۽ اک ڇنڀ ۾ اچي گڏ ٿيندا. صوبدار جي سازش به - ٽي ڏينھن مڪمل ٽيڻ ۾ ورتا ھئا. جڏھن ويھ - ٽيھ ھزار سپاھي مخالف جھنڊن ھيٺ پرتي ٿي ويا ۽ ٻيا ڪيترا ايندا ٿي ويا، تڏھين مس ڏرين جو ناھ ٿيو. جنگ جي ميدان ۾ سنڌي سپاھيءَ ۾ انتظام ڪونه ھوندو آھي. ھن جي پگھار ٽيچ آھي، ۽ ان جي ملڻ جي به پڪ ڪانه ھوندي اٿس: تنھنڪري ھو سمجھندو آھي، ته رستي تي ڳوٺن ۾ ڦرمار ڪري، پنھنجون ضرورتون پوريون ڪرڻ جو مون کي پورو پورو حق آھي. اھا ڳالھ تسليم ٿيل آھي، ته ھو بھادر ۽ جانٺو آھي، پر ھن جي ڌارين ملڪن ۾ ايتري شھرت نه آھي، جيتري سنڌ ۾ اٿس. ھن جي خود نمائي ۽ شيخي مشھور آھي. سپھ سالار کان وٺي، فوج جي ھڪ ادنيٰ سپاھيءَ تائين، ھو سمورو وقت پنھنجن يا وڏن جي گذريل يا خيالي ڪارنامن جون ڳالھيون ڪندا آھن. تعجب جي ڳالھ آھي، جو ھو نھايت تحمل ۽ صبر سان ھڪبئي جون اھي واھيات ڳالھيون ۽ ٺاڪون ٻڌندا آھن! ميرن جو لشڪر ڇُون ڇُون جو مربو آھي. ان ۾ ھر ملڪ جا ڪرايي تي حاصل ڪيل ماڻھو ھوندا آھن، ۽ کين ھر قسم جون پوشاڪون پيل ھونديون آھن. ان ۾ اڪثر بلوچستان جي پھاڙن جا سرويچ جوان ھوندا آھن: انھن مان ھڪڙي رندن جي قوم آھي. ٽالپر به پاڻ کي رند سڏائيندا آھن.

Scanned by CamScanner

هر سال ڪيترا گهوڙا ڪابل ۽ قنڌار ڪڇ ۽ ممبئيءَ ڏانهن ايندا آهن.
جتي اهي انگريز سرڪار لاءِ گماشتا خريد ڪندا آهن. انهن جو رستو سنڌ مان
آهي. تنهنڪري اهي هتي سستا ملندا آهن. شايد ائين سمجهيو وڃي، ته بلوچ
سپاهين کي، جي گهڻو ڪري گهوڙيسوار هوندا آهن، سٺا گهوڙا هوندا. پر
ميرن جي اصطبلن کان سواءِ ٻئي هنڌ ڀلا گهوڙا نظر ڪونه ٿا اچن. مير هر سال
عاليشان گهوڙا خريد ڪندا آهن. جڏهن اهي سنڌ مان لنگهندا آهن، ميرن وٽ
سٺن گهوڙن کان سواءِ ڪيترا اعليٰ نسل جا ڪتا به هوندا آهن، جي هو اتر وارن
ملڪن مان گهرائيندا آهن. مون سنڌ ۾ ڪيترا وڏا مضبوط خچر پڻ ڏٺا. مون
سمجهيو، ته اسان جي سرڪار کي ايراني نار جي ڏورانهن بندرن کان توبخاني
لاءِ خچرن گهرائڻ بدران، سنڌ مان خچر خريد ڪرڻ وڌيڪ سولو لڳندو،
تنهنڪري مون انهن متعلق پڇا ڳاڇا ڪئي. پر معلوم ٿيو، ته اهي سستا ڪونه
پوندا ۽ نه ڪي سنڌ مان خريد ڪرڻ ۾ وڌيڪ آساني ٿيندي.

مان ڀانئيان ٿو، ته ميرن کي اها پليءَ پٽ خبر آهي، ته جيڪڏهن اسان جي
حڪومت مٿن حملو ڪري، ته هو ڪنهن به قسم جو مقابلو ڪري نه سگهندا.
اسان جي سوڀاري نالي جو ملڪ ۾ ڏاڪو آهي، ۽ مشرقي ماڻهن جي دلين ۾
اهو وهم گهر ڪري ويو آهي، ته خدا جي مرضي آهي، ته انگريز ڪنهن مدي
تائين، جنهن ڪم ۾ هٿ وجهندا، ان ۾ ڪامياب ٿيندا. انهن ڳالهين ڏيهي
ماڻهن جي وهمي ۽ ڀرمي دلين ۾ هڪ قسم جو سنسو جاڳايو آهي. هو پنهنجو
هراس لڪائڻ لاءِ عجيب اپاءُ جهڙوڪ: لافزني، ڏارين حڪومتن کي غرور سان
خطاب ٿيل خط لکڻ، ۽ اجنبي ماڻهن تي پنهنجي شان شوڪت جو اجايو رعب
وجهڻ وغيره، اختيار ڪندا آهن، جي اٿلو ڪين ظاهر ڪري وجهندا آهن. دنيا ۾
گهڻا ماڻهو پنهنجي جهالت، تڪلف ۽ حجاب کي پردي ۾ لڪائيندا آهن،
اهڙيءَ طرح ميرن کي به خبر آهي، ته جيڪڏهين سندن حالتن جي باريڪ جاچ
ڪئي ويئي، ته راز فاش ٿي پوندو. اهوئي سبب آهي، جو هو ڪوشش ڪندا
آهن، ته اسان کي سندن ملڪ يا سندن ذات جي صحيح معلومات نه ملي.

جنهن به ماڻهوءَ سنڌ اکين سان ڏٺي آهي، ۽ صحيح حالتن جو معائنو
ڪيو آهي، تنهن کي انهن ڪوڙن بهانن تي ڏوڪو ڪونه ايندو. سنڌ ۾ جيڪي
ٿورا ڪوٽن وارا شهر آهن. سي بلڪل ردي آهن ۽ قلعن سڏائڻ جي لائق نه

Scanned by CamScanner

آهن. عمر ڪوٽ، جتي سرڪاري خزانو پوريل آهي، سا هڪ تمام محفوظ جڳھ سمجھي ويندي آهي. چون ٿا، تہ اهو ريگستان جي وچ ۾ آهي، جتي پاڻيءَ جو قطرو ملڻ بہ مشڪل آهي. اسان کي هاڻي معلوم ٿيو آهي، تہ اهو قلعو سنڌونديءَ جي هڪ شاخ جي ويجهو آهي، ۽ مضبوط نہ آهي. حيدرآباد جو شهر ڪچين پونگين جو ردي ڍير آهي، جنهن کي نہ پناھ آهي، ۽ نہ نزاڪت ۽ نہ آسائش واريون جايون آهن. ميرن جو قلعو جنهن تي هو فخر ڪندا آهن، ۽ جو ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ٺهيل آهي، سو بہ پڪين سرن جي هڪ حقير عمارت آهي. ان جون سرون آهستي آهستي ڀُرنديون ٿيون وڃن. اهو قلعو هڪ منتظم فوج جي عملي اڳيان هڪ ڪلاڪ بہ ڏڪ جهلي نہ سگهندو[1]! تڪليف جي وقت امير طبقو گهڻو ڪري ايشيائي ملڪن جي رواج مطابق مالڪن کي ڇڏي ويندو. لاشڪ مير پنهنجي حڪومت ۽ خزاني جي بچاءَ لاءِ بهادريءَ سان وڙهي سر ڏيندا. جي اسان جي مرضي هجي، تہ اسان سواءِ پاڙيوارن ملڪن جي مدد جي، سنڌ کي آسانيءَ سان ۽ ملڪ جي ماڻهن جي رضامنديءَ سان فتح ڪري سگهون ٿا.

جيڪڏهين اسان سنڌ فتح ڪريون ۽ امڪان آهي، تہ اسان ڪن لاچاري سببن ڪري مجبور ٿي سنڌ فتح ڪريون. جهڙيءَ طرح اسان پنهنجي وسيع سلطنت فتح ڪري ناهي آهي، تہ انهيءَ حالت ۾ سنڌ هڪ اهو پرڳڻو آهي، جنهن مان اسان کي وڏو فائدو رسندو، بشرطيڪ اسان ان جي حڪومت اعتدال ۽ دانائيءَ سان هلايون. سنڌ جي ماڻهن ۽ اسان جي حڪومت کي جي فائدا حاصل ٿيندا، ان لاءِ هو پاڻ اسان کي ۽ هڪٻئي کي ڪيرون ڏيندا. ماڻهو ان ڪري خوش ٿيندا، جو انهن کي مفت اسپتالون، اسڪول وغيره ۽ هڪ خيرانديش حڪومت ملندي. ۽ سرڪار لاءِ پڻ هيءُ هڪ فخر جي ڳالھ ٿيندي،

---

[1] "حيدرآباد جي ڪوٽ کي هڪ وڏي پٽ آهي ۽ منجهس هڪ وڏو قلعو آهي، جنهن تي ڪجھ ڳريون توبون رکيل آهن. پٽ سنهي آهي، پر اندران مٽيءَ جو اونهو ڀراءُ اٿس. ڪجھ مٽي آهي ۽ ڪجھ هٿراڌو پيل آهي. ان ڪري ديوار ۾ رخنو وجهڻ مشڪل آهي. قلعو سمورو سرن جو ٺهيل ۽ ٿلهو آهي. ان جي شڪل گول آهي: ۽ سؤ والن کان وڌيڪ ويڪر نہ اٿس. ڪوٽ کي هڪڙي پاسي کان سڪل کاهي ۽ ٻئي پاسي کان هيٺانئين زمين آهي. ديوار جي ماپ اٽڪل منو ميل ٿيندي، ان ۾ توبن رکڻ لاءِ ڳِتا ٺورا آهن ۽ مورچا وغيره ڪونہ اٿس. قلعي جي شڪل مستطيل نموني جي آهي، ۽ اهو هڪ ڊگهي سوڙهي ٽڪريءَ جي هڪ ڪنڌ تي ٺهيل آهي جا سيني پاسن کان اُڀي آهي. ٽڪريءَ جي آسپاس واري ايراضي سنڌونديءَ جو هڪ پيٽ آهي، ان جي ويڪر ڇھ يا اٺ ميل ۽ ڊيگھ ويھ يا ٽيھ ميل ٿيندي. اها ايراضي آباد ۽ زرخيز آهي ۽ آبڪلاڻيءَ ۾ پاڻي جي اٿل هيٺ ايندي آهي". ڪرو–

تہ هڪ زرخيز ۽ آباد پرڳڻو سنڌن حڪومت هيٺ ايندو. آبادڪار ۽ واپاري، جي هن وقت جهالت ۽ موتمار ڌلن سبب بيل آهن، سي آهستي آهستي ساھ پئيندا ۽ نئين ۽ بهتر انتظام هيٺ زور وٺندا. صوبي جون مڪاني سهوليتون، مال جي سلامتي، ۽ عدل ۽ انصاف ٻاهرين ملڪن جي ماڻهن کي ڪشش ڪري آڻيندا. اهي ماڻهو ملڪ جي آدمشماري وڌائيندا، ۽ هو مذهبي تعصب ۽ فوجي ظلم جي زنجيرن کان آزاد هوندا. تنهنڪري سعيي ۽ ڪوشش کي وسيع ميدان ملندو ۽ هنن جي همت افزائي ڪئي ويندي، جا اڳتي هلي فائدو ڏيندي. سنڌوندي وري وچ ايشيا ۽ هندستان جي وچ ۾ آمدنيءَ ۽ دولت جي شاهراھ ٿيندي. سنڌ، جنهن سان اسان جا قديم زماني کان تعلقات آهن، ۽ جنهن سان اسان جي، سنڌس هاڻوڪين مصيبتن ۾ همدردي آهي، تنهن کي قومن جي قطار ۾ پنهنجي اصلي ۽ جائز جاءِ ملندي ۽ قدرت جيڪي کيس نعمتون عطا ڪيون آهن، تنهن کان بهرہ ور ٿيندي.

جنوريءَ جي شروع ڌاري، مراد عليءَ جي صحت بلڪل ٺيڪ ٿي ويئي هئي، پر مير مون کي حيدرآباد ڇڏڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئا. مون کي ڪڙڪ پئي، تہ کين مون کي هميشہ لاءِ پاڻ وٽ رهائڻ جو ارادو آهي. انهيءَ جو مون کي اڳيئي شڪ هو. مراد عليءَ مون کان هڪ ٻہ دفعو پڇيو هو تہ: "توکي اسان وٽ رهڻ ۾ ڪو اعتراض تہ نہ آهي؟" مون کيس ان سوال جو سڌو جواب ڪونہ ڏنو هو، پر چيومانس تہ: "مان سرڪار جو ملازم آهيان، ان جي اجازت کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪري نٿو سگهان". هو وري وري اها ڳالهہ دهرائيندو هو ۽ مون کان پڇندو هو تہ: "توکي اسان ڇڏيون بہ تہ توکي وري سرجان مالڪوم اچڻ ڏيندو؟" ولي محمد خان هاڻي مون کي اطلاع ڏنو، تہ مان ميرن کي صلاح ڏني آهي، تہ هو تنهنجي ٻانهن لاءِ هڪدم سرڪاري طور لکپڙھ ڪن. مون کي خانگي طرح خبر پئي، تہ کي اهڙيون حالتون ٿيون هيون، جنهنڪري هو جيترو ٿي سگهندن، اوترو وقت مون کي وڃڻ نہ ڏيندا. جيتوڻيڪ اهو طريقو مون کي رهائڻ جو کين پسند نہ هو.

ڊسمبر جي پڇاڙيءَ ۾، ڪابل جي جلاوطن بادشاھ، شاھ شجاع الملڪ، جو لڌياني ۾ اسان جو سرڪار جو وظيفيدار هو، تنهن وٽان ٻہ وڪيل سوغاتون کڻي آيا. هن جي تقاضا هئي، تہ شڪارپور جو ضلعو بادشاھ سلامت جي

حوالي ڪيو وڃي. بادشاھ پنھنجي وڃايل حڪومت ھٿ ڪرڻ لاءِ فيصلو ڪيو ھو، تہ شڪارپور وٽي لشڪر ڪٺو ڪجي. ان سان گڏ بادشاھ سلامت، اسماعيل شاھ جي معرفت، خانگي طرح دڙڪو بہ ڏياري موڪليو، تہ جي مير منھنجي گھر ھڪدم قبول نہ ڪندا، تہ مان سنڌ جو قبضو پنھنجن وفادار دوستن، انگريزن جي حوالي ڪندس، جن انھيءَ اھم ڪم لاءِ منھنجي مالي خواھ جاني امداد ڪرڻ جي اڳي ئي تياري ڪرڻ شروع ڪري ڏني آھي.

مون منڊ ڪان ئي سمجھيو، تہ ھيءَ سابق بادشاھ جي اجائي شيخي آھي. ميرن کي ايتري ھمت ضرور ٿي، جو ھنن انھيءَ گھر کي نڪرائي ڇڏيو، پر انھيءَ تقاضا سان جا خوفناڪ خبر شامل ھئي، تنھن سنڌن دل ۾ ڪٽڪو پيدا ڪيو ۽ خراج جي بقايائن ۽ ڪابل جي بدبخت گھراڻي وارن سان جي ھنن عقوبتون ڪيون ھيون، تن جي يادگيري ڏياري.

ھڪ ٻي ڳالھ پاڻ وڌيڪ ھنن جي دلين ۾ ھراس [1] پيدا ڪيو. ڳالھ خود تمام خسيس ھئي، پر ميرن جي شڪي نظرن ۾ اھا ھڪ منصوبي جي پختي ثابتي ھئي. جنھن وقت لڌياني ڪان وڪيل آيا، تہ ساڳئي وقت سنڌن وڪيل بھاولپور مان ڪين خبر ڏني، تہ ھڪ انگريزي عملدار ھٿ پھتو آھي، ۽ خان ھن جي چڱي خاطرداري ڪئي آھي. ميرن ھڪدم سمجھيو، تہ ھن کي شاھ شجاع جي مدد لاءِ موڪليو ويو آھي. مون کي جاچ مان معلوم ٿيو، تہ ھو ھڪ سياح ھو، جنھن جو سرڪار سان ڪوبہ واسطو ڪونہ ھو. ھو شايد بنگال ڪان يورپ وڃي رھيو ھو، ۽ ميرن کي اجايو سنسو ٿيو ھو.

---

[1] چون ٿا، تہ نادر بادشاھ جڏھن سنہ 1747ع ۾ سنڌ ۾ آيو ھو، تڏھن ٺٽي ۾ تمام گھڻي دولت ۽ واپار ھوندو ھو. پر ٽيورنيئر جي سفرنامي جي ھيٺئين حوالي مان، جو ان ڪان اٽڪل ھڪ صدي اڳ جو لکيل آھي، معلوم ٿئي ٿو، تہ ٺٽي جو ھن جي ڏينھن ۾ ئي زوال شروع ٿيو ھو. اٿليءَ واري ڇاپي مان حوالو ڏنو آھي، جو سنہ 1690ع ۾ بولان جي شھر ۾ ڇپيو ھو. مون ان جو ھڪ ئي نقل ڏٺو آھي، ۽ تعجب جي ڳالھ آھي، تہ مون کي سنڌ جي ميرن وٽان ھٿ آيو ھو. اھو ميرن جي ماڻھن، ھڪ بدبخت روميءَ ڪان ورتو ھو. جو سنہ 1828ع جي شروع ۾ حيدرآباد مان لنگھيو ھو. "درياءَ جي لَٽجڻ جي ڳالھ بہ عجب آھي. ان ۾ شڪ نہ آھي، تہ درياءَ گھٽائي پيرا رخ بدلايو آھي. مون کي شڪ آھي، تہ ڪو درياءَ اڳي جھازرانيءَ لاءِ، ھاڻي ڪان وڌيڪ ڪارائتو يا بيڪار ھوندو. افسوس آھي، تہ ان ڳالھ جي صحيح خبر ڪنھن نہ ڏني آھي، تہ انھن ڏينھن ۾ ٺٽو سنڌونديءَ ڪان ڪيتري مفاصلي تي ھو. ھاڻي اھو يقيناً پنجن ميلن ڪان وڌيڪ پري آھي. ٺٽي جو واپار، جو اڳي وسيع ھوندو ھو، سو ھاڻي گھٽو گھڻجي ويو آھي، ڇاڪاڻ تہ درياءَ جو ڇوڙ وڃي ٿو خراب ٿيندو ۽ واري ايتري ٿي وڃي آھي، جو ٻيڙين لاءِ رستو ئي ڪونھي" (— ٽيورنيئر، ڀاڱو 2.)

Scanned by CamScanner

جڏهن ڪابل جي بادشاهيءَ جو اوج هوندو هو، تڏهن سنڌ جي حاڪمن کي پنهنجن والين لاءِ عزت ۽ محبتا ڪانه هوندي هئي. هو پنهنجو ساليانو خراج خزاني ۾ تڏهن جمع ڪرائيندا هئا، جڏهن ڪا زبردست فوج اچي ڪائنن وصول ڪندي هئي. ميرن جهڙن ماڻهن مان اها اميد نٿي رکي سگهجي ته هو هڪ ڪريل خاندان جي عزت ڪندا. دراني گهراڻي جي تباهه ٿيڻ کان پوءِ، شاهي خاندان جي جن شهزادن سنڌس تختگاهه ۾ پناهه ورتي آهي، تن سان هنن نهايت حقارت آميز برتاءُ ڪيو آهي. جڏهن مان اتي هوس، تڏهن تيمور شاهه بادشاهه جو هڪ پاٽئيو، سنڌ مان لنگهيو هو. هو برطانيا سرڪار کان، جنهن هن بدقسمت ڪٽنب لاءِ سخا جي ديگ چاڙهي هئي. ان مان حصو وٺڻ لاءِ بمبئيءَ ٿي ويو. هو مشهور بادشاهه احمد شاهه جو پوٽو آهي، پر خاندان جي ٻين پاٽين وانگر ٻي سرو سامان ۽ آوارا آهي، جنهن کي مٿي لڪائڻ لاءِ هڪ جهُڳي به نه آهي. هو اهڙو ته غيرت وارو هو، جو ميرن جي دربار ۾ به نه ويو. ميرن ڪيس پنجهتر رپيا بمبئيءَ ڏانهن موڪليا، ۽ سمجهيائون ته، اسان مٿس وڏو احسان ڪيو آهي. هن سان فقط ٻه نوڪر ساڻ هئا، ۽ هو هڪ رواجي مسافر وانگر هڪ مسجد ۾ رهيو پيو هو. هن کي جڏهن اها خبر پيئي، ته مسٽر ايلفنسٽن هندستان ڇڏي ويو آهي، تڏهن ڪيس ڏاڍو رنج ۽ ڏک ٿيو. هن وٽ ڪجهه ڪونه هو ۽ مون کان مدد گهريائين. مون ڪيس ڪئپٽن والٽر ڏانهن خط ڏنو، جو پڇ ۾ دل کولي سنڌس تواضع ڪيو.

ڪڇ ڇڏڻ کان ٿورو پوءِ، مون کي سورت ۾ عام فوجي عدالت جي اڳيان شاهد جي حيثيت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ حڪمنامو مليو هو. مون کي هاٽي ملزم وٽان خطن رستي اطلاع مليو هو، ته جيستائين آءٌ حاضر نه ٿيندس، تيستائين مقدمو نه هلندو. تنهنڪري آءٌ تشويش ۾ پئجي ويس، ته هاٽي ڇا ڪجي. مون کي جو اميدن جي خلاف سنڌ ۾ انگريزن جي اثر وڌائڻ جو موقعو مليو هو، سو آءٌ ڇڏڻ لاءِ راضي نه هوس، بشرطيڪ ان کي سرڪار جي نظر ۾ ڪا اهميت نه هجي. مون ميرن ۽ سنڌن وزيرن کي ڪنهن به قسم جو دلاسو ڪونه ڏنو، ڇاڪاڻ ته آءٌ سرڪار جي رايي کان غير واقف هوس، ۽ نه مون ڪين ممبئيءَ خط لکڻ جو مشورو ڏنو، ته مباداً اتان ڪين رکو جواب ملي. پر مون هڪ تکڙي قاصد جي هٿان هدايتن لاءِ، ڪڇ ڏي نياپو موڪليو. مگر ڪڇ جو سفير ٻاهر ويل هو،

Scanned by CamScanner

تنهنڪري ڪيتري وقت تائين مون کي خاطريءَ جهڙو جواب ڪونه مليو. تنهنڪري مون ميرن کي چيو ته: "هاڻي مون کي وڃڻ جي اجازت ڏيو. فوجي عدالت جي شاهديءَ ڏيڻ کان پوءِ، واپس ايندس. انهيءَ وچ ۾، آءٌ گورنر ۽ سندس صلاحڪار جماعت کان پڇندس، ته انهن جو ڪهڙو حڪم آهي".

انهيءَ اطلاع جي جواب ۾، ميرن مون کي چيو ته: "اسان سڀ گڏجي سيوهڻ جي مشهور درگاهه تي، مراد عليءَ جي صحتيابيءَ جي شڪراني ادا ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا آهيون. اسان جي مرضي آهي، ته تون به اسان سان گڏجي هل". هن ملڪ ڏسڻ جو هيءُ مناسب موقعو هو، جو مون هتان وڃائڻ نٿي گهريو. پر، منهنجو انهن کي ٻڌائڻ فرض هو، ته منهنجي لاءِ وڃڻ تمام ضروري آهي. هو انهيءَ ڳالهه ۾ راضي نه هئا. پر آخر انهيءَ شرط تي مڃيائون، ته مان مهيني يا ڇهن هفتن بعد انهن جي موٽي اچڻ تي، ساڻن وري اچي ملندس. مون سمجهيو، ته منهنجو مقصد هاڻي پورو ٿيو آهي، پر ان کان پوءِ به، مان ڇهه يا اٺ ڏينهن ساڻن ملندو رهيس، جيستائين مون کي اجازت ملي. هو روز چوندا هئا ته: "اڄ نه، سڀاڻي وڃجانءِ". آخر جڏهن منهنجي لاءِ وڌيڪ ترسڻ محال ٿي پيو، تڏهن مون کان پڇيائون ته: "ڪهڙو رستو وٺي ويندين؟" مون هڪدم سنڌونديءَ جي رستي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. هڪ شاهي جهمپٽي منهنجي لاءِ تيار ڪئي ويئي، ۽ منهنجي عزت افزائي لاءِ پنهنجي سوٽ مير بجر خان جي پوٽي کي حڪم ڏنائون، ته هو مون سان پتڻ تائين گڏجي هلي.

جنوري جي ايڪيهين تاريخ، مان ميرن جي دربار ۾ پوئين دفعو ويس. موڪلاڻي ٻنهي طرفان ڏک ڀري هئي. مير صاحبن اڳين وانگر شڪرگذاري ڪئي. مون کي جا هنن سنڌ ۾ مسلسل مهمان نوازي ۽ عزت ڏني هئي، تنهن لاءِ مون به سندن احسان مڃيا. مون سان گڏ سندن ڪيترا مکيه عملدار پنجن ميلن جي مفاصلي تائين درياءَ جي طرف هليا. انهن ۾ منهنجو پراڻو دوست ولي محمد به هو. هن موڪلائڻ وقت مون کي پنهنجو ديوان ڏنو. تنهن کان سواءِ، هن مون کي ٻڌائڻ کان سواءِ، ڪيترين ڪمائتين شين منهنجي مسافريءَ لاءِ منهنجي سامان سان گڏ موڪليون هيون. آءٌ ڪيترن عملدارن سان گڏ، جن کي مون سان ساڻ هلڻ جو حڪم ڏنو ويو هو، ٻيڙيءَ تي چڙهيس. اسان هڪدم لنگر کنيو ۽ شام تائين ڪلاڪ ۾ اٽڪل ٽن ميلن جي رفتار سان

آسائش جهڙي مسافري ڪئيسون. رات جو اسان ٺرڪل ۾ لنگر هنيو. ٻيڙي اڳيونءَ جي شڪل جهڙي وڏي ۽ سنئين ٽري سان هئي. ۽ خاص آرام ۽ آسائش لاءِ ٺهيل هئي. ان ۾ منهنجي ۽ منهنجي ساٿين لاءِ هرهڪ ضروري شيءِ ۽ عيش عشرت جو سامان، جو سنڌ ۾ دستياب ٿي سگهيو ٿي، مهيا ڪيو ويو هو. ٻيڙيءَ جي تختن تي ٻه ٺارن جا بنگلا ناهيا ويا هئا. انهن مان هڪڙو منهنجي لاءِ هو. اهو عملدارن جي تنبوءَ جيڏو هو ۽ شڪل ۾ ٻه ذري گهٽ ان جهڙو هو. اهو ٻاهران ڳاڙهي ڪپڙي سان ڍڪيل هو، ۽ اندران ڇيٽ جو ڪپڙو لڳل هوس. ان کان سواءِ، اسان سان ننڍين ٻيڙين جو هڪ ساٿ ٻه هو، جنهن ۾ گهوڙا، اٺ وغيره هئا.

ٻاويهين تاريخ پرهه ڦٽيءَ مهل، اسان وري روانا ٿياسين. رات جو ٺٽي جي سامهون پهتاسين. مون ميرن کي ڪونه ٻڌايو هو، ته مون کي انهيءَ مشهور شهر ڏسڻ جو ارادو آهي. پر مون سمجهيو، ته اهڙو سونو موقعو هٿان وڃائڻ نه کپي. ٻئي ڏينهن صبح جو مان سوار ٿي روانو ٿيس. درياءَ کان ڇهه ميل مفاصلو هو. رستي تي جهنگ ۽ ساوڪ هئي. مان ٽڪرو ٽڪرو گهٽين مان لنگهي، اورنگزيب جي جامع مسجد ڏانهن ويس. جنهن جي ڏسڻ جو مون کي بيحد شوق هو. مون سان جي عملدار ساڻ هئا، تن ٺٽي وڃڻ تي ڪو اعتراض ڪونه ورتو. پر هنن کي ميرن کان کي ٻه هدايتون ڪونه مليل هيون، تنهنڪري هنن پنهنجن گهوڙن تان لهڻ کان انڪار ڪيو، ۽ آءٌ ٽڪرو شهر جون نمايان جايون ڏسي، ٻيڙي ڏانهن موٽيس. مون فقط ايترو ڏٺو، جو منهنجو اشتياق پورو ته نه ٿيو، اٽلو دل ۾ وڌيڪ ڏسڻ لاءِ خواهش پيدا ٿي. مون کي شهر جي هڪ - ٻه رهواسيءَ سان ٻه ڳڏجڻ جو موقعو نه مليو. مان ٻن - ٽن منٽن لاءِ اسان جي اڳوڻي تجارتي وڪيل، مسٽر ڪروءَ جي جاءِ تي ويس. اها شهر جي وچ ۾، مڪاني نموني جي هڪ وڏي عمارت آهي. ان جي ڇت تان مون کي سموري آسپاس واري ايراضيءَ جو نظارو ڏسڻ ۾ آيو. ٺٽي ۾ اڃا ان جي اڳوڻي شان ۽ شوڪت جا نشان آهن. شهر جي ايراضي نهايت وسيع آهي. هر طرف مقبرن ۽ مسجدين جا نشان آهن. جي ڏيکارين ٿا، ته عام ماڻهن جي روايت، ته ٺٽي جو احاطو ٻارهن ڪوهن ۾ هوندو هو، سا سچي هوندي. ساريءَ سنڌ ۾ اهو هڪ ئي شهر آهي، جتي پٿرن جون عمارتون آهن. حيدرآباد جي مقابلي ۾، ٺٽي جون

جايون اڪثر مضبوط ۽ بلند آهن. جيتوڻيڪ انهن مان گهڻيون هاڻي ويران ۽ زبون ٿي ويون آهن[1].

چوويهين تاريخ، اسان وري پنهنجو سفر شروع ڪيو. شام ڌاري پير پٺي جي پرسان سيتا جي پتڻ تي پهتاسين، جو ٻن ميلن جي مفاصلي تان ڏسڻ ۾ پئي آيو. سنڌونديءَ مان لهوارو لنگهندي، مون ڪي ڪا خاص نمايان ڳالهه نظر ڪانه آئي. مون پنهنجي سفر جي نقشي ۾ اهي شهر ڏيکاريا آهن، جن منهنجو ڌيان ڇڪايو هو. مون ڪي آباديءَ جو نشان نظر ڪونه آيو، سواءِ هڪ سرنهن جي ٻنيءَ جي. سارو ملڪ شڪارگاهن لاءِ تباهه ڪري جهنگ ڪيو ويو آهي. نئي جي پرسان الهندي طرف جابلو علائقو آهي. درياءَ جا ڪپر اڪثر ننڍا ۽ ڪاڏل هئا. چوڙ ڪان ونڃي ڪيترن ميلن تائين، ڪپر اهڙي نموني جا آهن. سنڌ جي تاريخي نديءَ ۽ ان جي خوبين ۽ خصوصيتن جو ڪئپٽن مئڪسفيلڊ جي پڙتال ۽ ٻين روبڪارين ۾ اهڙو ته مفصل بيان ڏنل آهي، جو مان ان ڪان وڌيڪ ڪجهه به لکي نٿو سگهان. مان مناسب نٿو سمجهان، ته ڪو ٻين ڪتابن مان حوالا ڏيئي پڙهندڙن کي اجائي تڪليف رسايان. اهي ميجر رينيل، مسٽر ڪرو[2] ۽ ڪرنل پاٽنجر جي تصنيفن ۾ نهايت دلڪش نموني ۾ ڏنل آهن. هن

---

(1) سنڌ ۾ مشهور درياءَ، جنهن کي يورپي آدمي انڊس ۽ هندو سنڌو چوندا آهن، تنهن نالي جي پٺيان سڏبو آهي. پر هن درياءَ جي الهندي طرف واري ملڪ جو حصو، هالڪنديءَ کان سمنڊ تائين، لاڙ سڏبو آهي. سنڌ جي زمين سيلاب کان پوءِ اهڙي ئي زرخيز ٿيندي آهي، جهڙي مصر جي. ساڳئي وقت سنڌ جو سيلاب مصر جي سيلاب وانگر بي اعتبار نه هوندو آهي. پاڻي مقرر وقت تي ساڳئي انداز ۾ چڙهندو ۽ لهندو آهي. سنڌونديءَ ۾ اپريل جي پڇاڙيءَ ۾ پاڻي چڙهندو آهي ۽ سيپٽمبر جي شروع ۾ لهندو آهي. ٻوڏ جي ايراضيءَ جو مدار علائقي جي سلامتي تي هوندو آهي. سراسري سيلاب ٻنهي ڪپرن کان پنجن ميلن تائين ٿيندو آهي. ڪن هنڌن تي، خاص ڪري دوآبي ۾ ان کان به وڌيڪ مفاصلي تي ويندو آهي. سنڌو درياءَ ۾ موسمي سيلاب کان سواءِ، ٻيون ڪي خاص خوبيون ڪونه آهن. پاڻي جي سير، ميري ۽ لڙائيل هوندي آهي. ان ۾ ايترا ته تانگها هنڌ ۽ واري هوندي آهي، جو فقط سنئين تري واريون ٻيڙيون، ان ۾ سلامتيءَ سان هلي سگهنديون آهن. سنڌونديءَ جي وهڪري ۾ تمام گهڻا وروڪڙ آهن. پيچڙيءَ ۾ ته بلڪل بي اعتبار آهي. لاڙ ۾ ان جي غير مستقل مزاجيءَ جا گهڻائي نشان آهن. ان مان سڀ کان وڌيڪ نمايان هڪڙي وڏي واهڙ جو سڪو پيٽ آهي، جو ڪراچيءَ کان اٽڪل پنجن ميلن جي مفاصلي تي آهي. ان کان پنج ميل پري، گردري وٽ، وري هڪ ٻيو ڦٽل واهه آهي". (ڪرو—)

(2) سنڌونديءَ جي واڳن متعلق مسٽر ڪرو هن طرح لکي ٿو ته: "واڳن کي وسارڻ نه کپي. اهي تمام گهڻي انداز ۾ آهن، ۽ هندو خواهه مسلمان انهن جي تعظيم ڪندا آهن. ڪراچيءَ جو محافظ ديوتا هڪ چلڪن وارو مرون (واڳون) آهي، جنهن کي زالن ۽ ٻارن جو لشڪر آهي. هو ڪراچيءَ جي ويجهو منگهي پير جي گرم چشمن مان، جي ميري پاڻيءَ جون ڪسيون نڪرن ٿيون، تن ۾ رهي ٿو. منگهوپير هڪڙو ولي هوندو هو، جو اڳي اتي رهندو هو. اهي جانور بعضي بعضي چشمي جي منهن ۾ گرم ٿهڪندڙ پاڻيءَ ۾ سمهيا پيا هوندا آهن، ۽ بعضي ٿڌن دٻن ۾ ليٽيون پائيندي نظر ايندا آهن". (ڪرو.)

سفرنامي جي پڇاڙيءَ ۾، سڪندر جنهن رستي سان سنڌ مان لنگهيو هو، مون ان تي پنهنجو تبصرو ضميمي طور ڏنو آهي. پر مان چئي نٿو سگهان، تہ اهو قابل غور بہ آهي يا نہ؟

مان اڳيئي لکي آيو آهيان، تہ ميرن جي ملڪن تي ڪو حملو ٿئي، تہ ان جي مقابلي ڪرڻ لاءِ وٽن محدود ذريعا آهن. سنڌونديءَ ڏي هڪ نظر ڪبي، تہ معلوم ٿيندو، تہ هڪ بحري طاقت لاءِ سنڌن ملڪ جي وچ ۾، درياءَ جي رستي پهچڻ، هڪ آسان ڳالهہ آهي. شاهي جهمپٽي، جنهن ۾ مان چڙهي سيتا آيو هوس، سا سڌي تري واري آهي. پر اها اڌ پلٽڻ کڻي سگهي ٿي. اسان رستي ۾ ايڏيون وڏيون ٻيون ٻيڙيون بہ ڏٺيون. آءٌ بحري لڙائيءَ جي فن جو ماهر نہ آهيان، پر مون کي خاطري آهي، تہ ننڍا هٿياربند آگبوٽ سنڌونديءَ ۾ ڪارآمد ثابت ٿيندا. پاڻي جي تک ۽ تانگهي شايد ڪجهہ تڪليف ڏين. پر لڙائيءَ جي اعلان ٿيڻ شرط اهڙا جانباز ملاح اچي اسان جي ٻيڙيءَ ۾ شامل ٿيندا، جي جهاز رانيءَ جي فن کان چڱيءَ طرح واقف آهن، ۽ جي هاڻوڪيءَ حڪومت جي تختي الٽي ڪرڻ لاءِ هر قرباني لاءِ تيار آهن.

سيتا ۾ مون کي حيدر لغاري گڏيو، هو مون کي هڪڙي آباد علائقي منجهان مغربيءَ وٽي هليو، اتان اسان هڪڙيءَ ويران ايراضيءَ مان لنگهياسين، جنهن جو ذڪر مون هن سفرنامي جي شروع ۾ ڪيو آهي. اتان لکپت وياسين، جتي اناويهين جنوريءَ تي پهتس.

مون اجا ڪڇ جي ڪناري تي پير رکيو، تہ مون کي وڪيل جو انيهن جنوريءَ جو لکيل خط پهتو. ان ۾ مون کي، جيستائين سرڪار وٽان فيصلو ٿي اچي، تيستائين سنڌ ۾ رهڻ جي اجازت ڏني ويئي هئي، ۽ ان سان گڏ مون کي ڪرنل لپٽن جو خط بہ پهتو، جو ان صاحب ڪرم فرمائي، سورت مان لکيو هو. ان ۾ لکيل هو، تہ فوجي عدالت جي ڪاروائي ختم ٿي ويئي هئي، ۽ منهنجي شاهديءَ جي ضرورت ڪانہ هئي. مون هڪدم هن خبر جو اطلاع ميرن کي ڏنو ۽ وري حيدرآباد لاءِ روانو ٿيس. سنڌ ۾ داخل ٿيس. مون اجا ٽيهہ ميل پنڌ مس ڪيو، تہ صوبدار جي بغاوت ۽ بدامنيءَ جي خبر پيم. تنهنڪري مان اتي جواب لاءِ ترسي پيس. مان ڪيترا ڏينهن پاليءَ ۾ رهيس، جا رڻ ۾ هڪ چونڪي آهي. اتي روز لڙاين ۽ خوفن جا افواهہ ٻڌبا هئا. تيرهين تاريخ مون کي ميرن وٽان وڪيل

جي معرفت نياپو مليو. ته ملڪ جي اهڙيءَ حالت ۾ مون کي اڳتي وڌڻ نه کپي. تنهنڪري مان مصلحت ڪان ڪم ورتي، لڪپت موٽي ويس. اتي جلد ئي مون کي مانواري گورنر ۽ سندس جماعت وٽان. پُٺ موٽي وڃڻ جو حڪم پهتو.

مون کي معلوم ٿيو. ته سرڪار کي سنڌ ۾ وڪيل رکڻ جو ارادو ڪرڻ هو. تنهنڪري مون کي حيدرآباد ۾ مڪاني وڪيل لکيو. ته مون کي ڪو ضروري ڪم ڏنو ويو آهي. جنهنڪري مون ميرن سان وري گڏجڻ جو جيڪو وعدو ڪيو هو. سو ڪونه پاڙي سگهندس. مير صاحب انهيءَ ڳالهه تي مطمئن ٿيا. ان کان پوءِ هو مون سان باقاعدي خط و ڪتابت ڪندا رهيا آهن. هنن جا خط پياس پريا آهن. ۽ ڏيکارين ٿا. ته ڪين مون سان سٺن تعلقات رکڻ جو خيال آهي. مان سمجهان ٿو. ته جيڪڏهن مان چاهيان. ته هو مون کي پاڻ وٽ دعوت ڏيئي گهرائي، هميشه لاءِ رهائڻ لاءِ تيار ٿيندا.

پڇاڙيءَ جو هن تذڪري ۾ جي اوڻايون آهن. تن لاءِ مان معافيءَ جو طلبگار آهيان. اهي اوڻايون منهنجي سستيءَ ۽ لاپرواهيءَ جو نتيجو نه آهن. مگر اهي اوڻايون انهن مشڪلاتن جي ڪري پيدا ٿيون آهن. جي مون کي هن تذڪري لکڻ ۾ پيش آيون هيون. جيڪي مصنف پنهنجي ڪارواين جا تذڪرا لکندا آهن. سي پنهنجي ۽ پنهنجي ڪاروان متعلق اهڙا لفظ استعمال ڪندا آهن. جي شايد تهذيبي آداب جي خلاف هجن. انهيءَ عذر ۾ مون کي فقط ايترو چوڻو آهي. ته مون صداقت ۽ سچائيءَ سان اهڙيءَ طرح حقيقتن کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيئن اهي تحقيق ڪيل آهن. ميرن سان منهنجي جيڪا لهه و چڙ ٿي هئي. تنهن متعلق به مون فقط ايترو لکيو آهي، جيترو هنن جي ذهنيت ۽ نشست و برخاست جي صحيح نموني ڏيکارڻ لاءِ ضروري آهي. مون گهڻا دلچسپ واقعا نه ڏنا آهن. انهن مان ڪيترا اسان جي مڪاني وڪيل جي خطن ۾ ڏنل آهن. جي هن ڪڇ جي وڪيل ڏانهن موڪليا هئا. اهي خط پُٺ موٽڻ کان پوءِ. منهنجي نظر مان گذريا آهن.

قلم تازو [1] هن تذڪري لکڻ کان پوءِ. سنڌ ۾ هڪ واقعو ٿيو آهي، جو ياد ڪرڻ جوڳو آهي، ۽ جو منهنجين ڳالهين جي تصديق ڪري ٿو: مير ڪرم علي

[1] 15 - آگسٽ 1829ع.

بخار وگهي، ڊسمبر سنہ 1828ع ۾ گذاري ويو. هن جو وارث مراد علي آهي، جو انهن ڇئن پائرن مان پويون آهي، جن ٽالپر گهراڻي جو پايو وڌو هو. هو هاڻي ملڪ جو واحد ۽ تسليم شده حاڪم آهي. هن جي هٿن ۾ ايتري طاقت آهي: جا اڳي ساري خاندان کي به نہ هوندي هئي. فوتيءَ جي عزيزن کي، هُن جي وفات تي نهايت رنج ۽ الم آهي. هو مٿن نهايت مهربان ۽ شفيق هوندو هو. هن جي وفات ڪري دربار ۾ گهڻيون تبديليون ٿينديون. دربار جي انتظام تي جو خرچ ٿيندو هو، سو سمورو هو برداشت ڪندو هو.

فيبروري سنہ 1828ع ۾، صوبدار جي بغاوت وقت جو ناهہ ٿيو هو، ان جو هڪڙو شرط قرآن مجيد تي لکيو ويو هو، سو اهو هو تہ ڪرم علي، صوبدار کي پنهنجو پٽ ڪندو. پر صوبدار، جو هڪ ضعيف طبع شخص آهي، سو ناهہ کان پوءِ وري گمناميءَ ۾ غرق ٿي ويو، ۽ پنهنجن مددگارن کي وڏن ميرن جي ڪيني ۽ ظلم جو، بزدليءَ سببان شڪار ٿيڻ ڏنائين. تنهنڪري اها ڳالهہ تعجب خيز نہ آهي، تہ هن ۾ ايترو بہ دم نہ رهيو هو، جو چاچي جي وفات کان پوءِ، پنهنجي موروثي خزاني تي تبصرو ڪري سگهي. مراد عليءَ حرفت ڪري خزانو پهريائين فوتيءَ جي ياءُ جي زالن وٽ رکرايو، ۽ تنهن کان پوءِ، ان تي پاڻ قبضو ڪيائين. ڪرم عليءَ جي ارضي ملڪيت بہ سواءِ ننڍن شهزادن ۽ جاگيرن جي، هاڻوڪي حاڪم جي هٿ آئي آهي. اُميد آهي، تہ سنڌ هن جي طاقتور حڪومت ۾، گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ وقت، امن امان ۽ صلح سانت ۾ رهندي.

Scanned by CamScanner

سڪندر جي رستي تي تبصرو

هن تذڪري جي نقل سان گڏ، مون سرڪار جي خدمت ۾ سنڌونديءَ ۽ جنهن رستي ڪان مان موٽي ويو هوس، تنهن متعلق ڪيتريون ياداشتون بہ پيش ڪيون هيون. منهنجي خيال ۾ اهي ياداشتون نہ دلچسپ آهن، نہ ضروري تنهنڪري انهن جو ذڪر هن تذڪري ۾ ڏيڻ مناسب نہ آهي. پر هي خام خيال يا وهم، جي مون پنهنجي مسافريءَ جي دوران ۾ ٽڪڙو قلمبند ڪيا هئا، سي مان هت رهڻ ڏيندس، جيڪو بہ مسافر سنڌ ۾ سفر ڪندو آهي، سو فطرتاً سنڌونديءَ بابت ڪجهہ نہ ڪجهہ لکڻ پنهنجو فرض سمجهندو آهي. تنهن ڪان سواءِ ممڪن آهي، تہ منهنجا هي نقطا، ڪنهن صاحب لاءِ ڪارائتا ٿين، جنهن کي سڪندر جي رستي جهڙي دلچسپ معاملي ۾ کوجنا ڪرڻ جو شوق هجي. منهنجو اندازو آهي، تہ سنڌوندي هاڻي ان حالت ۾ آهي، جهڙيءَ حالت ۾ بہ هزار ورهيہ اڳ يونانين جي ڏينهن ۾ هئي. انهيءَ ڳالهہ جو خاطريءَ سان فيصلو ڪرڻ ناممڪن آهي. مون کي سنڌونديءَ متعلق تحقيقات گڏ ڪرڻ جو بيحد شوق هو. آءٌ جڏهن سنڌ ۾ هوس تڏهن، ۽ سنڌ مان موٽڻ بعد ڪيترن ئي مڪاني ماڻهن ڪان مون پڇائون ڪيون آهن. پر هنن مان فقط اها ڳالهہ معلوم ٿي آهي، تہ سنڌوندي نهايت غير مستقل مزاج آهي. هو چون ٿا، تہ اسان جي مختصر حياتيءَ ۾ بہ ان ۾ ڪيتريون اوچتيون ڦيريون گهيريون ٿيون آهن. هڪڙو نوجوان ۽ هوشيار خراساني، جنهن کي مان پاڻ سان حيدرآباد مان وٺي آيو هوس، جتي هو گهڻا سال رهيو هو، تنهن مون کي چيو، تہ سنڌوندي اهڙي تہ بي اعتبار آهي، جو جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي سنڌونديءَ جي ڪنهن خاص منهن مان سمنڊ ڏي وڃڻو هجي، ۽ هن کي اچ خاطري هجي، تہ اهو منهن کليل آهي، تہ سياڻي امڪان آهي، تہ ٺٽي ڪان هيٺ اهو منهن هوندو ئي ڪونہ.

ٺٽي ڪان هيٺ سنڌوندي ڦٽي ٻن وڏين شاخن ۾ وهي ٿي- هڪڙي ميرايون ۽ ٻي بگهاڙ. آءٌ بگهاڙ، جو سيتا بہ سڏبو آهي، وٺي هيٺ ويو هوس. جتي اهي شاخون جدا ٿين ٿيون، اتي بگهاڙ ميراين ڪان وڏو آهي. ٺٽي ڪان چار ڪوهہ هيٺ درياءَ جي ڪپي ڪپر تي سمن جو ڳوٺ آهي. هتي درياءُ منو ميل ويڪرو آهي. ائروسمٿ ۽ ڪٺريءَ جي نقشن ۾ انهن ٻن وڏين تقريباً هڪجيڏين شاخن جو نالو نشان بہ نہ آهي، پر اهي فوجي عملدارن جي قلمي نقشي ۾ صحيح ڏيکاريل آهن. ميرايون

ڀريان هڪ ننڍي شاخ نشان ڪيل آهي. پر پوءِ مکيه درياءُ ڏيکاريل به آهي. اها لاهري ۽ براجي بندرن کان لنگهي وڃي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. هيءُ نقشو ميجر ريٽيل جي اڳين صديءَ جي آخر ۾ ڏنل بيان سان، نالن ۽ ٻين ڳالهين ۾ ملي ٿو.

آءٌ سمجهان ٿو، ته اڳين ماڻهن کي هاٿوڪن مصنفن کان سنڌ جي دوآبي جي وڌيڪ خبر هئي. يوناني مصنف ائرين (Arrian) لکي ٿو ته: "هن ايراضيءَ ۾ سنڌوندي يوناني اکر جي صورت اختيار ڪري ٿي ۽ اها ايراضي مصر جي دوآبي واري پرڳڻي کان گهڻو وڏي آهي. پٽالا جي پرسان سنڌوندي ڦٽي ٻن وڏين شاخن ۾ وهي ٿي، ۽ اتي، ٻيئي سمنڊ تائين ساڳئي نالي سان سڏجن ٿيون". آءٌ اڪين ڏٺي ثابتيءَ سان چئي سگهان ٿو، ته اها پوئين ڳالهه صحيح آهي. ماڻهو چون ٿا، ته جيتوڻيڪ ٻگهاڙ يا سيتا، جنهن مان هن وقت آءٌ گذري رهيو آهيان، سا ٿوري مفاصلي کان ڦٽي گهڻيون شاخون ٿئي ٿي، ۽ واياٽيءَ وٽ وڃي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. تنهن هوندي به بندر بستہ ۽ لکپت جي ڦاٽ يا سنڌونديءَ جي حقيقي اوڀارين شاخ ۾ سولائيءَ سان پهچي سگهجي ٿو. جيڪڏهن هاٿوڪن جاگرافي نويسن کي اها خبر هجي، ته هو ائين نہ چون ها، ته سڪندر سنڪري واهہ مان اوپر طرف ويو هوندو. جيتريقدر مون تحقيقات ڪئي آهي، تہ هن وقت سنڌ ۾ "سنڪري" نالي ڪوبہ واهہ ڪونہ آهي. ممڪن آهي، تہ هن وقت ڪو واهڙ ان نالي سان سڏبو هجي. ڏسجي ٿو، تہ اڳينءَ صديءَ جي وچ ڌاري انهيءَ نالي جو ڪو واهڙ هو. چاڪاڻ تہ نادرشاهہ ۽ دهليءَ جي بادشاهہ جي وچ ۾ جيڪو عهدنامو ٿيو هو، ان ۾ انهيءَ نالي جو ذڪر ڪيل آهي. اهو واهہ غالباً ڦرائيون [1]، ڦليلي يا پرسياري هوندو. انهيءَ حالت ۾ اسان کي ائين نهارڻو پوندو، تہ هاٿوڪو ننو ۽ برهمڻ آباد جو قتل شهر، جو ان جي ويجهو آهي، سي يونانين وارو شهر پٽالا نہ آهي، يا تہ سڪندر نٽي کان متي وڃي، سنڌونديءَ جي اوڀارينءَ شاخ ۾ ڏسڻ لاءِ ويو هو، جنهن جو ڪوبہ

---

[1] ورهاست واري عهدنامي جا هينيان لفظ ڏيکارين ٿا، تہ سنڪرو واهہ، ڦرائون يا ڪوري ندي هوندو، جا سنڌونديءَ جي سڀ کان اوڀارين شاخ آهي، ۽ جنهن جو چوڙ سنڌ کي ڪڇ کان ڌار ڪري ٿو- - "آءٌ پدري محبت ۽ برادرانہ شفقت جي ڪري، نادرشاهہ کي اٽڪ درياءَ آبِ سنڌ، سنڌو درياءَ جي شاخ سنڪري واهہ جي اولهہ طرف جو سمورو ملڪ آهي، سو ڏيان ٿو وغيره. هنن جون سڀ ٻنيون، ڳوٺ، ڪوٽ، شهر، بندر، اٽڪ جي منهن کان وٺي، سيني لڪن ۽ بستين سميت، جي سنڌونديءَ ۽ ان جي شاخن جي وچ ۾ اچي وڃن ٿيون، سنڪري واهہ تائين، جتي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو وغيره".

ذڪر يا امڪان نہ آهي. مشرقي ملڪن ۾ مڪاني ماڻهو ساڳي نديءَ ڪر
ڪيترائي نالا ڏيندا آهن ۽ وري انهن کي بدلائيندا آهن. جيئن ملڪ جو رواج
بدلبو آهي، تنهنڪري تمام گهڻو مونجهارو ٿيندو آهي.

جيڪڏهن اسين فرض ڪريون، تہ شير مقدونيہ (سڪندر) بگهاڙ يا سيتان ۾ جهاز ٺاهي ڪٺي هئي، تہ انهيءَ حالت ۾ هن جي مسافريءَ جا سڀ مسئلا حل ٿين ٿا ۽ ڏکن هٽڻ جي ضرورت نہ ٿي پوي. اها مڃين واري ڍنڍ [1] جنهن جو ذڪر ائرين ڪري ٿو، سا لکپت جي ڪاري هوندي، جا سمنڊ جي پرسان ڏهہ ميل ويڪري آهي. چون ٿا، تہ ڍنڍ مان لنگهڻ ڪان پوءِ، هو ٿي ڏينهن [2] ڪنارو وٺي پئي ويو ۽ رستي ۾ کوهہ کوٽايائين. جاگرافيدان ان ڳالهہ تي يڪراءِ نہ آهن، تہ ڪو هو ڪڇ ۾ ويو هو. جيڪڏهن هو نارائڻ سر ۾ لٿو هوندو ۽ سٺ ميل پنڌ ڪيو هوندائين، جيئن ڊاڪٽر ونسينٽ تخمينو ڪري ٿو، تہ ان حالت ۾ هو ابراسہ جي علائقي ۾ سندان جي ڳوٺ ۾ پهتو هوندو، ۽ پيرجاڪو ۽ ڪورانو واري علائقي مان لنگهيو هوندو. ان ڪري اها تاريخي زمين ڪري ليکي سگهجي ٿي. قديم جاگرافين جي نقشن ۾ جيڪو زائلينو پولس [3] جو شهر ڏيکاريل آهي، سو هاڻوڪي لکپت کي نارائڻ سر ڪان وڌيڪ ويجهو، يعني ڪوري نديءَ تي مٿيرو آهي. جيڪڏهن سڪندر اتي لٿو هو، ۽ اتان سٺ ميل پنڌ ڪيو هئائين، تہ ان حالت ۾ هو بندر جکي ڪان پرتي ڪونہ ويو هوندو.

ممڪن آهي تہ پٽالي جو شهر اتي هجي، جتي هاڻي جهرڪن جو شهر آهي. ان حالت ۾ سڪندر پڇاري شاخ مان لنگهيو هوندو، جا ٻني، لائقپور، ميرپور ۽ مغربيءَ ڪان لنگهي ٿي. اتان هو لکپت جي ڪاريءَ تائين اڃي سگهيو هوندو. مون کي معلوم ڪونہ ٿيو، تہ ميٺ يا مهراڻ نالي ڪا ايڏي وڏي شاخ بگهاڙ مان نڪري ٿي، جيئن بحري آفيسر جي نقشي ۾ ڏيکاريل آهي. مون کي خاطريءَ سان معلوم ٿيو آهي، تہ هن موسم ۾ پڇاريءَ ڪان سواءِ، ٻئي ڪنهن بہ پاٽيءَ جي رستي مغربيءَ وڃي نہ سگهبو آهي. پر سڪندر کي آگسٽ يا سيپٽمبر ۾ ان مان لنگهڻ ۾

---

[1] ائرين جيڪو ڍنڍ جو بيان ڏنو آهي، سو ڪڇ جي رڻ سان لاڳو ٿي سگهي ٿو. جو ان وقت پاٽيءَ هيٺ هو. جڏهن هو ڪبي پاسي واريءَ شاخ جي چوڙ وٽ پهتو، تہ اتي ڍنڍ هئي. اها درياءَ يا ٻين ندين جي پاٽيءَ جي ٻوڏ ڪري ٺهي پئي هئي، ۽ اپسمنڊ وانگر نظر پئي آئي.

[2] هن، گهوڙيسوارن جو هڪ دستو وٺي، ٽي ڏينهن ڪناري جو معائنو ڪيو، ۽ پنهنجي بحري ٻيڙي جي حفاظت لاءِ اپسمنڊ يا ڪاري ڳوليندو رهيو.

[3] زائلينو پولس معنيٰ وڻڪار وارو شهر. اهو نالو لکپت جي علائقي لاءِ هن وقت نهايت موزون آهي.

Scanned by CamScanner

تڪليف ڪانہ ٿي هوندي. ڇاڪاڻ تہ انهن ڏينهن ۾ بيچاري ڦوڪيل وهندي هوندي. سفارتخاني جو منشي چئي ٿو، تہ هو چوبهہ ورهيہ اڳ پنهنجي ڪتب سان انهيءَ شاخ مان نٽي ڪان ڪوٽ سر، جو لکپت جي ڪاريءَ تي آهي، ويو هو. نقشي ۾ جو نالو ڏنل آهي، سو مون ڪونہ ڦيرايو آهي. پر جيتريقدر مون کي خبر آهي، تہ هن شاخ کي سنڌ ۾ميٺ ميراين جي نالي سان ڪونہ سڏيندا آهن.

منهنجي ناقص عقل ۾، ان ۾ ذري ماتر بہ شڪ نہ آهي، تہ نٽو ئي قديم زماني جو شهر پٽالا آهي. آئرين چوي ٿو، تہ پٽالا لفظ جي ساڳي معنيٰ آهي، جا يوناني لفظ "ڊيلٽا" يعني دوآبي جي آهي. جيڪڏهن سنڌ جو ڪوبہ حصو دوآبي سڏجڻ جي لائق آهي، تہ اهو نٽي ڪان جيڪو هيٺ علائقو آهي، سو آهي. اها ڳالهہ بہ ممڪن نہ آهي، تہ سڪندر جنهن نيل نديءَ جي دوآبيءَ جو معائنو ڪيو هو، سو ڪن ٻين مٿين شاخن کي، جي تمام ننڍيون هونديون، تن کي ڪو دوآبي جي نالي سان سڏيندو. ان ڳالهہ جي هڪ ٻي بہ ثابتي آهي، تہ پٽالا مٿي نہ هو. لکيل آهي، تہ سڪندر پهريان پٽالا مان سڄي هٿ واري شاخ وٺي ويو هو، جا لاشڪ هاٺوڪي ميرايون شاخ آهي، ۽ اجا چار سوءِ فرلانگ يا پنجاهہ ميل پنڌ ڪيائين، تہ ناڪئن خبر ڏنس، تہ سمنڊ ويجهو آهي. اهو ٻڌي، هو خوشيءَ ۾ گد گد ٿي ويو. اسان کي معلوم آهي، تہ نٽي ۽ سمنڊ جي وچ ۾ اسي ميل مفاصلو آهي. اهو ممڪن نہ آهي، تہ ناڪئا خواهہ انهن کي ڪيترو بہ آزمودو هجي، ٽيهن ميلن کان وڌيڪ مفاصلي تي هوا جي رُخ مان چئي سگهندا تہ سمنڊ ويجهو آهي. هن راءِ جي خلاف فقط هڪڙي ڳالهہ آهي. سا هي تہ سنڌونديءَ جي وِير سمنڊ کان سٺ ميلن تائين ويندي آهي. مقدونيا وارن وِير جو لاهہ - چاڙهہ ڏٺو هوندو. اڳتي هلي، هيءَ وِير ڏسي حيران بلڪ خوفزده ٿيا هوندا. جڏهن هو اجا سمنڊ کان ٽيهن ميلن تي ڪونہ پهتا هوندا. ممڪن آهي تہ هو سير ۾ ڪيترا ميل هيٺ تڪڙا هليا ويا هجن، ۽ ڪين وير جي خبر نہ پئي هجي. ان ڳالهہ تي ڪهڙو بہ ناڪئو پلجي سگهي ٿو، خاص ڪري انهيءَ موسم ۾، جنهن ۾ هو سنڌ مان لنگهيا هئا. ان وقت سنڌونديءَ ڦوڪيل وهندي آهي. انهن کي خبر تڏهن پئي هوندي، جڏهن وير گهڻو چڙهي هوندي، ۽ ڏکڻ - اولهہ جي چوماسي هوا سندن راهہ ۾ رڪاوٽ وڌي هوندي. هن ۾ وري ٻيو اختلاف آهي. چون ٿا، سڪندر پنهنجي سپهہ سالار ليونيٽس کي حڪم ڏنو هو تہ: "هو پنهنجي لشڪر

سميت بحري ٻيڙي سان گڏوگڏ هلندو اچي، پر سنڌونديءَ جي ڇوڙ وارو ملڪ اهڙو آهي، جو هو سمورو وقت آرماڙ جي ويجهو ڪونه رهي سگهيو هوندو. قديم جاگرافي نويس نهايت صحيح آهن. ائرين چوي ٿو، ته سنڌونديءَ جو مکيه منهن ٻارنهن ميل ويڪرو هو. جديد کوجنائن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي، ته اها ڳالهه بلڪل صحيح آهي. ونسينٽ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اها ڳالهه غلط آهي. هن جي خيال موجب يونانين ڊڄي ڪري وڌاءُ ڪيو آهي[1].

---

(1) "سمنڊ جي ويجهو سنڌوندي ٻه سؤ اسٽيڊيم ويڪري نظر آئي" (- ائرين) "هيءَ هڪ وڌاءُ آهي. اسٽيڊيم جي ڪيتري به ماپ هجي ۽ پاڻي ڪيتري به اٿل ڪائي، ته به اها ڳالهه صحيح نٿي ٿي سگهي". (- ونسينٽ.)

Scanned by CamScanner

سنڌ جي دربار

”سنڌ جي دربار“ جيمس برنس جي مشهور انگريزي ڪتاب (A Narrative of A Visit to the Court of Sindh: A Sketch of the History of Cutch) جو سنڌي ترجمو آهي. اصل ڪتاب سال 1831ع ۾ انگلنڊ ۾ شايع ٿيو هو. هن سنڌي ترجمي جو ڪم محترم محمد حنيف صديقي صاحب سرانجام ڏنو آهي. صاحب موصوف کي بورڊ هن ڪتاب سان گڏ ساڳئي سلسلي جي ٻين ٻن تاريخي ڪتابن: Sindh and the Races that inhabit) the valley of the Indus) ”سنڌو نديءَ جي ماٿريءَ ۾ رهندڙ قومون“ (از: رچرڊ برٽن)، ۽ (Travels in Balochistan and Sindh) ”سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر“ (از: هينري پاٽنجر) جي ترجمي جو ڪم پڻ سونپيو هو. انهن ٻنهي ڪتابن جو ترجمو وٺائنس ٿي بورڊ کي مليو. جي پڻ شايع ٿي چڪا آهن. هن ڪتاب جي مطالعي مان ڏٺو ويندو ته جيمس برنس هيءُ ڪتاب خاص انهيءَ مقصد سان لکيو هو، ته پنهنجن بالاعملدارن (انگريز حاڪمن) کي سنڌ بابت معلومات ڏئي. سنڌ تنهن زماني ۾ اڃا انگريزن جي قبضي هيٺ نه آئي هئي.

–ادارو

Scanned by CamScanner